# ڪنور

ليکڪ: تيرٿ - و - بسنت

دوست ڪهائي دادلا، توڙي مڇ مارائي
خاص خليلن کي، سختيون سهائي
الهيه آهي، ڪا انهي ڳالهه اسرار جي.
(شاه)

چاپو پهريون { قيمت ٣-٠-٠ ، پڪو جلد ٣-٨-٠ } سال ١٩٥٧

ليکڪ جي اجازت بنا هن ڪتاب جو
ڪوبه حصو ڪم نٿو آڻي سگهجي.

پرڪاشڪ
سرسوتي ساهتيه گهر
ڪچهري روڊ اجمير - هند

شاد باش اي عشق، خوش سوداءِ ما
اي طبيب جمله علتهاءِ ما
جسم خاک از عشق بر افلاک شد
کوه در رقص آمد و چالاک شد

رومي

## ارپيان ٿو

## هي پستڪ

الهه شرڌا سان
جڳت پتا ۽ مٺش پرالا کي!

ليکڪ

ڪبيرا کڙا بازار ۾، سڀ کي مانگي خير
نا ڪاهوُ سي دوستي، اور نا ڪاهوُ سي ٻير
يهہ جڳ ھئہ اڪ گورک ڌندا،
پاپ ڪا جس ۾ ڪوئان انڌا
ڦسلن ھئہ پڳ پڳ پئہ تيري، ديکهہ ڦسلي پير
پيار کي من ۾ جوت جلالي، ھر دل ۾ اڪ راهہ بنالي
جس ڪا توُ ھئہ، وہ ھئہ تيرا، ڪوئي نهين ھئہ غير.



BHAGAT KANWAR RAM No. 13

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١. پرڪاشڪ پتر | |
| ٢. مهاڳ | |
| ٣. جنم ساکي | ١ |
| ٤. سوامي سترامداس | ٢١ |
| ٥. ڪشور اوس | ٥٠ |
| ٦. ڀڪتي مار | ٨٠ |
| ٧. وچن ٻاليا | ٩١ |
| ٨. نمرتا | ٩٧ |
| ٩. ڪرت ڪار | ١٠٨ |
| ١٠. جيون سکيا | ١٢٦ |
| ١١. لوڪ گيت | ١٥٥ |
| ١٢. قلم تازو | ٢٨٣ الف |
| ١٣. ديوستان | ٢٨٣ |
| ١٤. پلنامو | ٣١٧ |



From the Library of
A. J. UTTAM
12-B/2, Jethibhen Society,
Mahim, Mumbai - 400 016. (INDIA)
Tel. : 91-22-24441130 / 24464941
www.sundriuttam.com
Email : jaisindh@vsnl.com

# فهرست ڀڄن جي

## الف


| ڀڄن | | صفحو |
| --- | --- | --- |
| اب مئن ناچون گوپال | (ميرا) | ١٦٠ |
| آهو جي ٻنسري ٻڄ دي ٻنا | | ١٧٨ |
| اڄ مان ڪنهن سان سليمان سور | | ١٨٠ |
| آوي سڄڻ رنگ لايا ويڪا | (بلاشاه) | ١٨٣ |
| انهن ظالم اکڙين سان | (عثمان) | ١٨٤ |
| اساڻي دل گهٽي توڙي | (يعقوب) | ١٨٧ |
| آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه | (درياخان) | ٢٠٤ |
| آيو عشق اڱڻ لايون درد ڏڄون | " | ٢١١ |
| آءُ ڪانگا ڪا پرين جي ڳالهه ڪر | (سچل) | ٢١٦ |
| اچوڪي يار ياري ۾ | (جهال شاه) | ٢١٨ |
| اول الله نور اپائيا | (ڪبير) | ٢٢٤ |
| اچو تيرو داءُ ٻيوري ڀڄن ڪو داءُ ٻيوري | (روحل) | ٢٣٣ |
| اوکي گهڙي نه ويکڻ دي | (نانڪ) | ٢٥١ |


## ب


| | | |
| --- | --- | --- |
| ٻسو ميري نئنن ۾ نند لال | (ميرا) | ١٧٧ |
| ٻوند ٻرهه جي ٻهار لڳي | (شاه) | ٢٤٢ |


## ت


| | | |
| --- | --- | --- |
| تيري شرن ۾ آءِ ڪي | (برهمانند) | ١٦٦ |
| تنهنجي آءُ پلئه لڳي آهيان | (شاه) | ١٩٦ |
| تنهنجي زلف جي ٻند ڪمند وڌا | (مسرور) | ١٩٦ |

| ڀڄن | | صفحو |
|---|---|---|
| تنهنجي درشن جي ديدار مٿان | (شيواسنگهه) | ٢٠٧ |
| تون آهين صاحب صورت جو | (سچل) | ٢١٥ |
| تن ڏر سکيا ڪوئي نه ديکا | (ڪبير) | ٢٢٦ |
| **ٿ** | | |
| ٿيا ٿيا ڪر يار | (بلاشاه) | ٢٤٩ |
| **ٺ** | | |
| ٺاڪر تو شرڻائي آئيو | (نانڪ) | ١٦٧ |
| **پ** | | |
| پرڀو جي تون ميري پران آڌاري | (نانڪ) | ١٦٣ |
| پکي ٿي پرينءَ ڏي وڃان شال اڏامي | (صالح) | ١٩٠ |
| پوڄا اور سيوا ڪر گهڻمت ڀڄاوي | (تلسيداس) | ٢٢٢ |
| پريتم جان ليو من مانهين | (نانڪ) | ٢٢٧ |
| پي لي پيالا هو متوالا | (ڪبير) | ٢٢٨ |
| پسي ڳاڙها گل | (شاه) | ٢٤٤ |
| **ج** | | |
| جاڳ ري سرت سهاڳڻ جاڳ | (ڪبير) | ١٦٢ |
| جاڳ من نند نه ڪريئي | (وليرام) | ١٦٨ |
| جوئي آهيان سوئي آهيان | (سچل) | ١٧٢ |
| جو يار آهي ياقي | (صاحب ڏنو) | ١٩٦ |
| جنهن دلبر ديهه بدرجيان | (جلال) | ١٩٧ |
| جيڪو سيئي سياڪا سئي سئي | (روشن) | ٢١١ |
| جن پرڪو پيتا جام | (سچل) | ٢١٩ |

| | | صفع |
|---|---|---|
| **ڄ** | | |
| ڄڳت ۾ جوٺي ديکي پريت | ( نانڪ ) | ۲۲۸ |
| ڄوڳي مت جا مت جا | ( ميرا ) | ۲۳۰ |
| **ڇ** | | |
| چت چرن ڪمل ڪا آسرا | ( تيغ بهادر ) | ۱۶۴ |
| ڇيڙا هم ڇڙ يدا لعل | ( بلا شاه ) | ۲۲۱ |
| **خ** | | |
| خوش ٿو گذارين مهنجا منا | ( پيرل ) | ۱۸۸ |
| **د** | | |
| دادو ديکا ديدا | ( دادو ) | ۱۷۰ |
| دريا در بارا کل گيا | " | ۱۷۰ |
| دادو دل وچ ديکا | " | ۱۷۱ |
| درسن بن دوکن لاڳي نئن | ( ميرا ) | ۱۷۸ |
| دلبر دي دروازي تي | ( حمل ) | ۲۳۸ |
| دم دم دي وچ سهڻل سائين | ( بهاول ) | ۲۵۰ |
| **ڏ** | | |
| ڏنو مون ڪوله ڪو ڪائي | ( يعقوب ) | ۱۸۸ |
| ڏسو عاشقن جا انصاف | ( ڌرمداس ) | ۲۰۸ |
| **ر** | | |
| رکه رمز وجود وڄاوڻ دي | ( بيدل ) | ۱۳۶ |
| رام سمر پرياسي ميري من | ( زانڪ ) | ۱۶۸ |
| راتا لو بن راسي وينئي مون ورهيه | ( شاه ) | ۲۱۰ |

| ڀڄن | | صفحو |
|---|---|---|
| **س** | | |
| سچو سائين سترامداس اُهڪا ري | | ۴۸ |
| ستگور آيو شرن تمهاري | ( نانڪ ) | ۱۶۵ |
| ساڃ سڏائڻ آهي سوڙکو | ( آغا ) | ۲۱۳ |
| سڀئي سڀا جهل ٻاجهه ڪريو ڪا | ( قطب شاه ) | ۲۱۷ |
| سک ساگر ۾ آئڪي مت جائو | ( ڪبير ) | ۲۲۹ |
| سندر سڄڻي سيڻ سڀئي | ( ديدڙ ) | ۲۳۶ |
| سادو من ڪا مان تياڳ | ( نانڪ ) | ۲۴۳ |
| **ص** | | |
| صدقي الک جي ٻيڙو تار منهنجو | | ۲۱۳ |
| **ع** | | |
| عشق جي مڪتب ۾ ويهي ڪر | ( درياخان ) | ۱۰۶ |
| عمر ميار تي موکي ماري | ( شاه ) | ۲۰۴ |
| **ط** | | |
| طلب تنهنجي آهه دلبر | ( سچل ) | ۱۹۵ |
| **ڪ** | | |
| ڪيڙو مست ٿيو بن جي | ( سچل ) | ۱۶۱ |
| ڪاهي ري بن کوجن جائي | ( نانڪ ) | ۱۶۴ |
| ڪانگا ڏجانءِ ڪرشن کي پيغام | ( ٻهلاج ) | ۱۷۹ |
| ڪيئن وساريان ور اَديون | ( شاه ) | ۱۸۰ |
| ڪيئي قول ڪري ويا | " | ۲۰۵ |
| ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا | " | ۲۰۹ |

| پڇن | | صفحو |
|---|---|---|
| **س** | | |
| سچو سائين سترامداس اُپڪاري | | ۴۸ |
| ستگور آيو شرن تمهاري | ( نانڪ ) | ۱۶۵ |
| ساڌ سڌائڻ آهي سؤڪو | ( آغا ) | ۲۱۳ |
| سڄي سڀاجهل ٻاجهہ ڪريو ڪا | ( قطب شاه ) | ۲۱۷ |
| سکہ ساگر ۾ آئڪي مت جائو | ( ڪبير ) | ۲۲۹ |
| سندر سجني سينڌ سڃي | ( ديدڙ ) | ۲۳۶ |
| ساڌو من ڪا مان تياڳہ | ( نانڪ ) | ۲۴۳ |
| **ص** | | |
| صدقي الڪہ جي پيڙو تار منهنجو | | ۲۱۳ |
| **ع** | | |
| عشق جي مڪتب ۾ ويهي ڪر | ( درياخان ) | ۱۰۶ |
| عمر ميار تي موڪلي ماري | ( شاه ) | ۲۰۴ |
| **ط** | | |
| طلب تنهنجي آهہ دلبر | ( سچل ) | ۱۹۵ |
| **ڪ** | | |
| ڪيڙو مست ٻرين جي | ( سچل ) | ۱۶۱ |
| ڪاهي ري بن ڪوجن جائي | ( نانڪ ) | ۱۶۴ |
| ڪانگا ڏجاڻہ ڪرشن کي پيغام | ( پهلاج ) | ۱۷۹ |
| ڪيئن وساريان ور اَديون | ( شاه ) | ۱۸۰ |
| ڪيجي قول ڪري وڃا | " | ۲۰۵ |
| ڪڏهن راضي تي ملندين راڻا | " | ۲۰۹ |

| | | صفحو |
|---|---|---|
| **ڪ** | | |
| ڪيئن سان پوندو ڪم ڙي اديون | (شاه) | ٢٤٦ |
| ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان | (سليمان) | ٢٤٨ |
| **گ** | | |
| گيان چار پيدا ڪان بن بن ٻ | (نانڪ) | ١٧٦ |
| گم هوڪي ويڪه نظارا | " | ٢٢٠ |
| **گھ** | | |
| گهڙي پل هتي رهنداسون | (شاه) | ٢٠٦ |
| **ل** | | |
| لوئيءَ جي لڄ رکجانءِ | (ممتاز) | ٢٠٣ |
| لاڏل ڪي تي آءُ پرٽايان | | ٢٥٦ |
| لولي ڏيوان لال نون | (سورداس) | ٢٧١ |
| **م** | | |
| مڻ تو گرڌر آگي ناچونگي | (ميرا) | ١٥٩ |
| مان جن لاءِ ٿي جاڳان | (نظر علي عنايت) | ١٦٩ |
| مئيا موري مڻ نهين ماکن کايو | (سورداس) | ١٧٧ |
| مڻ توڻ تسا ڏي يار | (بيدل) | ١٨١ |
| متان ڪرين ارمان وو ماهي يارا | (بلا شاه) | ١٨٣ |
| منو محب ماٺن سان ماري | (سانگي) | ١٨٩ |
| ماٺا ڪري نه مار سڄڻ | (قليچ) | ١٨٩ |
| ماري وڇوڙي ور تون | (بيڪس) | ٢١٣ |
| مٺي حڪم ڪريندي يار | (بلا شاه) | ٢٢٣ |
| مانٽي ايڪ اليڪ پانت ڪر | (ڪبير) | ٢٢٤ |

| | | صفحو |
|---|---|---|
| **م** | | |
| ملڻا هوئي تہ ملوڙي ساڃو | ( روهل ) | ٢٣٢ |
| مالڪ نهين من مورا ساڃو | ( ڪبير ) | ٢٤٥ |
| من آهي ملڪ ملير ڪاڏي وڃان | ( دلپت ) | ٢٤٥ |
| **ن** | | |
| نبب نا ڪر تون نماڻي | ( شاهه ) | ١٧٥ |
| نگڙا نماڻي دا | ( سچل ) | ٢١٥ |
| نٿن هيڻ ڪو راه دکا پريو | ( سورداس ) | ٢٢٥ |
| **و** | | |
| واهہ منگهياڻا راڄ باباڻا | ( فريد ) | ١٠٥ |
| ويو اخلاق عالم مان | ( قليچ ) | ٢١٨ |
| واهہ ڏني خوش ساهہ پٽوي | ( شاهه محمد ) | ٢٣٤ |
| واڳ ڌڻي تنهنجي وس | ( شاهه ) | ٢٨٢ |
| **ھ** | | |
| هر شيء دي وچ تونهين وسيا | ( دلپت ) | ٢١٤ |

# پرڪاشڪ پتر

ساهتيه ڪنهن بہ قوم يا جاتيءَ جي سڀيتا، وچار، وڪاس ۽ ترقيءَ جو آئينو آهي. سنڌي ساهتيه بہ گذريل پنجويهن ٽيهن سالن کان وٺي پئي وڌائي آهي. سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ آياسون، تہ بہ اُها جوت جڳندي ٿي رهي. مگر اِها سوچ ۽ ڏک جي ڳالهہ آهي تہ گهڻو تڻو قصن ۽ ڪهاڻين جي پرچار لڳي پئي آهي، سو بہ روماني، نفساني، ولاسي ۽ ڪن حالتن ۾ اعتراض جوڳي اُگهاڙپ وارا جي اُلٽو اثر پيدا ٿا ڪن ۽ سماج جي بگاڙي جو ڪارڻ بڻجيو پون. وري بہ شڪر آهي جو هندستان ڪتاب گهر بمبئي، صحت، ڌرم، فيلسوفي ۽ پراچين سڀيتا جا ڪي عمدا ۽ اعليٰ ڪتاب ڇپائي سنڌي ساهتيه جو شان بلند ڪيو آهي.

ساهتيه ۾ جيون چرترن کي خاص جڳهہ آهي، سو هن ڪري جو اُهي حقيقتن تي ٻڌل آهن. مها پرشن جا جيون تہ روشن منار جيان آهن. ڀڳت ڪنور سنڌ پت جي موهڻي مورت هو. سادگيءَ جو پتلو، تياڳ جو اعليٰ مثال، اُپڪار جو ڀرپور ڀنڊار ۽ ڌرم ۽ ڀڳتيءَ جو پوڄنيہ پرش. سندس سچي پيار غريبن ۽ محتاجن جي همدردي ۽ سهائتا ۾ صرف ٿي. ڪنور لکها روپيا ڳائڻ مان ڪمايا، پر سڀ دردري جيون جي دک درد اورس ڪرڻ خاطر دان ڏنا. سندس سموري جيون پرڀوءَ کي

ٿي روشني وجهي، سچ جي ڪانڪين کي قيمتي تحفو ڏنو اٿس. ان لاءِ اسين سندس تهدل شڪرگذار آهيون. پڙهندڙن کي هڪ خاص ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جڳائي ته هي ڪو ڏند ڪٿائن، ڪرامتن يا درشٽانتن سان ڀريل پستڪ ناهي؛ پر ڳوڙهي ويچار، دليلن ۽ انڀوي حقيقتن وارو گرنٿ آهي، جو گهڻن ٿوڙي مندرن ۾ ڪٿا ۽ پوڄا پاٺ لاءِ ڪم اچڻ يوگيه آهي، بشرطيڪ ڪجهه شردا به هجي ۽ ڌرم طرف لاڙو پڻ. ممڪن آهي ته هلڪي طبيعت وارن کي هيءُ ڪتاب خشڪ لڳي، پر پڪي وارن لاءِ ته هن ۾ گهڻائي اَملهه موتي آهن.

اسين پروفيسر لالسنگهه اجواڻيءَ جا ٿورائتا آهيون جنهن هن ڪتاب لاءِ عالماڻو مهاڳ لکي ڪتاب کي وڌيڪ شوڀيڪ بڻايو آهي.

جن دوستن هي ڪتاب خريد ڪري مفت ورهائڻو ڪيو آهي تن جا پڻ شڪرگذار آهيون. خاص طرح شري جيسارام آڏواڻيءَ جا جنهن پنهنجي پتا جي يادگيريءَ ۾ لئبررين لاءِ ١٥٠ ڪاپيون رعائتي اگهه تي ڏيڻ لاءِ سهائتا ڏني آهي. اسان کي آشا آهي ته ٻيا سڄڻ به ان نموني گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ويهه ڪاپيون وٺي، مترن ۽ عزيزن کي تحفه طور ڏيندا.

اجمير
٢٦ جنوري ١٩٥٧

شيوا ۾
هريسندر روپچند

# مهاڳ

ايشور جي سرشٽيءَ ۾ مانڪا ديهيءَ ڪان ٻي وڌيڪ سريشٽ پد ٽي سگهي ٿو ۽ هوندو ٻي. جي ائين نه هجي ته پوءِ ڪٿان آيا ديوتا ۽ فرشتا، غلما ۽ پارڪد، اپسرائون ۽ حورون، اندر لوڪ ۽ ستون آسمان؟ هي جي ٿيا پاٽا اڇن مثلن جي روحن وٽان سي ٻه ڪٿان ته ايندا هوندا؟ سڀ نڳي يا چشم ٻندي ته، نه هوندي! سونهن ۾ ۽ شڪتيءَ ۾، سمجهه ۾ ۽ ڦڙتائي ۾، ٻاجهه ۾ ۽ ٻڌ ۾ انسان ڪان اڪيچار جيوَ گوءِ ڪڍي ويندا هوندا ۽ ٻر مانڪا ديهيءَ کي جو ور مليل آهي ٻج جو ۽ پاپ جو، پريم جو ۽ ديش جو، ٻنڌن جو ۽ مڪتيءَ جو، سو هن کي ديوي ديوتائن، فرشتن ۽ ملائڪن کان گهڻو مٿي نيئي ايشور سان هڪ ٿو ڪري ڇڏي، يا ايشور جو نُور ٿو اُنس چمڪائي:

آدم کو خدا مت کهو آدم خدا نهين
ليکن خدا کي نُور سي آدم جدا نهين.

مسلمان مڃيندا آهن ته سندن نبي معراج جي سمي

ڪٽي ٿو وڃي، پوءِ حيوان هجن يا فرشتا. دل جو درد انسان جي ئي وصف آهي، دل جو ارپڻ يا دل جي شرڌا نه گونگو جانور ڪري ڄاڻي، نه آسماني فرشتو. هڪ مشهور بنگالي ناول جي منڍ ۾ درشيه چٽيل آهي سنسان جهنگل جو جتي ڪو گنڀير آواز ۾ پڇي رهيو آهي: ڇڻ، ڇا ڏيئي سگهندين؟ جواب اچي ٿو سڀ ڪجهه ڏيئي سگهندس، پنهنجي حياتي به ڏيئي سگهندس. وري سوال ٿو اٿي: حياتي ڏيڻ به ڪا وڏي ڳالهه آهي؟ جواب: تڏهن ڇا کپيو؟ تڏهن ته سوال پڇندڙ للڪار ڪري: **ڀڳتي**. منشيه جي هردي اندر ڇا شرڌا آهي ڀڳتي آهي، درد آهي ڪروڻا آهي، يوگ آهي وئراڳ آهي، تنهن جو ذرڙو به ٻئي ڪنهن جيو ۽ جنتو جي ڀاڳ ۾ نه آهي. جنهن ويل انساني جامو لاٿوسين تنهن ويل انهن مڙني اُمنگن ۽ آسن کي خيرباد چوڻو پوندوسين، ۽ اُنهيءَ سان گڏ مڪتي ۽ نرواڻ کي به.

انسان جي ڪٿ لاءِ تنهن ڪري هڪ ئي ٽيپ يا قيمت آهي انسان جي دل، ۽ انسان ۾ سرشٽ به اُهو ئي آهي جو صاحبدل آهي.

دل بدست آور که حج اکبر ست
از هزاران کعبه یک دل بهتر ست
گر تو سنگ خارهء و مرمر شوی
چون به صاحبدل رسی گوهر شوی.

تنهن ۾ ٻه ٽن قسمن جي انسان جي دل جو ساهس
يا دل جو شان سورج ۽ چندرما، ستارن ۽ گرهن جي
دنيائن کان به مٿي ٿو گذر ڪري، ۽ نه ٽيٺين ڳالهين کي
وجود ۾ آڻي ٿو سگهي:

ساڌ ستي اور سورما ان کي بات اگاڌ.

ساڌو اهو جو ايشور جي راهه ٻڌائي:

ياد حق ڪرنا ڪرانا هي فقط ساڌو ڪا ڪام
خلق ڪو رستا دکانا هي فقط ساڌو ڪا ڪام.

ستي اها جا هڪ رنگ ۾ رتل هجي:

جن ڪي چولي رتڙي پياري ڪنت نما کي پاس
ڏوڙ نما کي جي ملي ڪهه نانڪ ڪي ارداس.

سورمو اهو جو سنگرام ڪداچت نه ڇڏي:

سور چلا سنگرام ڪو ڪبهون نه ديوي پيٺ
آگي چل پاڇي ڦري تاڪا مُهن نهين ديٺ.

ٽنهي ۾ مکيه جزو آهي شرڌا جو، ست جو، پاڻ
ارپڻ جو:

پتنگ چائين پاڻ کي، نه اڇي آگ اُجهاءِ
پڇڙ گهٽا پڇائيا، تون پڇڙ کي پڇاءِ.

هاڻي مزو نه اهو آهي جو اسانجي سنڌڙيءَ ۾ سورما
نه ڪونه ٿين، پر سومان جي به ڪمي آهي. راماڻ ۽
مهاڀارت جي زماني ڪانوني سنڌي گدڙ ۽ ڊرپوڪ ثابت
ٿيا آهن. منت ۽ سماجت، رشوت ۽ خوشامد،

ڪڏهن ڇل ول ۾، سنڌن مکيه شستر آهن، پوءِ برهمڻ
هجن يا کتري، مومن هجن يا ملا، سما هجن يا سومرا،
بروچ هجن يا پٺاڻ، سپاهي هجن يا ڪانگريسي، سماجي
هجن يا سک. سنڌي ڪيڪٽيءَ ۽ ڇل ول سان مائي جي
پٽ کي ٻنواس موڪليو، ته سنڌي جنڊ رٿ گڏڙن سان
گڏجي شهر جي ٻچي اپمنيو تي ٻچ ڪرائي ۽ ليٽ شهر
جو ٻک ڀاڱ ٿيو. سنڌي ڇڇ ڇل ول ڪري راڄڌاني
هٿ ڪئي ۽ ٻئي جي زال. تنهن کان وٺي ته سنڌين
سنڌي ڪانٽرا شروع ٿي ويئي، پوءِ ڪاه ڪندڙ هجي
سورهن ورهين جو ٻار محمد بن قاسم يا غزنوي جو قهار
محمود، دهليءَ جو حاڪم خلجي يا مغل، افغانستان جو
ياجوگر ارغون ياتر خان يا شاه شجاع، ٻوهه ڪندڙ
فرنگي يا ڪترليگي. سنڌ جي تواريخ پڙهي ڏسبي ته
جنگ ته ڪا ڪانه لڳي، سدائين ڪوس هو. سنڌ ۾
کي ياد آهي آڪاٽي درخت جي ۽ ڪانءِ جي، ۽ طوفان
۾ درخت جو پاڙن کان پٽجڻ جي ۽ جهڪندڙ ڪانءِ
جي سلامتيءَ جي. هو چوندا ته جي تنهن سان ڇڪي ته
ڪانءِ ڇوڪم آڻجي، ڏنو پٽ ڇڏي جو، ڏ پئي ڇڏائجي
ته وڙهجي ڇو، کو پڳ لاهي ته ڪٽي وري مٿي تي
رکجي ماٿ ميٽ ۾. پاڙي ۾ کو ڪٽجي پيو ته پڌهجو
در ڪلف سان بند ڪري ڇڏڻ سنڌيءَ جو مرڪ آهي.
ائين چوڻ ته سنڌي واپاري قوم آهن تنهن ڪري

ڪيترن ۾ سورميون آهن ئي آهن: انهيءَ چوٽيءَ ۾ وڏاءُ يا وڏاءُ هئي، پر شاه جي بيتن جو مُول شاه جون سورميون آهن: سورٺ ۽ مارئي، سسئي ۽ سهڻي، مومل ۽ نوري ...... سنڌ جي تواريخ واچيندي جي مردن جي بزدليءَ تي ارمان ٿو ٿئي ته سنڌ جي سرتاج شاعر جي بيت پڙهندي سنڌي سورمين تي عش عش ٿي ڪجي:

پَٽ نه پرهيان سومرا! جا ڪيتان جيان
آئون ڪنهن لوئي لاهيان، ڪارڻ پن ڏيهان؟
جا نسين تي جيان، ڪاند نه ڪنديس ڪو ٻئو.

جي سنڌي سيتا کي ڌرتي ڦاٽي جاءِ ڏني ته سنڌي سسئي سان گهٽ وڌ ڪونه ٿيو، جي سنڌي دميتي نيت پتنار هٺ ڪيو ته سنڌي مارئي جا به پورهيا پليءَ پيا، جي سنڌي ساوتري يمراج تي جيت پاتي ته سنڌي سنڌيءَ جي پرارٿنا ڀونڪمپ نازل ڪيو.

اها ٿي کهاڻي سنڌي سنتين جي. پر سنڌي سنتن جي ڳالهه ٿي ڪهڙي ڪجي! سنڌن سک ۽ سوز، آلاپ ۽ ورلاپ، شردا ۽ نمرتا جا شاهد آهن سنڌ جو اوڄل ساگر ۽ سنڌ جا ٿر ۽ بر جن جي ڪنڌن تي ۽ مٽيءَ واريءَ تي سنڌ جي سادن جوڳ ڀڳايو ۽ رام رڇايو. سنڌ جي سادن سنتن کي ڪيلاس ۽ مانسروور، بدريناٿ ۽ رشي ڪيش جي ياترا ۽ پنج گهر وڃڻ نصيب ٿا ٿين. هنن کي ڪاشيءَ ۾ شاستر پڙهڻ پڙهائڻ جي ضرورت نه

جي ڀوڳين ۽ گيانين، تپسوين ۽ مهاتمائن سان ڀيٽ ٿي ڪجي ٿنهن مهل ازخود ياد ٿو پوي موسيٰ ۽ ربديار چوڪرو. ٽا لڳي موسيٰ جهڙو نبي ۽ پهتل شخص ۽ ٽا لڳي هڪ گيدوار ڪودڪ. پر نيٺ اهو ڳوٺاڻو چوڪر موسيٰ کان ڪٽي ويو ۽ سندس سادي ڀڳتي موسيٰ جي گيان ڌيان کان وڌيڪ پاس پيئي. موسيٰ کي ٻاڻ دٻ نڪتي ته تون ڪم ڪارين ٿو جو اهڙي مجذوب کي ٿو ڪافر سڏين ۽ هي ته منهنجي جيءَ سان جڙيو پيو آهي:

تو براي وصل ڪردن آمدي
ني براي فصل ڪردن آمدي.

اهڙا آهن سنڌ جا سنت ۽ درويش، سدائين ايشور جي جيءَ سان جڙيل. انهيءَ وصال ماڻيندي هنن لاءِ نڪي ڪو وڏو آهي نڪو ننڍو آهي، نڪو ڪو خراب آهي نڪو چڱو آهي، نڪو ڪو هندو آهي نڪو ڪو مسلمان آهي، هنن لاءِ همه اوست هڪ ٿي هڪ آهي:

چيٽيءَ ۽ ڪنچر ۾ سم ڏسن ڀڳوان

هي سادو سچا سورما آهن ڇاڪاڻ هنن کي ڊپ ڊاءُ جي سڌ ڪانهي. جن کي ڪا ترشنا نه رهي، مٽيو من مان چاهه، تن کي ڪهڙو ڀؤ ڀولو؟ هنن سورمن کي سومان ۽ نه-سومان جي ڀڃاڻ نه آهي ڇاڪاڻ هنن کي پنهنجي جدا وجود ٿي ڪانه رهي جنهنجي مان ايمان جو اونو ٿئين. جو گاريون ڏئي ۽ جو پرڻام ڪري هنن

جي ڀوڳين ۽ گيانين، ٽپسوين ۽ مهاتمائن سان ڀيٽ ٿي ڪجي تنهن مهل ازخود ياد ٿو پوي موسيٰ ۽ ريڍار ڇوڪرو. ڇا لڳي موسيٰ جهڙو نبي ۽ ڦهٽل شخص ۽ ڇا لڳي هڪ گهمدار ڪودڪ. پر نيٺ اهو ڳوٺاڻو ڇوڪر موسيٰ کان ڪٿي وڌيو ۽ سندس ساري ڀڳتي موسيٰ جي گيان ڌيان کان وڌيڪ پاس پيئي. موسيٰ کي پاڻ ڏٻ لڳي ته تون ڪم ڪارين ٿو جو اهڙي مجذوب کي ٿو ڪافر سڏين ۽ هي ته منهنجي جيءَ سان جڙيو پيو آهي:

تو براي وصل ڪردن آمدي
ني براي فصل ڪردن آمدي.

اهڙا آهن سنڌ جا سنت ۽ درويش، سدائين ايشور جي جيءَ سان جڙيل. انهيءَ وصال ماڻيندي هنن لاءِ نڪي ڪو وڏو آهي نڪو ننڍو آهي، نڪو ڪو خراب آهي نڪو چڱو آهي، نڪو ڪو هندو آهي نڪو ڪو مسلمان آهي، هنن لاءِ همه اوست هڪ ئي هڪ آهي:

ڇپڻيءَ ۽ ڪنچر ۾ سمر ڏسن ڀڳوان

هي سادو سچا سورما آهن ڇاڪاڻ هننکي ڊپ ڊاءُ جي سڌ ڪانهي. جن کي ڪا ترشنا نه رهي، مٽيو من مان چاهه، تن کي ڪهڙو ڀؤ ڀولو؟ هنن سورمن کي سومان ۽ نه سومان جي پرواهه نه آهي ڇاڪاڻ هننکي پنهنجي جدا وجود ئي ڪانه رهي جنهنجي مان اپمان جو اونو ٿئين. جو گاريون ڏئي ۽ جو پرڻام ڪري هنن

لاءِ ٻئي هڪ آهن، ڇاڪاڻ ٻئي برهم جا روپ آهن:

ڪوئي آوي ڀاو ليءِ ڪوئي آوي اڀاو
ساڌ دوهون ڪو پوڇتي ڀاو نہ گنيين اڀاو.

سنڌ جا ساڌو اڪل لعل تي رهڻ پسند ڪا ڪن ۽ جي پڇين تہ ڪنهن کي بہ سڌ نہ ڏين تہ ڪهڙي ڪمائي ويٺا ڪن:

نينهن لڪائين ڪان سڪ منهنجا سڄڻ
سڙي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نہ ڪري.

پر ٽڙيل گل جي مهڪار کي ڪير بندش وجهي سگهندو تہ ماڻهن جي مغزن کي معطر نہ ڪر؟ اڇل ڏيندڙ چشمي کي ڪهڙو بوچ اچي سگهندو؟ اُنهن گلن تي سوين هزارين ڀنور ڪا گڏ ٿين، انهن چشمن مان پياس مٽائڻ لاءِ الائي ڪيترا مرد ۽ عورتون بلڪ ڍڳا ۽ ڍور ڪا ڪنا ٿين؟ ڀنورن ۽ جيتن، ماڻهن ۽ مرن جي پيڙ ڪري اهي گل اڻ مندائتا ڪومائجي ڪا وڃن، چشمن تي پٿر پئجي ڪا وڃن. پر ساڌو ڪڏهن ڪين گسائيندو يا ڪنهن کي "نہ" ڪندو، پوءِ ڀلي تہ سندس ديهي اچي ڍهڻ تي پوي:

هي هڏو ۽ چم پڪ پريان جي نہ پڙي.

هي ساڌو ايتري قدر تہ ڀڄ گهڙ، نفعي نقصان، چڱائي لڱائي کان غافل آهن يار جي تنوار ۾ ۽ يار جي بندن جي تيمار ۾، جو هنڪي حياتي ۽ موت جي پرواه

يا يادگيري نہ ٿي رهي. هي اُهي پاڳل آهن جنڪي جي خونخوار درندو واٽ ڪولي ڳرڪائڻ لاءِ اچي تہ هو هسي هسي انهيءَ ۾ لنگهي ويندا تہ هي بہ دوار کليو "دوارڪدات" کي رسڻ لاءِ! جي جيئري مئا سي مري ٿيا نہ مات. شهيد سڀ ڪنهن هنڌ ٿيا آهن ۽ انهن شهيدن جي ڪري ٿي انسان ذات اوج تي رسيل آهي:

سقراط ۽ يسوع، منصور ۽ جون، ڪربلا جا شهيد ۽ گرو گوبند سنگهہ جا شهيد پٽر، ديانند سرسوتي ۽ گانڌي ... اهي ڪيڏي وڇو نہ اتهاس ڀسو رهجي وڃي ۽ ڏرم ڪجسو. پر سنڌ جا ساڌو ۽ درويش جن ڪي گهٽا سڃاڻن بہ ڪونہ مات ميٽ ۾ شهادت جو جام ٽا پيئڻ ۽ جي ٿي سگهين تہ ڪنهن کي سڌ نہ ڏين تہ ڪيئن آيا ڪيئن ويا. اُنهن شهيدن جي سنڪيا ڳهڻجڻ جي نہ آهي:

ملڪ مڙيئي منصور ڪهڙا ڪهندين ڪيترا؟

عام سنڌين ۾ مشهوريءَ جو مرض نهايت ڦهليل آهي ليڪن اُنهن جي بلڪل اُبتڙ سنڌي سنتن پڻي پاڻ لڪايو آهي ۽ زهر کي امرت ڪري چکيو آهي. پر خون ڪستوري گهڻو وقت لڪي رهندا؟ انهن پنهن جي عشق جو اظهار، ۽ شهيديءَ جو شعاع ڪارڻ جنهيءَ وانگي چلڪو ٿا ڪين ۽ هڪ دنيا کي [illegible] جو تجلو ٿا پسائن. اسان سنڌين جي خوش نصيب [illegible] پنجي جو ڪاري

راتِ ۾ دَرِ دَرِ ڀٽڪندي ۽ ڏاڍا ڪاٽيندي امر شهيد سنت ڪنور (رام) جي ڪهاڻيءَ جو شعاع رکي رکي اسانکي سنڌون ڏکڻ ٻڌائي رهيو آهي ۽ اهي ڀڳت جي واڻيءَ جو پرلاءُ ڪنن تي پئي هردي کي ڀڄل ۽ سيتل بڻائي رهيو آهي.

ٽيرٿ بسنت جي به ڪا اڳين جنم ۾ چڱي ڪمائي ڪيل آهي جو شهيد سنت ڪنور جي جيون ۽ ڀڳتيءَ تي قلم هلائڻ جو شرف مليو اٿس. اڪثر جن به ڀڳتن ۽ سنتن تي سنڌيءَ ۾ لکيو آهي تن يا ته امير حمزي جي قصي وارن جادن ۽ ڪرامتن جي جهنگل ۾ پاڻ ڦاسايو آهي، يا خشڪ فيلسوفيءَ جي صحرا ۾ رڄ پنيان پاڻ رلايو آهي. مونکي رڳو هڪ پستڪ سنڌيءَ ۾ سجهي جنهن ۾ سنتن جو بيان اهڙو ڏنل آهي، جو پڙهڻ وٽان هجي ۽ اهو آهي شيوڪ ڀوڄراج جو ڪتاب "سنڌ جي هڪ اَمر سڌ منڊلي" جنهن ۾ لاڙڪاڻي ۽ قنبر جي پاسي وارن سنتن جو ذڪر ڪيل آهي. ٽيرٿ بسنت جو ڪنور پيو سنڌي ٻوليءَ ۾ گرنٿ آهي جنهنکي پڙهي من کي موج اچي ٿي ۽ سادن جي صحبت به نصيب ٿي ٿئي. جيتري قدر يادگيري اٿم شيوڪ جيڪا وارتا ڪئي، سا تواريخ نويس يا واقع نگار جي نوع ۾، پر ٽيرٿ بسنت هڪ پستڪ ۾ ٻي پستڪ اڪي چڙهيا آهن. هڪ پستڪ ۾ آهي ڪنور جي آکاڻي (سنڌس سائيءَ يا سائين جي ساکيءَ تان ورتل) ٻيو پستڪ آهي ٽيرٿ

بسنت جي آتم ڪهاڻي، ٻيون پستڪ آهي سنڌي پريمين لاءِ ڪمائتو ڳٽڪو (بيتن ۽ ڪافين، سلوڪن ۽ دوهڙن جو). پر اهي، ٽي پستڪ اهڙا ڳنڍيل آهن، جيئن هڪ مورت ۾ ٽي مورتيون، جي اُهن کي جدا ڪري ٻيهار جي نه سارو سواد هليو وڃي. ڪنور جي شڪل ۽ شبيهه، ٻيهڪ ۽ ٻيج، نمرتا ۽ ڪشش جو چٽو چٽيندي ۽ تنهن کان پوءِ وڌيڪ ڪنور جي مرليو ۽ ارٿيءَ جو دلسوز داستان سڻائيندي ليرڪ بسنت نثر مان چٽڪ نظم جو ڪم ورتو آهي. ليرڪ بسنت جي پستڪ جو ڍهون ۽ ٻويون باب سنڌي ساهتيه جي چيدهه ڪرن مان هڪ ليکيو ويندو، تنهن ۾ ذرو به شڪ نه آهي. ليرڪ بسنت هن کان اڳ به "چٽگون" ڪيون آهن، پر هيءَ ڪا ٻي چٽڪ آهي، جا خالي آتشبازي نه آهي، پر تنهن سان گڏ روشني به آهي. ڪنور جي ساکي ۽ سندس گوروءَ سترامداس جي ساکي پڙهندي مونکي رڳو هڪ شڪا رهجي ويئي آهي ته ليرڪ بسنت ڪڏهن به پنهنجي اکين ڪنور کي يا سترامداس کي روهڙيءَ ۾ سمت وسڻ رام جي ڪاڻي ۾ سنڌوءَ جي وهڪ جي بهه مٿان جهوليندو ۽ پگهت وجهندو ڏٺو يا نه؟ ڪنهن به ڪلا جي لاءِ نه رڳو ڪلاڪار کپي پر ڪال ۽ آستان (زمان ۽ مڪان) جو به جوڙو ميڙو کپي. خود سري ڪرشن به چونڊا نه گيتا جو گيان ڪروکيتر جي ميدان ۾ ارجن جي

مونجهاري لاهڻ لاءِ اهڙو تز گهڙيو جو ٻئي هنڌ ۽ ٻئي سمي
تي ورڙي اهو دهرائي نه سگهيو. جن سترامداس ٽوڙي
ڪنور جون پڇيون عمر ڏنيون ٻڌيون هونديون، سي
شاهدي ڀري سگهندا ته ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ سوڀري
پرڀات جو وسڻ رام جي ڪاٽي ۾ سندوءَ جي چولين
ڏي ٽڪنڪي لڳائيندي جيڪو آلاپ، جيڪو
ورلاپ انهن سنتن جي ڪنٺ مان نڪتو، سو ڪنهن
ٻئي سمي نڪرڻ محال هو ۽ انهيءَ آلاپ جو سوز ۽
ساز به تيسين جيسين سورج جون ڪرڻيون آڀي جي پاسي
کان نڪري نمودار نه ٿيون هيون. جان شفق مان
صبوح ٿيو، تان ڀڳت جا شبد منترن مان ڦري راڳ ٿيا
۽ ڀڳت جي مستي ۽ مدهوشي ڦري ناچ ۽ گهڻ گهڻ ٿيا.
شايد اها تبديلي انهيءَ ڪري به ٿيندي هئي جو پنڌرن
ڏهن هزارن جي خلق مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ به هزار ته
انهيءَ ويرڪن ڪمس لاءِ آئي ڪڙا ٿيندا هئا. جي تيرٿ
بسنت انهيءَ سهاوڻي سمي جو ۽ "امرت ويلا سچ نام"
جو ۽ سندوءَ ۽ وسڻ رام جي ڪاٽي جو به درشن ڏيکاري
ها ته سمدس پستڪ چٽڻ گون نه پر چمڪات
چڏي ها ......

ساهتيه جي پريميءَ کي ڀڳت ڪنور جي هيءَ جنم
ساکي پڙهندي جيترو مزو ايندو تنهن کان ٽوروئي گهٽ
مزو ايندو تيرٿ بسنت جي آتم ڪهاڻيءَ مان. پشچمي

گرنٿن ۾ گرنٿ ڪار اڪثر ائين ڪندا آهن، خاص ڪري مضمون ۽ مقالات لکندڙ، ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن وير پڙهندڙ کان پستڪ جو وشيه پلجي ويندو آهي ۽ هڪڙي رڳو پستڪ رچيندڙ جي شخصيت ياد رهجي ويندي آهي. هت هرويرو ائين ڪونهي، پر نائين باب ۾ ائين پيو سمجهجي ته ڪنور جو نالو ڪيترن صفحن کان پوءِ ڏنو ٿو وڃي، ته متان پڙهندڙ کان وسري وڃي ته نيت ڪنهنجي جنم ساکي اڳيان اٿس، ڪنور جي يا ٽيرٿ بسنت جي! مونکي ٽيرٿ بسنت جي جنم ساکيءَ مان بلڪل گهڻو لطف پراپت ٿيو آهي، خاص ڪري جو منهنجي جنم ڀومي به خيرپور، منهنجي ڪل جو ٽڪاڻو به ٻائي گرپت جو ٽڪاڻو، منهنجي رهڻ جي جاءِ سکر ۽ منهنجو ابياس پارسيءَ جو به رهيو آهي. البت مان ٽيرٿ بسنت وانگر گهر مان باهر اڪثر پڙهڻ لاءِ، پر نه چنائي ۽ طهران ۽ اصفهان رڳو نقشي تي ڏٺا اٿم، نه منهن سامهون. اُيي جا ماڻهو مون به ڏٺا پر مونکي سرائڪي ٻولي ڪنهن به وقت شاهه جي سنڌيءَ کان وڌيڪ مٺي يا اثرائتي نه لڳي آهي، ٽوڙي اهو سرائڪي ڪلام سچل جي جاءِ انهن جي دستاربندي تي درازن ۾ ٻڌو اٿم، جڏهن ڳائيندڙن ۽ ٻڌندڙن کي وجد جي حالت طاري هئي.

مان سمجهان ٿو ته ٽيرٿ بسنت سک پنٿ ۽ اُداسين

ٿيا، سماجون ٽٽيون، سياڻون لڪيون، سومان وارا لوڪ
ڏڌا ٿيا، سکر تي ٿي سنتن جي ڪرپا ٿي ۽ اڄ به سکر
جي ساڌ ٻيلي جي سنستا ۾ ٿي سنڌين جون اکيون کتل
آهن سڀني ڀوشيہ ڪي سواگت ڪرڻ لاءِ. خير.

ليرت بسنت جو نئون پستڪ آهي سنڌي هندي
پارسي ڪلام جو صوفيانو ٽڪو. پاڻ قبوليو اٿس ته سنڌ
جي لوڪ گيت جي ڄاڻ لاءِ ٻيو ڪو گرنٿ ڪار ڪڍي،
پر ته به پاڻ جيڪو ڪلام گڏ ڪيو اٿس ۽ راڳن ۽ سرن
جون سمجهاڻيون ڏنيون اٿس، تنهن لاءِ جيترو ڌنيواد
ڏجيس ٿورو آهي. ساهتيہ ڪار جنهن مهل پستڪ
رچي ٿو، تنهن مهل خالق جو روپ ٿو اختيار ڪري.
البت ماڻ پئي ته انهي جي جاءِ هو اڪيلو ٿو ڀري ۽ پستڪ
رچڻ ڪارڻ ٿان ئي ٿو ڪري ته ٻئي طرف هڪ اهڙي
آنند جو ڀاڳي ٿو ٿئي، جنهن لئي ديوتا به ريس ڪن.
مان ليرت بسنت ۽ هري سندر روپچند (ڇپائيندڙ) جو
تهدل شڪر گذار آهيان جن نه رڳو ٻن سنڌين کان اڳ ۾
سندر ٻالڪ "ڪنور" جو درشن ڪرڻ جو وجهه مونکي
ڏنو آهي، پر "لولي" ڏيڻ لاءِ به مونکي ڇيو آهي.
چڱو ٿئي ها جي لولي ڪو ٻيگت جن ڏني ها، نه انگريزيءَ
جو هڪ ادبي اڏيا پڪ. پر انهيءَ ۾ به ڪو راز رکيل
هوندو، ڪا مهر ٿيل هوندي، جنهن جي مونکي هيئر
ڪل ڪانه آهي.

ناتال ١٩٥٦ لالسنگه اجواڻي

# نوٽ

سنڌيءَ جي ڇپت ۾ سرائڪي زبانن جا گردان گهٽ لڌا آهن ۽ پڻ صرف اضافت ۽ جر ڪائي وچڻ جو رواج عام آهي. ڏيا ڪرڻ جي لحاظ کان ڪٿي اهي خوبيون نه هجن، پر انهيءَ سبب ٻولي وڌيڪ سرل ۽ زوردار ٿئي ٿي. از انسواء سنڌي لفظن ۾ ضرورت کان زياده "ن" وجهي آواز غنا ڪري ڇڏيا اٿن.

مون ساڪرن ۾ سياسي ڦهر جي ڪميءَ جو ذڪر ڪيو آهي. اها اوڻائي اسان سيني ۾ آهي. البت ان جي اها معنيٰ ناهي ته ساڪرن ۾ ٻيا ڪي گڻ آهن ئي ڪونه.

متڪلمي قلم رانيءَ ۾ (Writing in first person) ليکڪ ظاهر خواه باطن سدائين حاضر ناظر هوندو آهي.

---

گرو نانڪ مانڪا ڏيهي تياڳي ته مسلمان هندي ٻنهن جو ٻير سمجهي قبو اڏائڻ جو پهه پڄايو ۽ هندن کيس پنهنجو سوامي ڄاڻي سماڄ نهارڻ جو ويچار ڪيو. ٻنهي ڌرين وچم الهيءَ لي ٽنبي تيڻ جو امڪان هو. لاشڪ انهن پکيه پائين ۾ شرڌا ڇهڄهي هئي، پر انتر اُجالو ذرا گهٽ. انترجامي گرو هو نرنڪش، اپيد ۽ سرو هتڪاري سو پنهنجي ڪايا الوپ ڪري ان عيوض گل رکي ڇڏيائين، ته انهن جي سرهاڻ وٺي سکهڙ ساچاهين ته مهاپرش سوريه وانگر سروڪ تيندا آهن. پڙهو "نانڪ پرڪاش."

نيوٽ

۳۰ جنوري ۱۹۵۷

# ڪنوَر

مون سي ڏٺا ماءُ، جن ڏٺو پرينءَ کي
ڪري سگهان نه ڪاءِ، تن سندي ڳالهڙي. (شاهه)

لاڪيٽي لقمان ۽ تساوڙ جي مند ڏاري چاليهو لڳندو هو. راڄا وِر جي جوت جڳائيندڙ سدوري پڳت ۽ مائي چينل بائيءَ ۾ اهڙو ڪو مقناطيسي اثر هو، جو هر سال انهيءَ موقعي تي چاليهه راتيون ساندهه سڄي سنڌ جا پڳت ۽ ناچو اچي واري سان چير چمڪائيندا هئا. پر ۾ پائي ڪرپت صاحب جي سماڌ تي پرٺ شوراتريءَ ۽ ويساکيءَ تي ٽي ڏينهن ميلو لڳندو هو، جتي جوڌپوري گويا ۽ ڪٿڪ ڪرشن پد ڳائيندا، ٺمري خواهه ڌناسري جا ترڪتال لڳائيندا هئا. ڏياريءَ تي رام ليلا، هوليءَ تي سانگ، محرم تي اوچن انگاسن وٽ پيرين جو ٻيڪيدار پڙڪو ۽ عاشورن تي مرثيه خوانن جو روح راڙو خواهه تابوتن سان ماتمين جا معرڪا، پلٽي بازن جي ترارين جا وراڪا ۽ "يا حسين، يا حسين"، "حسن حسين" "حسن حسين" جي سرجوش سپاهي جو شور غل زلدگي

اهڙي ڪوٽ ڪوٽ ڪريان؟ واقعي ڀڳو ڪنور ٿي آهي جو مڙني ٻچڙن کان لاڏلو ۽ پڻ ڳڻوان ۽ گيانوان هئڻ سبب، لوڪن جو ايترو قدر ڌيان ڇڪائي سگهيو آهي، ۽ ڇمار پڻ سڀني دلين اندر جائگير ٿي ويو آهي.

ڪنور هڪ ڳوڻاٺو هو، جو ذاتي گڻن سبب هر دلعزيز بڻيو. سندس آڏو نڪي اميرائي نڪي فقيرائي، نڪي ڌن دولت واري نڪي شان رتبي واري، اڪي ودوان نڪي ڪلاوان هئي، جو تن ۾ اهو لاچار هجي. ڳوڻاٺي زندگي اڪثر ڏکي زميني، مفلس موتر زندگي آهي. ڏيڳي جهڙو ڀورهيو، ڏيڳي سان هڪ ڇپت هيٺ گذران، ڏيڳي جهڙو ۽ جيترو ڪاڏو ۽ ڏيڳي جهڙي ورٽي، آهي ڪم نصيب ڳوڻاٺي جي قسمت. اها جيون آيان کان هلندي اچي، ۽ اڄ تائين انٽم شڪتيءَ جي ايجاد هوندي به ان ۾ فرق نه پيو آهي. ڪي ته اهڙي جيون جا سرگرم حامي آهن. وس پڄڻ ته هر وليءَ جي مٽي تي ڇپٽي جي ڇٻي ۽ هر مڙس جي پڳ ۾ جتيءَ جو جوڙو ٻڌي ڇڏين. اسين اهڙي ٻي رس ٻي ڇس جيون جا ٺاڳو ناهيون، نڪي انهي ٻي واجبي برتري ڏيڻ جي اهلڪا اٿئون.

تڏهن هوندي به اها خاڪ ڇاڻ آهي روزاني ڪرت، جڏهن کان منهن موڙي اڪ پوري نٿي سگهجي. البت قدرت جيڪي عنصر پيدا ڪري ٿي، تن جي ذاتي لياقت

اڪ ڪليل، درشٽي دور بين آهي، سي ڄاڻن ٿا ته منش ۾ ٻن اکين کانسواءِ ٽين اک به ٿيندي آهي، جنهن جي ديد ٽنهي لوڪن جو گمن ڪري ٿي ۽ جنهنکان نڪي ماضي نڪي حال نڪي آئينده ڳجهو آهي. درحقيقت ماضي ۽ مستقبل رڳو ٻاهرين اک جون حدون آهن. ورنه آهي رڳو اناد، جنهن جو نڪي آرنڀ آهي نڪي انت. رڳو حال ئي حال يا ورتمان ئي ورتمان آهي. وقت انساني عقل جي حدن جو اظهار آهي - عقل جو وشو جي ايڪتا کي ٽوڙي انيڪتا اپن ٿو ڪري. هر ڪو انسان وقت اندر خواهه وقت ٻاهر رهي ٿو. پر انهي سمڪ ڪنهن جزوي آتم گيانيءَ کي انيؤ ڏٺاران پوي ٿي. ڀائي ڪوتارام اهڙو انيوي پرش هو. هن پنهنجون اکيون پورڻ سان ٻالڪ جي جيون پتري جاچي ورتي ۽ سرهي مک سان ٻالڪ تي مهر جو هٿڙو گهمائي چيائين "ٻچا ڪنور، سدائين خوش هوندين." هائو، ڇو ڪين خوش هوندو؟ جنهن ٻچي تي اهڙي ڪلاوانت سنت جي آسيس ٿيندي، سو نونهال اوس ئي خوشحال رهندو!

اڄ ننڍو سڀاڻ وڏو، ٻالڪ ويو رفته رفته ڪر ڪڍندو. اوائل ۾ البت ضعيف ۽ لاغر هو، پر سياڻو سيتل سڀاجهو، منو ۽ مانو. ڪي ٻار ڏنگا، چلولا چنچل ٿيندا آهن. پر ڪنور قربائتو هو، پنهنجي پرائي جي پچار بنا سڀ سان واجهي ونگجي ويندو هو. ڪنهن کان ناهه ڪونه

هوس. سندس ليکي هر ڪو منش پتا هر ڪا استري
ماتا هئي، جنهن ڪري ٻچڪار ٻڌي ننڍڙيون نازڪ ٻانهون
ڪنڌ مٿي ڪندو هو ۽ ڪٺمنڍڙ جي منهن تي نفيس هٿڙو
گهمائي، ڪجلدار اکيون اکين سان ملائي پيار ڪندو
هو. اهڙو ٻالڪ جڳ جو ٻالڪ ڇٻو. جڳ پتا جا ٻالڪ
نه سڀئي آهيون، ننڍا خواه وڏا. پر ڪي پنهنجي وڻندڙ
سڀاءَ سبب، واسديو سروم جي اوڏو آهن نه ڪي ٻري،
جئن گروجن فرمائين ٿا:

”ڪرمي آپو آپڻي، ڪي نيڙي ڪي دور.“

ڪنور نهايت نزديڪ هو جڳ داتا جي، جنهن ڪري
پڻ وڻجهو هو ڪل ڪائنات ۽ بني آدم جي.

رسم انوسار ڀائي تاراچند پنجن ورهين جي ٻالڪ
کي هندو سنڌي آئيويتا سکڻ لاءِ ڀائي ڏاتي مل وٽ
وهاريو. ڇوڪر هو ذهين، سو جهٽ ۾ لکڻ پڙهڻ، ليکو
چوکو رکڻ سکي ويو. سندس سؤٽ ۾ ساٿس گڏ ودئا
پرائيندو هو. هو ڪلاس وڏيرو هو ۽ اڳ ئي داخل ٿيو
هو. پر ڪنور ڪيس شهه ڏيئي ويو. خاص ڪري
صورت خطي اهڙي لکڻ لڳو، جو ڄڻ نه ڪا انگر ٿو
چنسالي ڇٽي. اُستاد جي سدائين مٿس آسيس هوندي
هئي، چاڪاڻ ته پاڻ آگياڪاري ڇئيوان نيڪر هو.

ڀائي تاراچند جو گذر ٻنيءَ ٻاري تي هو. واٽڪي
ڪرت ۾ ڪندو هو. کيٽي سر سيٽي. سخت محنت ۽
ڪهالو ڪپي جو ڪٽي مان ڪاسو اُپجي. اڪثر هاري

ڀڄاري ڪنواري ڀرٿوي مٿان جهلي پيو هو. ٻري ٻري
ڪان ڇتون ڇپيا ٻڻ چوڪي ڪاٺ ڇمن ڇمن ڇوُن ڇوُن
ڪندا، ڪي اڪيلا ڪي جوڙا ڪي ولر ڪري ٿي آيا،
۽ هي ٻالڪ مٽيءَ جي گلولي سان نڪاءَ ڪيائين انهن
کي هڪالڻ لاءِ پيهي ٿي بيٺو هو.

چوندا آهن ته ڪويءَ جي هردي ۾ ڪوتا ڪنهن
خاص موقعي ۽ مڪان تي اُتپن ٿيندي آهي. مون وٽ
هڪ چتر هوندو هو، جنهن ۾ پرياگ جي سنگم وٽ هڪ
سنهڙي سنياسيءَ جي مورت چٽيل هئي. هن کي گيڙوءَ رنگ
وستر پيل هو ۽ پيرن ۾ ڪاٺ جون چاکڙيون. شڪل مان
ته هن دنيا جو ڪو پيرو لڳوئي نٿي. ڏنم ته سندس
نازڪ نفيس جسم وَل جيان آيو آهي، پر پير زمين تي
لڳيس ئي نٿو. پر ۾ ترويڻيءَ جو مانو پرواهه ۽ پرار گهاٽي
جهنگل جو دهو هو، جنهن مان پکين جو هڪ جوڙو
آڏامندو لڏي پار ڪري رهيو هو ته اوچتو مٿان باز ڏنو
لامارو، ۽ هڪ پکي پنهنجي تيز منقار ۾ جهلي هڪ ٿي
ٿل سان اوچ اوچ پرواز ڪري ويو. ترويڻيءَ جي سيني
تي ڳاڙهي ڳاڙهي رت جا ڪي چار ڦڙا ڪريا، ۽ ٻي پکيءَ
جي قلب مان بي اختيار ڪيڪڙاٽ نڪتو. اهو صبح
جو وقت هو جڏهن آشا رات جي جگر مان سرخ خون جون
پچڪاريون پري فضا کي گل گوُن ڪندي آهي. اهو
شوڪانت ڏسي ڪنديءَ لي ڪالي جهڙي سنهڙي

لڪڙي اُڀي سنياسيءَ جي اندر مان نڪتي آهه، جا
صاف سنڌس روشن، خاص ڪري مک جي ٻيهڪ مان
نمايان هئي. سمجهاڻو ڪوٺا اٺيءَ کي چئبو آهي.
ڪوٺا آهي آهه، جا اندر جي اُلجهن سبب اوچتو اُرهه
مان ائين ٿي نڪري، جئن جلندڙ لڪڙيءَ مان دونهون...
ڪنور سان ٻه ساڳي ويڌن ٿي. پرڪرتيءَ جو منوهر
درشيه ڏسندي ۽ اَپار ليلا جي رنگ ترنگ سان
ترندي، پيهي ٿي ٻيٺي ٻيٺي سنڌس ٻالهن گلولي هٿڻ
کان روڪجي ويئي، ۽ اچانڪ سنڌس قلب مان آلاپ
گدگد ائين وهي چٽڪي، جئن شنڪر ڀڳوان جي جٽا
ڌاري مستڪ مان جل ڌارا.

قدرت جا ٻه رنگ آهن، جو انوقت ماڪڙ جو
ڪٽڪ ٻه اجهاڳ جهاڳي ان هنڌ اچي نڪتو، ۽ اک
ٻوٽ اندر کيت ڪاٽي ويو. هارين گهڻئي حيلا هلايا پر
وريو ڪي ڪين. عجب ته اهڙي روئداد وقت گوڙ
گمبوڙ ٿي ٻه ڪنور سڄاڳ نه ٿيو ۽ ٻنا ڄاڻ اجهل آلاپ
جي موج ۾ مگهن رهيو. ان وقت سنڌس هردو وشو
رچنا جي اپار مهما تي مست ۽ سرجڻڪ شڪتيءَ جي
اوت پوت سان ملي هڪ ٿي ويو هو، جنهن سبب
سنسار جي ڪٺيه پنگر کيل جي سمڪ ٿي ڪانه هيس،
پر قادر ڪارساز آهي، جنهن ٻڌيءَ جا ٻيٽا ڪيا.
توهين پاڻ سوچيو! اها حيرت ناهي، جو ماڪڙ ترپر جا
کيت ڪاٽي ڪپائي ڇڏي، پر تاراچند جي ٻني نڪر جو

جي چانڻ وٽ ٻهي ڪيس ٽڪيندي ڀون هيون، ۽ ٻالڪ ڏمڪ ڏمڪ ڪندا، ٽڙندا ٽاپڙندا، مٽيءَ ۾ ريڙهيون پائيندا ۽ ڪي خوشيءَ مان ٽپنگ ڏيندا، نچندا ٽپندا وٽس جهرمٽ لڳائي ويهندا هئا. سندس جيڏا سرٽا ته جهمريون پائي، ڪن تي هٿ رکي اهل پڻ ڪندا هئا ۽ پاءِ ڪلاڪ ۾ کوهڙو خالي ٿي ويندو هو. اهڙو هو تاثير ڪشور ڪنور جي آلاپ ۾، جنهن نر ناري، ٻار ٻڍا، ادب لنگها، مير پير مست ڪري وڌا. ڪنور هو عطائي، جو ٻنا ڄاڻ ايشوري ڏات ويو ٿي وائڪي ڪندو، ۽ سوڀياوان ڪلاونت هئڻ سبب دليون گهائڻ، ردا رجائڻ، اکين چکن ڪرڻ سندس سڀاويڪ ڪرت ٿي ٻيٺي.

هڪ ڏينهن ڪنور عادت اوسار کوهڙو ڪٺي ٽڪاڻي ۾ آيو، ته اتي ساڌن جو ٽالو وينل ڏٺائين. سترامداس ڪنور جو ڪنڌ جهڪيل ڏسي چيس "ٻچا، اڄ اسان وٽ سنتن جو ٽولو مهمان ٿي آيو آهي. اهو تنهنجو ننڍڙو کوهڙو ته اليٺي خلاص ٿي ويندو. ساڌ ته ساڌ ٿي آهن. ونائن ٽامي جي پائي ڪانه جڙندءِ. هاڻي ٻڌاءِ ته تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟" ڪنور ادب سان هٿ ٻڌي تي رکي چيس "سائين، ساڌ ڪائن ڪوهر، نه هي نيڻ ٽرن. هي ڪوهر ڪنور جا ناهن، پر سائينجن جا. جي اِها خيس اڙداس اگهامي، ته وڏ ڀاڳي ڇئيس."
ائين چئي ڪنور ڪوهرن جي ديگڙي ڪٺي سترامداس

جي هٿن ۾ ڏني. سترامداس اهي ڪوهر وراهي، پاڻ ٻه ڪٽڪو مڪ ۾ وجهي، خالي ديڳڙي ڪنور کي موٽائي ڏني ۽ آسيس ڪيائينس، "ٻچا ڪنور، سدا خوش هوندين." انهيءَ گفتي مان ڪنور سمجهي ويو ته سندس ڪوهر ڪٽا سندس وٽ اڳهاٽا آهن، ۽ سندس ڪمائي ٿاب پئي آهي. موٽيو گهر ته ماٽس ڪيس اهڙو ترت ورندو ڏسي وسوڙجي وئي. پاڻيائين ته ڇوڪر ڪوهر وڪڻڻ بنا ائين ئي موٽي آيو آهي. پر ڪنور جي مٿي تان خومچو لاهي ديڳڙيءَ مٿان رکيل ڪاغذ کنيائين، ته خومچي ۾ ڪوهرن عيوض پئسا پيا هئا، جي ڪنور جي روزاني ڪمائيءَ کان پاڻ ٻيڻا هئا. پوءِ ويٺي پنهن جي پٽ کان حال وٺڻ، ۽ سندس ڪيل ڳالهه مان سمجهي وئي ته سندس ٻچي جو سترامداس ۾ صدق آهي ۽ سندس جان انهيءَ جانب سان ئي جڙي پئي آهي.

ماڻهو مڙئي نہ سهڻا، ٻگي مڙئي نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي!

"ٻچا ڪنور، سدا خوش هوندين"، گرو جا اهي لفظ ڀائي تاراچند جي دل ۾ پئي هريا، ساڳئي وقت "اهو ڏکو ڏج اسانکي، ڏڻيءَ ڏنو ڏڻيءَ در هجي نہ بهتر" سندن حڪم هو. ٻهراڻ هئي آسيس، پوءِ هئي آگيا. آسيس انوسار ٻچو ڄائو، آگيا انوسار گرو کي ارپڻ ڪرڻو هو. پر ڀائي کوٽاوار انهيءَ وچ ۾ ويڪت پڌاريو ۽ انهيءَ "ڪهه مئي ربزه با جامش نيرزد ملڪ پرويز" جي نرمل جوت سندس سپاتر پتر سنت سترامداس ۾ پرگهٽ ٿي هئي. ماتا پتا جو سڪيلڌي پٽ ۾ موهه سپاويڪ آهي، پر ڀائي تاراچند ۽ شريمتي ليرت ٻائي آگياڪاري جيو هئا، جنهن ڪري وچن انوسار ٻچي جي ٻانهن سنت سترامداس جي سپرد ڪيائون.

ڪنور نيٺي پورڪ سشٽانگ ڏنڊوت ڪري ويهي رهيو ۽ سنت سندس مستڪ تي آسيس جو هٿڙو گهمائي، پٺي ٺپري. تهانپوءِ ڪنور اتينت شردا ۽ ڀڪت ڀاونا سان پنهنجي گروءَ جي شيوا ڪندو رهيو، ۽ سندن

آچار ويچار سان پرڀاوت ٿيندو ويو. گاهي ڳاهي هي مهاپرش ڪنور ڪــي گرواڻيءَ ۽ صوفين جي ڪلام ۽ ۽ درويشن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جا نُونڪا ٻڌائي، آتم گيان، سداچار ۽ پرمارٿ جو مارگ ٻڌائيندو هو، جو ٻالڪ ڪنور جي صاف پٽيءَ تي چٽجي ويو، ۽ هو پنهنجي ديالو گيانوان گروءَ جي مهر ميا تـان ٻلهار وڃڻ لڳو. ڪشور اوستا وارو پيار نه، شڌڪا ۽ نشڪام ٿيندو آهي، اُن ۾ سوارٿ رتي ماتر نه هوندو آهي. فقط دل جي ڪشش ئي ڪافي اُجورو سمجهيو آهي:

"دل اُنڪو چاهتا هـﮯ. وه دل ڪو چاهتي هيں"

ايشور ۾ پيار سان ئي پائي سگهبو آهي. سو سترامداس جي ڪنور لاءِ قرب ۽ ڪنور جي سترامداس لي آري، ٻنهي کي ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو.

هتي سنت سترامداس جي جيوني سنکيپ ۾ ڏيڻ ٻڻ لازمي آهي، چاڪاڻ ته ڪنور انهيءَ قابل سنگ تراش جي دست ڪاري هو. بت ته گهڻيئي پيا ناهن، ڪي آڳها ڪي سگها، ڪي سروپ ڪي ڪروپ، ڪــي سشيل ڪي ڪشيل. هرڪو خاڪي پتلو اباڻي اَڏ ٿـو جهلي. پر قالب اندر جو قلب آهي، دماغ ۾ جو شعور آهي، جيءَ ۾ جا جان آهي، تنهن سوکيم ادرشٽ لٽ جي ورلو تعمير ڪري! سنگمرمر کي تيشي، رنبي متڪي سان ڇلي، صورت ناهڻ آسان ڪم ناهي، پر سيرت سازي انڪان ٻه وڌ اٽانگو فن آهي. چوندا آهن

"سنگ ڪاٽي سوس، تہ سرس ٿئي صورت."

**As the marble wastes, the statue grows.**

تن منش ۾ ڀڻ جڙ نت جلي، تہ آتم نت جڙي. اهڙي انوکي ڪاريہ لاءِ سڄاڻ پرش جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ جوت جوت مان ملي ٿي. وشو ۾ بہ جوت آهي؛ هردي اندر بہ جوت آهي. پر اها لاٽ رڳو جلائي تہ، پر جلندي جيڪاري؛ سو ستگروءَ جي ڪرپا بنا ٿيڻ محال آهي. ڪنور کي سترام داس وٽان جوت ملي، جنهنڪري اجي جيون جو ذڪر ڀڻ ڪبو.

سوامي سترامداس ڀڳت ڪوٽارام جن جو نيون نمبر پٽ هو. ڀائي ڪوٽارام رهڙڪي، ضلع سکر جو رهواسي هو. ٻالڪڻ ۾ ئي هنجي چت جو لاڙو ايشور ڀڪتي ڏي مائل هو. سندس ڀاءُ وڻج واپار ڪندڙ گرهستي، ڪٽنب پروار وارا هئا. سندن خواهش هئي تہ ڀائي ڪوٽارام ڀڻ ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳي تہ بهتر. پر هن گرو ارجن ديو جو گوجري محلا ٥ وارو شبد چئي ٻڌاين:

ڪاهي ري من چتوهہ ـ اُدم جا آهر هر جيئہ پريا
سيل پٿر مڌهہ، جنت اُپائي ـ
تاڪا رزق آگي ڪر ڌريا وغيره

مطلب تہ "سو ڪرتا چنتا ڪري ـ جن اُپايا جڳ." ڀائي ڪوٽارام جي ايشور ۾ نيشٺا پڪي هئي، جنهنڪري جيئن آيو ويس وڌندي، تيئن ست سنگ ۾ من ويس

۽ ڪاري رات ڪر موڙي، ڇڳون ڇوڙي، خماري لهڻ ڪٽي، اُره ۾ آس رکي پورب مان پرڪاش جو اوسيڙو ڪندي آهي، تڏهن بادل دور دراز جر ٿر جهاڳي، رهڙڪيءَ جي ننڍڙي ڳوٺ مٿان مهر جو ميگهه وسائڻ خاطر اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. سيتل هير پي لڳي ۽ تازي گاهه جي سڳنڌ آسپاس جي سرسبز کيتن تان ڪٽي ٿي آئي. لوڪ ننڊرا ديويءَ جي نيستيءَ ۾ غلطان هو، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ ست پرش جي، جنهن لاءِ اها امولڪ ويل سلطاني سهاڳ گهڙي آهي. اهڙي وقت پائي کوٽارام جي چنڊل چٽي ۾ هڪ نهايت سندر ٻالڪ جو جنم ٿيو. سنهي سنهي بوند جي وسڪار، بادل جي ماٺي ڌيمي گجڪار، سيتل هير جي سرهي هٻڪار ٻي سندس هنئون پي وهسيو، ۽ من جو من ۾ ”بوند ٻره جي ٻهار لڳي، درد وندي جو ديس وسي پيو“ واري لطيف ٽنوار پي هليس. اهڙي سرهي سڀاڳي سمي پٽ ڄمندو ڏسي، هري آيس ته انهيءَ ٻالڪ تي ڌڻيءَ جي خاص مهر آهي. انهيءَ خيال اچڻ سان اُٿي ڪڙو ٿيو، ۽ سڪمڻي صاحب مان وچن وٺڻ لاءِ پرارٿنا ڪري، اکيون پوري وچن ورتائين:

جس ڪي من پار برهم ڪا نواس. تسڪا نام ستراماداس

واڪ وٺڻ پڄاڻا وري ٻه اکر ڏيان ٿي انيڪي آواز ٻڌڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته ساڳيوئي ناڻو هري آيس.

هو. ٻهراڙيءَ ۾ گڏهن تي ٻورا آڻڻ نه وڃڻ سبب ڦٽ ٿي پوندا هئا، نه هي سٽ ورش پنهنجي هٿن سان دوا لائي پٽي ٻڌي ڇڏيندو هون.

هتي سنڌي هندن جي عقيدي ۽ ايمان جو مختصر ذڪر ڪرڻ پڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته انهي پوري ڄاڻ بنا گمراهه ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. سنڌ جي هندن جو رسم رواج ويدڪ ريت انوسار هوندو هو، يعني ته شاديءَ غميءَ تي پروهت ويدڪ منتر اُچاريندو هو ۽ ڏياري هولي ۽ ٻيا اُتسو پڻ هندڪي ريت انوسار هوندا هئا. اِها ابي ڏاڏي جي رسم هئي، جا ايامن کان هلندي پئي آئي. انهن عقيدي يا اِي اعتقاديءَ جو سوال ئي نه ٿي اُٿيو. هزارن ۾ ڪو هڪڙو سنسڪرت جا جزوي منتر يا پاٺ پوڄا جي ترتيب ڄاڻندو هو. سنڌ جا برهمڻ وديا ۾ عام هندن کان پوئتي پيل هئا. اٿري قدر جو تعليم خواه نوڪريءَ لاءِ پاڻ کي هريجن جي لسٽ ۾ داخل ڪرايو هئائون. سنڌن روزگار اڪثر ڪيتر ڏڌ مٺائي وڪڻڻ تي هوندو هو. ويدڪ يگيه، هون بل خواهه اويدڪ مورتي پوڄا هندن ۾ مروج نه هئي. فقط ڪي ڳاڻ ڳٽيا آريه سماجي هون ڪندا هئا، ۽ سنڌ اندر تازا داخل ٿيل جٽيا ڪلال وغيره مورتي مندر ۾ رکندا هئا. عام ريت مورتي پوڄا، يا ديوي ديوتائن جي اُستتيءَ جو رواج نه هو. اُئين ناهي ته اُئين ڪرڻ

هو. ٻهراڙيءَ ۾ گڏهن تي ٻورا آڻ نہ وجهڻ سبب ڦٽ ٿي پوندا هئا، تہ هي سنت پُرش پنهنجي هٿن سان دوا لائي پٽي ٻڌي ڇڏيندو هون.

هتي سنڌي هندن جي عقيدي ۽ ايمان جو مختصر ذڪر ڪرڻ پڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي پوري ڄاڻ بنا گمراه ٿيڻ جو وڏو امڪان آهي. سنڌ جي هندن جو رسم رواج ويدڪ ريت انوسار هوندو هو، يعني تہ شاديءَ غميءَ تي پروهت ويدڪ منتر اُچاريندو هو، ۽ ڏياري هولي ۽ ٻيا اُتسو پڻ هندڪي ريت انوسار هوندا هئا. اِها اَبي ڏاڏي جي رسم هئي، جا ايامن کان هلندي پئي آئي. اهو عقيدي يا ٻي اعتقاديءَ جو سوال ئي نہ ٿي اٿيو. هزارن ۾ ڪو هڪڙو سنسڪرت جا جزوي منتر يا پاٺ پوڄا جي ترتيب ڄاڻندو هو. سنڌ جا برهمڻ ودیا ۾ عام هندن کان پوئتي پيل هئا. ايتري قدر جو تعليم خواه نوڪريءَ لاءِ پاڻ کي هريجن جي لسٽ ۾ داخل ڪرايو هئائون. سنڌن روزگار اڪثر ڪير ڏڌ مٺائي وڪڻڻ تي هوندو هو. ويدڪ يگيہ، هون بل خواه اويدڪ مورتي پوڄا هندن ۾ مروج نہ هئي. فقط ڪي ڳاڻ ڳٽيا آريہ سماجي هون ڪندا هئا، ۽ سنڌ اندر تازا داخل ٿيل جٽيا ڪلال وغيره مورتي مندر ۾ رکندا هئا. عام ريت مورتي پوڄا، يا ديوي ديوتائن جي اُستتيءَ جو رواج نہ هو. اٿين ناهي تہ اٿين ڪرڻ

اسلام ۾ ڏٽيءَ جي عبادت لازمي آهي، تنهن سک ڌرم ۾ سويري ۽ سنڌيا ويل شبد ڪيرتن ۽ جاپ آهي. درحقيقت سڀني ڌرمن جو سار ساڳيو آهي. گرن اهو مرڪزي خيال دل ۾ رکي هندو مسلم ايڪتا آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اسلام جي خوبين کي سناتن ڌرم ۾ شامل ڪري نئون مارگ جاري ڪيو. وٽن ٻيائي هئي ڪانه، تنهنڪري ٻنا ڀيد ٻنهي ڌرمن جون خوبيون اڇوڙي ڪڍيائون. مثلاً پنر جنم ۽ ڪرم جو سڌانت سناتن ڌرم جو مول انگ آهي. سک پنٿ اسلامي دوزخ بهشت هڪ قسم جو وهم سمجهي رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان عيوض سناتن سڌانت صحيح سمجهي قائم رکيو آهي. ازانسواءِ مسلمانن ۾ سوٽ ماسات سان شادي ڪرڻ جائز آهي، پر هندن وانگر سکن به اهڙي ويجهي تعلقات کي ڏوش وديا جي بنيادي سڌانتن جي ورڌ سمجهي، پنهنجي سماج ۾ دخل نه ڏنو آهي. تنهن هوندي به اها حقيقت آهي ته سک پنٿ ۽ اسلام جي هڪٻئي سان ويجهي عزازت آهي، جا ڪو به منصف مزاج شخص نظر انداز نٿو ڪري سگهي.

مٿين ليک مان پڌرو آهي ته سک پنٿ جو اسلام سان ويجهو سمبنڌ آهي. ازانسواءِ آدي گرو نانڪ جي جيون مان به اهڙي ساک ملي ٿي. توهين ڏسندا ته سندس ٻه دائمي ساٿي ٻالو ۽ مردانو جنهن جي ساٿس تصوير نڪتل هوندي آهي، تن مان هڪ آهي هندو، ٻيو آهي

نياڻي وٺي اسانکي هيسائڻ آيا آهيو.“ مکيءَ کي ٻل
ڪانه ٿيندو، ڏسي سترامداس جي واتان نڪري ويو ”مکي،
تون نه ڪو مرگهيءَ کاڌل آهين، جو گهڙيءَ هڪڙي نه
گهڙيءَ ٻي ڳالهه ٿو ڪرين.“

سنت جي واتان اهي لفظ نڪتا مس، ته مکي
واپاري مل زمين تي ڪري پيو ۽ ڇڙهيون هڻڻ لڳو.
مکيءَ کي اوچتو مرگهيءَ ۾ مبتلا ٿيل ڏسي، سيٺ جا
وائيسر ڦري ويا. ڊپ وچان آزي نيزاري ڪيائون. نيٺ
ڇپائين پادر سنگهايوس. پادر سنگهڻ سان مکي ٿورو
هوش ۾ آيو، پر واڇ ٽيڙيل، ٻوٿ ڳگ سان ڀريل هوس.
انهيءَ حالت ۾ مکيءَ کي گهر وٺي ويا، ۽ پنهنجن سڱ
عيوض ڏوهين تي ڏنڊ وڌو، جو انهن ڀري ڏنو. پنهنجن
وري اهي ڏنڊ وارا پئسا سترامداس اڳيان ارداس رکيا،
جي هن ڏوهين کي موٽائي ڏنا. پوءِ ويچاري واپاريمل
گهڻيئي پير فقير پڇيا ۽ طبيب ٽاڻيا، پر مرگهيءَ نه
ڇڏيس. نيٺ وري سترامداس جن وٽ آيو، جنهن ڇيس
هاڻي ڄمار پر مرگهي توکي نه ڇڏيندي. باقي ايترو
ڪيو ٿا، جو اڳ اها آفت اوچتو نازل ٿيندي اٿئي، پر
هن ڪالپوءِ ڪجهه وقت اڳواٽ چتاو سان ايندءِ. هن وارتا
مان پاڻ سمجهي سگهون ٿا ته سنت جو ٻول ويرٿ نه
ويندو آهي. هڪوار ٽير ڪمان مان نڪتو، ته هٽي
وڃي هنڌ ڪندو. البت سنت ۽ سترامداس جهڙو نر

مڙس ڪپي، نه ڪ گندي ۽ گراهه لي ٿو نئيون ٿوڪيندڙ
نڙڪو ڦڙڪو، گودڙيو گسائين.

سوامي سترامداس جي سنڪلپ سڌي سنڌ ۾ واقان واٽ ڦهليل آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته هڪ سرسام ۾ ورتل مائي طبيبن وٽان لاعلاج ٿي وٽن آئي ۽ عرض ڪيائين ته ڪيس انهيءَ ڀڄڙيءَ بيماريءَ مان نجات ڏين. سوامي جن مشڪي چيو "ادي آءٌ ڪو طبيب نه ڪوه آهيان، جو تنهنجي مرض جو علاج ڪريان. وڃ، ڪنهن ويڄ وٽ، ته سٺي ڦڪي ڏئي سگهو ڪريئي." مائي ڦڪيون ڦڪي ٽڪي هٿي، سو چيائين "بابا در ڏسان ڪهڙا، آيس اڄهي ٿو، ڪولهي هن ٻنديءَ جو بگر ٿو ٻلو." اتفاق سان اوڏي مهل ٿلهيو پنگ جو وٽو سوامي جن لاءِ ڪٽي آيو. سترامداس پنگ پي باقي اڌ پاءُ جيتري بچائي سرسام ڪي ڏني. مائيءَ نه ڪٺي وير، يڪدم پنگ چڪو چاڙهي وٺي ۽ عجب نه ٿوبيو ٿئي پئي. هاڻي چا لڳي پنگ، جنهن جو اثر ٿڌو؛ ۽ چا لڳي سرسام، سو به سياري جي موسم ۾!

هڪ دفعي رهڙڪيءَ ۾ شادي ٿيڻي هئي، جنهن تي سترامداس کي ڀڳت وجهڻي هئي. ڄاڃي دهل دماما وڄائيندا ماڃين وٽ پي ويا، ته اوچتو سترامداس کي هري آيو ته سڀي سال ۾ برسات ڪانه پيئي آهي. سو هاڻي پوي ته ڏاڍو چڱو. بس، پوءِ ته وسڪارو شروع ٿيو ۽ گهوٽيتا ٻڇي پٽ تي پيا. ڀڳت ويل ٿوري وائڪه

اهڙي ڄاڻ ناهي. آءٌ شري رامانند کي ٻالڪپڻ کان سڃاڻندو هوس. هو نهايت ڌيرجوان، گيانوان، ڪومل سڀاءَ جو سنت هو. سندس مک مان اهڙو ٻول نڪري، سو به ڪنور ڀڳت لاءِ - وسهڻ جهڙو نٿو لڳي. سوامي رامانند نهايت فهميدو بافضيلت، ۽ ڪي ٿوري ڳالهائيندڙ انسان هو ۽ آئي وئي جو چڱو چوکو آدرستڪار ڪندو هو. سندس ديهانت ٻه سال اڳ هتي هندستان ۾ ٿيو، جنهنڪري پيا به سندس وڻندڙ ۽ ماٺي سڀاءَ خواه سڀهي زناني آواز جي تصديق ڪري سگهن ٿا. باقي وڌيڪ خبر خاوند کي.

سنڌ جو اهڙو ڪو ڳوٺ ئي ڪونهي، جنهن ۾ ڪو درويش نه ٿيو هجي. سنڌ آهي ئي سنتن صوفين جو ديس. انهن درويشن جا ڪارناما ۽ ڪرامتون درج ڪجن ته ڪيترين ورق ڪارا ٿي وڃن. ممڪن آهي ته شهري ان تي ويساهه نه آڻن. پر اهي وارتائون هر وير سؤ صدي ڄڙتو به ناهن. مٺيا وارن ماڻهن ۾ سگهه آهي ۽ اها سگهه تپسيا جو نتيجو آهي. سترامداس سڄي جيون جتي ستي ٿي رهيو. پر اُپڪاري به حد درجي جو هو. گائن وديا جي شايد گوين ۽ ڪٿڪن جهڙي ڄاڻ نه به هجيس، پر سندس آواز ڪمپيندڙ ۽ هردي مان جهرڻي جيان نڪرندڙ هو، جنهنڪري جتي به ڀڳت وجهندو يا ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو ته لوڪن کي موهي ڇڏيندو هو. سندس

ساراهه ۾ گھڻيئي قصيدا چيل آهن، جن ۾ سندس پريمين ۽ شاگرن سندس لاءِ قرب جو اظهار ڪيو آهي. ڪنور ۾ سدائين پڳت وجهندي سترامداس جي ساراهه ۾ هيٺيون راڳ ضرور چوندو هو.

---

## پڇن پيروي (رڪارڊ ٽيل)

ٽل- سچو سائين سترام پرآپڪاري -
هيو پرڪ ڪرشن مراري

١- ڌرم ڪرم ۾ سريشٽ سدائين -
جيئن وڪرماجيت جس ڌاري
ساريءَ سنڌ ۾ نالو ننهنجو -
هيو گوبند گرورڌاري - سچو

٢- پرمارٿ ڪارڄ ديهه ڌاريائين -
جئن چندرما آهي چمڪاري
سيا سينگار، لوڪ ڏک ڀنڄن -
هيو نر اچا نر اهنڪاري - سچو

٣- مهرداس تي مهر مالڪ جي - ڪنور تي ڪرپا ڌاري
تو بنا سي ڪيئن ڪندا -
اها مالڪ جي عجب اسراري - سچو

٤- الذا معبدا مست موالي - موٽيو نه سوالي در تان خالي
ست ڪرتار ڏني توکي لالي -
توکي سنياري تي سنڌڙي ساري - سچو

٥- پسي مورت تنهنجي پياري -
کسيئہ دل سيني جي ساري
گوپين وانگر ڦرن چوڌاري -
تو بن رهڙکي لڳي ويچاري - سچو

٦- داسن داس عرض ڪريٿو - همت بڌي نيزاري
رهڙکي شهر ۾ جنم ساڄن جو -
هاڻ ٿيو امر ڌام آڌڪاري - سچو

گرو گوبند دوئون ڪڙي، ڪسڪي لاگون پاءِ؛
بلهار گـــر آپڻي، جـن گوبند ديـــو بتاءِ.

يڪتي مارگين جو جيون رهسيہ سمجهڻ لاءِ روچڪ هردي ۽ رُوڙي نيڻن جي ضرورت آهي. سگهڙي عقل دئاران ڪٿ ڪرڻ موڙڪتا آهي. منش وٽ اهڙا ماڻ ئي ڪونهن، جو دل جا ڀور ۽ ريچڪ، پٽنگي ايلاشائون ۽ اُدماد، پريم جو پار ۽ سار پروڙي سگهي. ماڻهو چوندا آهن ويچار مغزي ليش جي پيداش آهي. پر سچو گيان، ويچار ورتي، پرڪاش جو پرتوَ فقط ميچالي جي وروڪڙ تهن اندر لٿو اُسري. اهو رت جو اپڄ آهي ۽ سوور پون شارپرڪ، ماسڪ شڪتيون اُن جي اُپائڻ ۾ ڀاڱي ڀائي آهن. تنهنڪري ساڌارڻ سمجهه دئاران اساڌارڻ يڪت ورتي سمجهڻ ڪٺن آهي. هنتي اليوي اڪہ، انتر اُجالو ڪپي، جو اهو سوز ۽ ساز سمجهي.

"سپنيءَ سپڻان جي، ڪر حوالي ڪم،
ته تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪر هاج ٿو."

اِهو انيمت شردا ۽ اڏول ايمان جو آواز آهي. سچو ايمان اند وشواس ناهي. پر پيار مان جاڳندڙ ۽ پرجهه اُتپن ٿيل ٿي، يا جو ذاتي ڄاڻ مان فهم ۽ ادراڪ پيدا ٿئي ٿو، سوئي ايمان جو جهلو آهي. عقل سان گڏ ٻڌ ڄاڻي سگهبو. پر تاڃي پيٽي جي اڻ تڻ، سياو جي ساڃهه، ورتيءَ جي ڄاڻ، شخصيت جي پڇاڻ رڳو لهه وچڙ ۾ ڏسارن پراپت ڪري سگهبي. ممڪن آهي ته عشق جون ظاهري اکيون انڌيون هجن، پر ظاهري اک سڀ نه ٿي ڏسي، ۽ جيڪي ڏسي ٿي سو پورو نه ٿي ڏسي، ۽ سو ٻه ٿوري وقت لاءِ ٿي ڏسي. انهيءَ سبب اها نگاهه اڻ پوري آهي، ناقص آهي. نُور جو فروغ انهيءَ اک ۾ ڏسارن نه ٿيندو.

"اکيون آهي ڏار، جنهن سان پسين پرينءَ کي."

جنهن ۾ اها اک يا ديد پيدا ٿي آهي، سو آهي پڪت ۽ سوئي آهي سنت، يا عاشق صادق ۽ درويش.

هر ڪنهن جيءَ ۾ دم آهي، پر دل ڪنهن ورلي جيءَ ۾ آهي. ساهوارا اڻيڪ پر ساهس وارا ٿورڙا. انهيءَ ساهس ٻنا ڪو وڏو ڪم سرانجام ٿي سگهي، نڪي زندگيءَ جي سراب کي گلزار بڻائي ٿو سگهجي. جن ۾ ساهس آهي، سي درياهه جي دم دهشت پر نه تا ٻڄن

گيان پراپت ڪيو. هو انکي چاڻ ناهي ته گوتم ٻڌ، حضرت عيسيٰ، حضرت محمد، ويد وياس ڪو ٻاهريون گرو ڪيو. هنن پنهنجو گرو پاڻ ڏنو ۽ پاڻ مان ئي جوت جهٽيائون. تنهن هوندي به اوچ ڪوٽيءَ جي منش سان سنگ يوٽيل طاق ڪولڻ ۾ سهائتا ڪريٿو. سچو گيان ورتيءَ ۽ سياءَ ۽ ديش ڪال جي وڏيءَ اوسار اندر مان تو ملي، پر روحاني راهه ۾ ماهر ۽ تجربيڪار، ڪانکيءَ کي دڳ لائڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا.

ڪنور خوش نصيب هو جو هڪ اهڙي ست پرش جي ور چڙهيو جنهن لاءِ سامي ٿو چوي:

ستگر جهڙو شاهه، ڪو نه ڏنوسين ڪاٿهين؛
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آلم ڏن اٿاهه،
نکي پڇيائين جات پات، نکي پڇيائين راهه؛
ڪري من اڇاهه، "سامي" ڇڏيائين چن ۾.

سوامي سترامداس جو جيون سنکيپ ۾ اڳيئي ڏنو اٿم. ڪنور انهيءَ ڪامل مرشد جي هٿ جي گهڙت هو. انهيءَ وٽان ئي ڪنور کي ڀڳت يوگ وئراڳ جا پندار مليا، انيڪ جوت ڪلي، سمجهه ۽ صدق وڌيو، اگم جو گيان پرڪاش ٿيو، چت جي چيت متي ۽ اوديا جو پالڊو پريو. ڪنهن ورلي ڀاڳوان کي اهڙو گيان پرڪاشي گرو ٿو ملي.

پر گروءَ جي گيان مان لاڀ پرائڻ لاءِ پاتر کپي. هر ڪو منش پنهنجي وت آهر جهول ٿو ڀري. گيان

انساني نفس جو حاذق حڪيم هو، جنهن ميو مهري
ڪيو. هن وٽان ٿي ڪنور حق ناحق وچ تميز، صحيح
غلط وچ تفاوت، مفيد نقصانڪار وچ سنڌي، خير ۽
شر وچ فرق جو علم پرايو. ورلي ڪنهن انسان کي پڙهڻ
۽ شرڻ وچ ڀيد جي ڄاڻ پوندي. اڪثر ماڻهو ڪتابيءَ
گيان ڪتب جي ڪڻ ڏي ڇڪجي وڃن ٿا، پر اها چيز جا
وٺي ٿي، سا واقعي لاڀدائڪ آهي يا هاڃيڪار، تنهن
جي ڄاڻ گهوٽ لٿو ڪري. دوا تلخ هوندي به صحت
بخش آهي ۽ مٺائيءَ مان ملو ٿي سگهي ٿو، سو اڳرات
سمجهڻ لاءِ سوجهه کپي. اهڙي سوجهه بوجهه سگهڻي
ڪتابي علم مان پرائڻ مشڪل آهي. انلاءِ شاه جو نسخو
وڏيڪ اثرائتو آهي.

"وهڻ ويڄن وت سکين نه سگهو ٿين."

ستراماس واقعي اهڙو ويڄ هو، ۽ پڻ ڪنور به ڪافي
صدق ۽ پيار هو، جو سيرت ساز پنهنجي مرضي مطابق
هنکي موڙي جوڙي سگهيو ٿي. ڪنور جي هردي ۾
پنهنجي اُستاد لاءِ ڀڳت ڀاونا ڪُوٽ ڀريل هئي.
اها ڀاونا اهڙي آهي، جو پريتم بنا ٻيو ڪو هردي ۾
سمائجي نٿو سگهي. انهيءَ ڪارڻ ڀڪتيءَ جو انگ
اپنگ ليکبو آهي. ڪنور ۾ به اهوئي گڻ هو، جنهنڪري
نهايت خلوص ۽ صدق سان پاڻ ارپي ڇڏيو هئائين.
بلڪ پاڻ هو جسم، ته ان جسم اندر هو روح ستراماداس
جو. انهيءَ ڪامل ڪلاونت اهڙي ڪا ڪنور جي اکين

ساجن جي! سو پيو اندر جهٽڪي ٻاهر ناٽي. هاٽي آءُ
وڃان کهڙي وهه. بهتر ته مونکي وٽس ڇڏي اچو."
پاڻي ناراچند ڏنو ته سچ ٿو چوي. هونءَ به ڇوڪر آهيٺي
پرائي امانت، تنهنڪري ڀل وڃي پنهنجي جنم داتا
جي چرڻن ۾ جيون سڦلو ڪري. جڏهن اها وارتا سترام
داس جي ڪن پيئي، ته هن ڪنور کي ٻاڻ وٽ رهائڻ
جو فيصلو ڪيو. سمجهيائين ته نينگر واقعي مٺيا وارو
آهي ۽ سندس سکيا گرهڻ ڪرڻ لائق. تهانپوءِ هن
ڪنور کي گر اُپديش جي بخشيش ڪئي ۽ سدائين مٿس
مهر ۽ شفقت جي نگاهه رکندو آيو.

ستارام داس ٻاڻ ڀڳت هو، تنهنڪري ڪنور کي پڻ
ننڍڙي اوستا ۾ ئي جامو ڀهرائي ڇير ٻڌايائين. ارمان ته
انهن ڀڳتي آلاپي عطاين جي راڳ جو ڳنڍيل رڪارڊ
ڪونهي. مون ستارامداس نڪي ڏٺو، نڪي اُنکي ٻڌڻ
جو شرف نصيب ٿيم. پر مڙس جي ڪا هاڪ آهي!
لاشڪ ڪا وٽ هوندو. پر نسرات ڪنور جڏهن جامو
پائي نچندو ۽ ڇم ڇم ڪري ڦيرڙي پائيندو هو ته ماٽيلي
جي مومل خواه ٻيون خواه هندو مومن مردن جي قلب
۾ کهڙا وئل وهائيندو هوندو، سو توهين پاڻ سڄاڻ
آهيو اندازو لڳايو. اُيي جا ماڻهو حسن پرست، عاشق
مزاج آهن. مومل خود ماٽيلي جي ٿر جي هئي. پوءِ
وڃي ڪاڪ ۾ طلسمي محل اڏيائين ۽ سوڍي جهڙو

سورمو ڀورين هرڪائي ڀوء ڀاڻ هرڪي سنڌ جي لافاني
عشقي افسانن جو اسباب ميسر ڪيائين. پر مومل مرڻ
ڀڄاڻا ملڪ پينگو ڪري ڪاڻ وئي. ملڪ مڙيوئي آهي
مومل سان مالا مال، ۽ اتي جا ڙسيلا پڻ نهايت ٽمڪين
آهن. روهڙيءَ واري بيدل فقير جا عشقي افسانا ته
اوهان ٻڌا هوندا. اها طبيعت اڪثر افرادن کي ورثي
۾ مليل آهي. ممڪن آهي ته سڄي سنڌ ان طرف مائل
هجي. سنڌين جي طبعي حسن پرستيءَ تي گهڻن ئي قلم
هلايو آهي، ۽ اسانجي شاعرن پڻ ڪي قصا ڪهاڻيون
قلم بند ڪيا آهن. البت انهن مان گهڻا قصا شاهه تان
نقل ڪيل آهن ۽ منجهن اصليت جي خصلت ڪم آهي.
ازسواء انهن کي چڪي تاڻي هرجاء الاهي عشق ۽
علم معرفت سان رنگي ڇڏڻ جي عادت اهڙو گهر ڪري
وئي آهي، جو انکي ڪنهن معقول حد اندر رکڻ اڻانگو
ڪم ٿي پيو آهي. درحقيقت مجازي ۽ حقيقي عشق
وچ ۾ فقط بصر جي ڪل جيترو سنڌو آهي. اهوئي سبب
آهي جو ڀڳتي مارگين ۽ صوفين واري ڪلام ۽ ڪليو ڪلايو
عاشقانه شعر وچ ۾ گهڻو فرق ناهي. هونئن به هرڪو راڳي ۽ ناچو،
چترڪار ۽ سنگ تراش، ڪوي ۽ ڪلاڪار سڀاويڪ حسن
پرست آهي. هو سوري سرشٽيءَ کي سندرم جو
سروپ سمجهي ٿو، ۽ انجي ڪشش پنهنجي هردي
اندر محسوس ڪري ٿو. جي ائين آهي يا انهيءَ شرح ۾

سخاوت ۾ ناهي. ڪن حالتن ۾ سخاوت بدلي سونهن جو پرڪاش پاڻ سر سيرو ٿو ٿئي. هتي ٻه ساڳي ڪار آهي. چاڪاڻ ته انهيءَ تصوير ۾ سادگيءَ ۽ سونهن جو اهڙو عمدو ميلاپ آهي، جو هڪوار ان تي نظر پوڻ سان دل تي چٽجو وڃي.

هاڻي اهي ٻئي ڦر بدار جڏهن ڇير جامو پائي، گهنگهرو گهڻڪائي، ڪن ۾ ڪنڊل لڙڪائي ڇتي ڪوئل جهڙي آواز سان سر وڻائيندا ۽ ٽل ڏئي ڪڍائيندا هئا ته هاري ناري هوا ۾ ڪٽڪ جي فصل وانگر جهولڻ جهلڻ لڳندا هئا، ۽ بي اختيار سندن زبان مان نڪري ويندو هو "يارو، هار هيون پائي سينگار آيو آهي. ناهه مڙئي ناهي ڪو چمڪار آيو آهي. حسن صورت ٻلي، تنهنجو تاب ڪري جهلي. مشڪ عطر ملي، هڪار آيو آهه."

ڪنور اڃا ائين پڪتيون وجهڻ سکيو. سترامداس جي سارا اڄ ئي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل هئي، تنهن ڪري ڪنور جي ڪلا لاءِ موڪرو ميدان ميسر ٿي ويو. جنهن وقت ويو گذرندو، تنهن سترامداس جي سونهن وڌي بزرگيءَ ۾ تبديل ٿيندي. سندس لسي ڳتي ۽ ڇڄ جيڏي موڪري ڇپر، سادي چولي ۽ لانگ ورايل پڳيءَ ٽائين ڏوليءَ مان ساڌ پڻو جو اڄ ظاهري ريت ڏسڻ ۾ نٿي آيو، سو نڪري نروار ٿيو. ٻر ڪنور جو منوهر مکڙو گلاب جي غنچي جيان ويو نڙندو ۽ ماڻهن جون

پوءِ ان مٿان چنبو وجھي سيني کي آگيا ڪيائين ته
شهر ۾ ڍنڍورو گهمايو، ته جيڪو به ٻاهريون خواهه اندريون
آدمي هجي، سو ڪرُپا ڪري گروءَ جي اکرن مان
ڇوڳو ڇڪي وڃي. ڇوته ماڻهن جون ٻهرون واري
سان صف ٻڌي خوب ٻيٺ پري ڪائي خوش ٿيون، پر
ڀڳاڙيءَ ٽائين ڪاڏو ته ڪٿو. گروءَ جو وچن آهي ته

راج مھہ راجا، جوگ مھہ جوگي
تپ مھہ تپيسر، گرھست مھہ ڀوگي
ڌياءِ ڌياءِ، پڇتھہ سک پايا
نانڪ تس پرکھ کا، کني انت نه پايا.

ستراماداس جي چمتڪار جو واڪاورڻ ته آپي جي پٽ
۾ عام ٻڌبو هو. ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جو چت سياويڪ
انھن ڏانهن ڪشش ڏي مائل رهي ٿو. ڇوته ته جڏهن
ڪنور کي جڻيو پائڻ جو مھورت اڪتو ته ٽاراچند پنھن
جي پٽ کي ونس وٺي آيو. هندن ۾ جڻيو پائڻ ننڍين
جمر وڌڻ سمان ليکبو آهي، ڇاڪاڻ ته ان پڇاڙيءَ ٻالڪ
هندو جاتيءَ جو انگ سمجھو ويندو آهي. ڪرستانن ۾
انھيءَ دکشا کي بپتزم چوندا آهن ۽ مسلمان طھر. جنھن
پاڻ جڻيو، سو ٻيو ڏوج يعني ٻيو دفعو ڄاول. انکان
اڳ هو فقط ٻين جيون وانگر هڪ جيو سمجھيو ويندو
آهي، جنھن جو ڪو خاص ڌرم ناهي، اڪي ڪنھن
خاص جاتيءَ جو انگ آهي. سو ستراماداس اھا ڳالھہ ڌيان

جي ذميواري ڪنور ڀاڳ تي ڪئي. پر ڏيکاءُ اهڙو ڏيندو هو، جو ڪار ڀه ڪرتا ڀاڳ ناهي، پر سرڳواسي سترامداس ۾ اهوئي سبب هو جو سترامداس جي آگيا کانسواءِ پڻ ڀاءُ لاءِ ٻاهر پير نه رکندو هو. ڪنهن به ڪم لاءِ ڪنور پنهنجي سر ها يا نه ڪندوئي ڪين هو، پر اهڙي مهيتا خواه ان لاءِ دليل سترامداس جي آکه تي ڏيندي هئي. ڀاڳ رڳو حڪم وهيڙو هوندو هو ۽ سپاهيءَ جيان ٻڌا چون چرا جي ان تي عمل ڪندو هو. ديهانت پڄاڻي، سترامداس جي ڏيوري پڻ ڪنور ڀاڳ تهرائي، جتي ڪجهه وقت ويهي پرارٿنا ڪندو، پڻ ڳائيندو ۽ اڪيلوئي اڪيلو سڪ سوز مان پنهنجي ستگروءَ کي سنڀاري ڳوڙها ڳاڙيندو هو. ڇو ڪين اڻن

”ڀيڻي وينا روئن، ڏکي ڏونگر ڀاڳ ۾؛
ڪنهن کي ڪين چئون، منجهن جو پريتڙو.

انهيءَ مان ئي سندس ڀڪت ڀاونا، اننت شرڌا ۽ پريم جي پروڙ پئجي سگهي ٿي، ۽ اهوئي سبب آهي جو مون ڄاڻايو آهي ته ڪنور جي شرير ۾ سترام داس جي آتما جو نواس هو. جي ڪنور هو گل ته سترامداس هو انهيءَ گل اندر سمايل خوشبو. دنيا اندر ڀڳت گهڻيئي ٿي گذريا آهن. هرڪو پنهنجو مت ڀاڳ هو. پر ڪنور به پنهنجي ليکي ڪو گهٽ نه هو. تنهنڪري هنکي به اهڙن ايشور پريمين جي قطار ۾ ئي شمار ڪجي.

# ٣

## ڏسڻ جي ڏسين ٿون، نه هر ڪي حق چئين

ڪوڙين ڪاپاٽون ٺهنجون، ليڪن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين درسن ڌارون ڌار
پريم ٺهندڙ پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان!

مون ڪٻور جي گرپڪتيءَ جو ورڻن ڪندي ڏيکاريو آهي، ته ڪيئن ڀڳت سترامداس جي رهڻي ڪهڻي، آچار وچار جي پيروي ڪندو هو. پر گرن وٽان ڪهڙي گيان ملپس ۽ ڪهڙيءَ ڀڪتيءَ سان ذات پراپت ٿيس، تنهن جو چٽو پر چٽو ورڻن پڻ لازمي آهي. البت اهڙا سکيا ڪنهن خاص پنٿ يا فرقي لاءِ ناهي. ڪو به ان تي عمل ڪري ڀيض پرائي سگهي ٿو. جو اونچي سوار جن. هن هند الهيءَ سکيا جو وستار وچور سان ڏيئي نه سگهبو. اُن لاءِ الڳ گرنٿ کپي. هتي فقط سنکيپ ۾ ڪي مول سڌانت ۽ ساڌن ڏيکاريا ويندا، جن جگياسو انهن جي اوٽ تي

وڌيڪ اپياس ڪرڻ لاءِ مائل ٿين. ازانسواءِ هالو چالو ٻوليءَ ڪم آندي آئم، جئن ڪو بہ پڙهي تہ سولائيءَ سان سمجهي سگهي.

١. ”حق مڙ ٻوئي هيڪڙو، وائي ٻي م ڀل“

يعني ڪل ڪائنات يا سرشٽي هڪ ئي اگم جي رچنا آهي، جنهنکي ايڪو- اوم- واحد الوجود- ست نام چئجي ٿو. ست نام ۽ حق جي معنيٰ ساڳي آهي. رڳو ٻوليءَ جو فرق آهي. انهيءَ الک نرانجن جو ڪو روپ رنگ ريکا ناهي، جنهنڪري انکي نراڪار يا نرگڻ پڻ چئجي ٿو. ويدانتي ان عيوض ”برهم“ شبد ڪتب آڻيندا آهن. اهوئي آهي آدي مول ڪارڻ، جو خيال، قياس، گمان کان اوچو آهي. جڳت اندر جيڪي بہ جيو جنت پدارٿ پرگهٽ ٿين ٿا ۽ عرصي پڄاڻا لئہ ٿين ٿا، تن جو آڌار اهائي هڪ هستي آهي، جنهن جي جاڻ منش جي دماغ ۾ اچي نٿي سگهي. انهيءَ سبب ئي انکي الک اگم چئجي ٿو.

٢. انهيءَ اگم مان پنڊ برهمنڊ، نراڪار مان آڪار اويڪت مان ويڪت، غيب مان مظاهر، اَدرشٽ مان درشٽ جو بکڻ يا پرگهٽ ٿيڻ آهي اُنروچني مايا. جئن جل ئي ڦوڙو ٿي ٻهندو آهي، تئن هڪ ئي ايڪي مان انيڪ ڪائناتون نڪري نروار ٿين ٿيون. اهي ڏسڻ ۾ نراليون آهن، پر جئن ٻڌ ٻديءَ کي جل کانسواءِ ٻي ڪا نرالي هستي ڪانهي، تئن اهي روپ پڻ انيڪ پاسندي

انهن جي ماپ ڪري نٿو سگهي. البت انسان انساني
دماغ جي حدن جي پروڙ پوي ٿي، نه ڪ نبڪي جي ذاتي
وصف جي. هر حال برهمانڊ اندر جيڪا به رچنا آهي،
سا سرجڻهار جي رچڻ شڪتيءَ جو پرڪاش آهي.
شڪتي جا ستي (Being energy existence) رجي
Substantiality) تمي (Principle of activity mobility)
دٺاران وچتر ورن الپن ڪندي (resistance inertia
رهي ٿي. انهيءَ سرجڻ شڪتيءَ کي ست (Being
Cognition) چت (existence omnipotence action
omnipotence goodness) آنند (omniscience knowledge
desire wholeness) ۽ چئبو آهي. ست چت آنند يعني
ذات جلال جمال آهي چيتن شڪتي يا هستي جا سدائين
وشو رچنا جي وچتر ليلا رچيندي رهي ٿي.

٣. جڏهن بصر ۾ تهه اندر تهه ٿئي ٿو، تڏهن منش ۾
ڪوش ٽين ٿا. هتي رڳو ٽن جا نالا ڏجن ٿا. ١. هڏي
ماس جو ٺهيل استول شرير. ٢. واسنائن ابلاکن وارو
سوکيم شرير. ٣. ڪارڻ شرير، جوئي ديهيون ناهي ٿو.
ايشور ۽ آتما ۾ فرق ناهي. آتما ڪاريه رهت آهي ۽
سيڻي ۾ ساڳي آهي. جڏهن بجلي بلب ۾ روشني ڏيئي ٿي،
يا پکو هلائي ٿي. انهيءَ بلب ۽ مشين جي وس آهر-
تڏهن آتما جو پرڪاش جيو جي وس آهر ٿئي ٿو. پر خود
بجلي يا آتما جي شڪتيءَ کي ڪا حد ناهي.

٤. سکہ دکہ ۾ جيو ٿو ڀوڳي پنھنجي سڀاويڪ ڪرم انوسار، ۽ جمي مري به جيو ٿو. اهو جيو پرڪرتيءَ جي پريورتن وهيٺو آهي - يعني ان ۾ سدائين تبديل ٿيندي رهي ٿي. انهيءَ پريورتن يا دائمي انيتا جو نالو موت به آهي، ڇاڪاڻ ته موت جيوت جو باعث بڻجي ٿو. موت آهي روپ جو بدلجڻ يا پراڻا وستر لاهي نوان اوڍڻ.

٥. جيو جي وڪاس لاءِ گيان ڀڪتي ڪرم جو ميلاپ کپي، يعني ته جيسين دل دماغ جسم سگهو ۽ سالم نه هوندو، تيسين اُنتي ڪري نه سگهبي. انسان جي اوسر انهن جي صحت تي مدار ٿي رکي. ڪٿي به ڪاڻ پيٺي ته ڪسائي پيدا ٿيندي، ۽ منش اڳهو اڻ پورو رهجي ويندو. ڏٺو ويو آهي ته صحت مند انسان ڪو ورلو ٿو ٿئي. ڪنهنجو شرير سبل آهي ته دماغ ابل. ڪنهنجو دماغ تز آهي ته دل خشڪ. بد بختيءَ سبب نرالا مارگ پڻ يڪطرفي اوسر تي زور ٿا ڏين. پر جيون برڪش مثل ڦل تڏهن ڏيندو، جڏهن ٿڙ ٽاريون پن وغيره تازا توانا هوندا.

هاڻي يڪتي مارگين جي ڪن بنيادي اصولن جو ورنن ڪجي ٿو.

١. "وڇاڻي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ"

نهايت صدق صفائيءَ سان دل اندر ڏٺيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو ماڳ مقصد نه رکو، ڇاڪاڻ ته خودي ۽ خدا هڪ

هنڌ سمائجي نٿا سگهن. انهيءَ سبب ”مون ڪجهه ناهين، ڪجهه ناهين مورا“ جو جاپ جپي. درويش انهيءَ ورتيءَ کي ”فنا“ ٿا چون، ڇاڪاڻ ته انهيءَ منزل تي پهچڻ وارو سمجهي ٿو ته پاڻ ڪي ڪينهي ۽ سڀڪي ڪندڙ خود ايشور آهي. انهيءَ سبب هو سدائين ”حڪم“ جو پابند آهي، يعني ايشوري آگيا انوسار هلي ٿو.

"Our wills are ours, to make them thine"

جيڪڏهن پاڻ خوديءَ کان خالي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندين، ته تنهنجي اِڇا ڏاران خود ايشور جي اِڇا جو پرڪاش ٿيندو، ۽ تقدير تنهنجي اندران ئي نڪري نروار ٿيندي، ۽ تون ڪال چڪر مان نڪري اڪال ۾ نواس ڪندين. ٻي صورت ۾ تون ڪهڙا به چڱا ڪم ڪندين، ته ڪال چڪر کان آجو ٿي نه سگهندين.

”ڪرمي آوي ڪپڙا، ندري موکه دُئار“

اها مهر جي نظر ممتا مارڻ، آپو ميسارڻ پڇاڙڻا پوري ٿي ۽ موکش جو در کلي ٿو.

”صوفيءَ صاف ڪيو ڏوٿي ورق وجود جو،
ٿهاپيوءِ ٿيو، جيتري پسڻ پرينءَ جو.“

اهو پرين اندر لڪ وٽ ئي آهي. مر لاهه ته مشاهدو ماڻين.

٢. نفساني لذتون ترڪ ڪري روحاني طاقت وڌاءِ.

جنهن ڏٺيءَ جي ذات ٻي ابتدا ۽ ٻي انتها آهي، تنهن انساني روح جي ترقي به لا انتها آهي. ”نڪا ابتدا عبد

ڏسي سگهين. انهيءَ ڪري بابا! تون هر جيءُ کي انهيءَ جيوَ جي اک سان ڏسندين، ۽ تنهنجي دل سچي عالم جي آرسي بڻجي پوندي.

۵. دل اندر محبت ڌار. محبت آهي ڌڻيءَ جي امانت، جا ٻن مان هڪ ٿي ڪري. جيئن هر ڪا لهر نديءَ سان ٿي ملي ۽ ندي سمنڊ سان، تيئن توکي به سرو ۾ سمائجي وڃ. محبت ڌارڻ ٿي پاڻ وساري، ٻرين لهندين. اها محبت جي نگاهه چئن قسمن جي آهي: (۱) ذاتي - اهو پيار جنهن جي ڄاڻ نه پوي ته ڪارڻ ڪهڙو آهي. (۲) صفاتي - جنهن جا لڇڻ ڏسي، ان تي موهت ٿيڻ. (۳) افعالي - جنهن جا چڱا ڪم ڏسي ٻڌي ان تي هرڪو هارڻ. (٤) آماري - ناز نزاڪت، رعنائي ۽ دلبريءَ تي ڪيرو ٿيڻ. در حقيقت محبت ۾ سنڌو ڪونهي. فقط انجو اظهار نرالو ٿو ٿئي. ڪڏهن پيار اوچتو، ڪڏهن درجي بدرجي اسر ٿئو. پر هڪوار سلو نڪتو ته ردو رجندو ۽ آپو مرندو. عشق مجازي هجي يا حقيقي ته انجي ذات ساڳي آهي. البت وجود تي ڪهڙو رنگ لڳائيندو، سو عمل تي منحصر آهي. ممڪن آهي هڪڙو هوشمند ۽ عاقل ٿئي، ٻيو نيڪ ڪردار ۽ راست گو، ٽيون مست ملنگ ۽ چوٿون خراب خوار ٿئي. هر حال محبت بنا ميلاپ نه ٿيندو، نڪي عشق بنا وصال. انساني فطرت جي مشين ۾ عشق ۽ عقل ٻه ڪلون آهن. عشق آهي بجلي ۽ عقل آهي

موٽ. ٻنهي جي ميلاپ سان گاڏو ٿو گهارجي. سڪڙو عقل
آهي ٻُول هوسي ۽ خود پرستي، جا ٻاڻ لاءِ خواه ٻين
لاءِ سراسر مصيبت جو باعث آهي. ٽئين ڪري عقل ۽
محبت، گيان ۽ پريم جو ميلاپ ٿيڻ گهرجي.

٦. محبت مان ذڪر ۽ فڪر (شروع ۽ مدن) پيدا ٿئي ٿو. ذڪر ذريعي قلب صاف ۽ فڪر ذريعي معرفت يا آتم گيان پراپت ٿئي ٿو (From initiation to perfection) يعني جئن سالڪ انهيءَ راه تي قدم وڌائيندو ته، سندس چڪر چمڪڻ لڳندا ۽ اندر ۾ تجلين جو ظهور ٿيندو، ۽ ذهني طاقتن ۾ اضافو ٿيندو. رفته رفته اهڙو مانجهو رڌ سڌ لڌ جو صاحب بڻبو، ۽ دنيا جي ڪا به شيءِ هن جي پهچ کان ٻري نه رهندي. بلڪ سندس ٻول اسم اعظم جو ڪم ڏيندو. اهڙن مهاپرشن کي ”ارهت يا ناٿ يا ماسٽر چون ٿا. اولياءَ به انهيءَ طبقي جا آهن. اهو به منزل جو هڪ ڏاڪو آهي. خود ماڻهو اچا به اڳاهون آهي.

٧. ٿورو ڳالهاءِ، ٿورو کاءُ، ٿورو سمهه. ايڪانت ۾ گذار. ايڪاگرتا منش شڪتي انين تي وڌائي، جئن بلور سج جا ڪرڻا ڪٺا ڪري باه لڳائيندو آهي.

٨. ٻين کي وعظ ڪرڻ عيوض پنهنجي دل کي اپديش ڏي. ڀل ته آچاريه اپديش ڪن ۽ ليڊر ليڪچر ڏين. تولاءِ ماٺ جهڙي معجون ڪانهي.

٩. لنبي خوشامد تي خوش نه ٿيءُ ۽ ڏيل ڏيک

ڪان مٿھن موڙ. ڄاڻ نه عزت ۽ ذلت، ٻئي منزل جا ڏاڪا آهن. هونئن به جس جي پياس ناداني آهي. ماڻهن کي پوري سمجھ ناهي، تنهنڪري سندن واھ واھ ڀڻ وائي بادي آهي. توهان سائينءَ کان مهر گھر ته بيڙو پار اڪاريئي.

١٠- جيڪي ملي ان تي راضي رھ. نه ملي ته صبر ڪر. اڻ هوند رحمت جو ابر آهي. (البت اڻ هوند گھڻين سماجڪ برائين جي ماءُ آهي. لازمي گھرجون پوريون ٿيڻ گھرجن) پر سنتوش بنا سک جي پراپتي اسنڀو آهي. تنهنڪري شانت چت ٿي ڪري ڪاربه ڪندو رھ.

١١- سڀ ۾ ڌڻيءَ جو ديدار ڏس. "سپت پيار پرينءَ جي، سپت هوت حضور." دشمن جو به دوست ٿيءُ. سڄي خلق کي پنهنجو عيال ڪري ڄاڻ. دليون خوش ڪرڻ پڄ آهي، دليون آزارڻ پاپ. خدا خدائيءَ منجهان ٿي پائي سگھبو. جيسين لوڪن سان محبت جو ورتاءُ نه ڪبو، تيسين پريءَ جو پيارو نه ٿبو. هيناهين وات وٽ ۽ نماڻو ٿي گذار.

١٢- قابليت خلوص بنا بيڪار آهي. حرفت بازي شيطان جي راند آهي. انڪان پري پاسو ڪر.

"زيرڪي از ابليس، عشق از آدم است"

اهڙو عقل، جو انسانيت ۽ شرافت جي آڏو اچي، سو ظلم خيانت خرابيءَ جو باعث آهي.

۱۳- سدائين سچ ٻول، ڇاڪاڻ ته سچ ڳالهه جي اهڙي قرار آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان، ڪيڏي به زبردست طاقت ليٽائي سگهجي ٿي. ياد رکو ته سچائي ۽ صداقت مثل چيتاري ٿي ۽ ڪوڙ ڪپٽ ڇتراٽي جيئرا ماٽ ڪيو ڇڏي.

۱۴- پنهنجي عيبن جي اوگهڙ ڪر، ٻين جا عيب ڏيک. پاڻ جلائي جڳ جيار ته امر پد پائيندين.

"ٻهر ڪين ڪاٽي پاء، پڇج پوء ٻين ڏي
ڏک ٻريان جي ڏيل جو، واجت جتن وڃاء
سيځن ماه پچاء، جي نالو ڳيڙء نيهن جو (شاه)

هتي سمڪيپ ۾ روحاني راه- خاص ڪري ڀڪتي مارگ يا صوفي طريقي جا ڪي رند سليا اٿم. سالڪ جتن منزلون طيء ڪندو، تئن خاڪيء مان نوري ٿيندو، ۽ پنهنجي وجود اندر نور جو ظهور پسندو. ٻاڪ تارن جهڙو تجليدار ٿي پوندو. پل کو آزمائي ڏسي، ڇاڪاڻ ته

"نال دليل نه ليسين دلبر،
عقل نه تيسين اوڏهون رهبر" (بيدل)

١٣- سدائين سچ ٻول، چاڪاڻ ته سچ ڏٺيءَ جي لڱي ترار آهي ۽ جڏهن دٺاران ڪيڏي به زبردست طاقت ليٽائي سگهجي ٿي. ياد رکه ته سچائي ۽ صداقت مثل جيٽاري ٿي ۽ ڪــوڙ ڪپٽ چترائي جيڏا ماٺ ڪيو ڇڏي.

١٤- پنهنجي عيبن جي اوگهڙ ڪر، ٻين جا عيب نه ڏس. پاڻ جلائي جڳ جيار ته امر پد پائيندين.

”ٻهرين ڪاني پاءِ، پچ ٻوءِ ٻر يتڻو
ڏک ٻريان جي ڏيال جو، واجت جنن وجاءِ
سيڻن ماهه پچاءِ، جي تالو ڳيڙءِ اڀهن جو (شاهه)

هنتي سنڪيپ ۾ روحاني راهه. خاص ڪري ڀڪتي مارگ يا صوفي طريقي جا ڪي رند سليا اٿم. سالڪ جنن منزلون طيءِ ڪندو، تنن ماڪيءَ مان لوري ٿيندو، ۽ پنهنجي وجود اندر نور جو ظهور ڏسندو. بلڪ ٽارن جهڙو تجليدار ٿي پوندو. پل ڪو آزمائي ڏسي، چاڪاڻ ته

”تال دليل نه ليسين دلبر،
عقل نه تيسين اوڏهون رهبر“ (بيدل)

عاشق سڀ مڙئي آگيا عجيبن جي
سامي رهي سگهه ۾ وچن ڪين پڙهي
ٽوڙي سر وڃي، پير نه وجهي پوئتي.

سياڻا سولو وچن نه ڏيندا آهن. پر هڪوار قول ڪري ويندا، ته زمين آسمان هڪ ڪري به انجو پالن ڪندا آهن. اقرار ڪري گوهي ڏيڻ يا مجبوريءَ مشغوليءَ جو عذر پيش ڪرڻ، ڦرلي ڪائڻ، شريف انسان جي شان وٽان ناهي. اهڙو آدمي يا ته ڇڙتو هيڻو آهي، يا ڪرنگهو ڪچ اٿس، جو سندس پير هلڻ ۾ رڪاوٽ ٿو وجهيس. دنيا جو ڪاروبار ويساه تي ٻڌل آهي. هڪوار ويساه ويو، ته سڪڙو قاعدو قانون سماج کي سندس راهه تي هلائي نه سگهندو. انهي ڪارڻ وچن پالڻا منش ڇڙتو جو هڪ مول انگ شماري وٺي آهي.

ڪنور ۾ اها خصلت نديڻ ڪان ٿي سرسيري انداز

رکي پويان ڦير ڪري وڃن. هنن ٻه آڳو پيڇو ڄاڃي
موٽڻ جو ڀهه ٻڌايو پر وري ٻه خود ڪنور سان حال
ونڊڻ واجب سمجهي وٽس ڪهي آيا. هن جڏهن ڀيرائتي
ڳالهه ٻڌي ته چرڪ واڻ مان نڪري ويس "ابا، ٻه زبانون
لانگ کي ٽيمديون آهن. هن ٻندي کي الله هڪڙيئي
زبان ڏني آهي. اهڙي زبان ڪپي ڀلي، جا هڪ کي
ٻه ڪري. موڪلان اهڙي ڪجسائي ڪان ٻچندي، جو
ڏل وڇن جو النگهن ڪريان. اها آهي منهنجي سٽ
گروءَ جي ريت ليت. تنهنڪري اي دوستو، هيءَ
ڪميڻي ڪير، جا سندن امر جي آڏو اچي." پٺيئين
کي ٻول نه آئڙيو. ڇيائون هن جا ويچار وڏا. اُنهن جي
پٺماڻي لي ٻهڇي ڪين سگهيو. اُن وقت ڪنور جي
حيالي خطري ۾ هئي ۽ سندس رکيا لاءِ ٻندوقچي ٻڻ
رکيو هئائون. ڀهرين نه سن سناٿ ٿي ويئي؛ نيٺ هڪ
سگهڙ دل جهلي ادب سان چيو "سائين، انهيءَ ۾ سياٽپ
ناهي". هن اهي لفظ ڪيا مس، ته ڪنور جي زبان
مان هي نهايت گنڀير گيان وارو گفتو نڪري ويو "الا،
ڏاهي ۾ ٽيان، ڏاهيون ڏکه ڏسن - موڻ ساڻ ٻرين،
ڀورائي ۾ پال ڪيا." ائين چئي فوراً اسهڻ لاءِ ڪمر
ڪشيائين، ۽ نڪي سندس ارڏانگيءَ جي اگهائي،
نڪي ڄاڻ جو خطرو ڪيس روڪي سگهيا.

سچو توي آپ کي، ٻر کو توي نه کوه
ڌر تارازو توليءِ، توي ســو پُورا هوءِ.

ڀڳتي مارگ ۾ نماڻائي ۽ نهٺائي لئي خاص زور ڏيندا آهن، ڇاڪاڻ ته اڪثر اڻ ٻهڪاين جي جڙ اهنڪار آهي. خودي ۽ خدا ڪين ماڻن هڪ مياڻ ۾. هونئن به ڪٿي چڙهيل ڪري سگهي ٿو، پر پٽ پيل ٻوٽوءِ سگهون هيٺ سبب ڌڪو کائي نٿو سگهي. خودي خام طبع جو جزو آهي، ۽ تڪبر اڻ ٻنگ ۽ شر انگيز شخصيت جي علامت. مغرور ماڻهو خودي پرور ۽ اڪثر خلق آزار ٿيندا آهن. اها هلڪڙائي ۽ ٿرڙائي جي پڻ علامت آهي. جيئن ميوي سان بارور درخت جي شاخ سدائين جهڪيل ٿيندي آهي، تيئن ڳڻوان ۽ گنڀير آدمي پڻ اجائي لاف گزاف ۽ ٻاٽور کان ڪنارو ڪري، حلم ۽ خاڪساري اختيار ڪندا آهن. نمرتا اوچ آتما جو گڻ آهي ۽ ايمان نيچ ڪميڻي سڀاءَ جو.

ڪري. ڇو ته ننڍا وڏن ڏي ائين لکن ته بلاشڪ سولهين ٿو. پر جي ٿا وڏا اهڙا واٽ وٺن، ته تهين جو ناس پئو پڌو." الهيءَ تي مشڪي ڪنور جواب ڏيندو هون "ابا، ائين ناهي. سمجهه سمجهه جو فيرو آهي. ڇيتي ڏس ته سڀ ۾ سائين ٿو وسي. ستڪار به الهيءَ سائينءَ جو ٿو ڪجي. هوڏانهن به هي چولو پيو بدلجي. پيئڙ پٽ ٿيو اچن ۽ پٽ پيئڙ. آتم وڪاس ته ننڍي وڏي عمر آهر ناهي. ڪي جمندي ئي جام آهن، ته ڪي عمر پڄر آيرا. بهتر ته اهو ٻاهريون سالن جو سنڌو وساري ڇڏيو. "بزرگي به عقل است، نه به سال."

ڪنور جي عادت هوندي هئي ته ماڻهن جي حشام وچ ۾ واڳ ڳائيندي، جيڪڏهن ڪو ويجهو ايندو هوس ته ٽڪ اڻ پوري ڇڏي، يڪدم اٿي پيرن تي هٿ رکي پاڪر پائيندو هوس. اهو پاڪر پيڙو ڪرڻ اسان سنڌين جي ئي قربانتي رسم آهي، جنهن ۾ اسان جو طبعي خلوص، يڪسانگي ۽ پاڻپي ٿي بکي. ٻيا هٿ ملائن، هٿ جوڙن، سلام ڪن، ٻه ٽي دفعا گوڏن تي هٿ رکي نمن يا فقط ڪنڌ هيٺ پرو ڪن. پر ڇاتي ڇاتيءَ سان ملائڻ ۾ جو قرب آهي، سو اسان سنڌين جو ئي ڳڻ آهي. ٻار سال کن پڇاڻا ماتا جي گود ڇڏيتو. پر اسين ٻنا ڄاڻ اها گود سدائين ساڻ نيندا اچون، ۽ پاڪر پائي پيا پاڻ کي خواهه پين کي لطف وٺايون.

لانگھائو ٿيو، ۽ ھنن جي گفتگو ٻڌي قاصد کان پڇيائين "ابا، ٿوکي ڇا گھرجي؟" "مان ٿو ھن کان پڇان ته سوامي ڪنور رام جن ڪٿي آھن؟ اسين مانجھند کان ڪھي آيا آھيون ڪيس وٺڻ لاءِ، پر ھي يار، گوڙ مٿي لڳائي بيٺو آھي." اھو وسنار ٻڌي ڪنور مھمانن جو مريادا انوسار آدر ستڪار ڪيو ۽ چيائين "ابا، ناليءَ ۾ ڇا رکيو آھي؟ تنھن ھوندي به توھانکي کپي ڪنور! سو ته ھن مٽيءَ جي پتلي جو نالو آھي." ڪنور واتان اھو گفتو ٻڌي قاصد پشيمان ٿيا ۽ يڪدم سندس پيرن تي ڪري پيا. دل ۾ پيا چون:-

جو ڪھي مٽن سڀ تي نيچا،
اوئو ڳٽيئي سڀ تي اوچا،
ڇا ڪا من ھوءِ سڪل ڪي ونڌا،
ھر ھر نام ٿن گھٽ ڇينا،
من اپني تي ٻرا مٽانا
پيکي سگل سرشٽ ساجنا.

قاصدن سان گڏجي ڪنور مانجھند ويو ته اتي جو گادي پير بابا ديوداس صاحب گاديءَ تان اٿي، اڳير وڌي، پيرين پوڻ لاءِ ھٿ ڊگھيرڻ لڳو ته ڪنور يڪدم سندس ھٿ جھلي نھايت اڪير سان نھاري، سندس چرڻن تي ڪري پيو. بابا ديوداس چيس "ھي ڇا ٿا ڪريو؟ بار ٿا چاڙھيو." تنھن تي ڪنور وراڻيس

"سائين، آءٌ خسيس ناچيز واڻيو! ناحق غريب کي ٿا لڄايو." اهي لفظ ٻڌڻ سان ديوداس جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ ڪنور کي گلي لڳائي رند صوفي شاهه باهوءَ جو هيٺيون ڪلام ڇپائين:

جنهن غريبي سر ڌري، سي شاهن کي شاهه
اَڌل چتر تن پُر جهلي، واهه غريبي واهه!

۱- سؤ قربان ڪريان اُنهان تون، جي مهون نه ٻولن ڦڪي
هزار قربان ڪريان اُنهان تون، جي سيهي لون ويکن لڪي
لک قربان ڪريان انهان تون، جي سدا رهن من جهڪي
ڪروڙ قربان اُنهان تون ڪريان، شاهه باهو،
جو هوون سون، سڏاون ڪکي.

هڪ دفعي شهدادڪوٽ ۾ ڪنور ڪلام ڳائي رهيو هو، ته هڪ مسلمان فقير ٻريان صدا ڪئي، "ڪنور گهر ۾ ان ڪونه اٿم. منهنجا ٻچا ٿا بک مرن. ڪجهه ڏيار. ذوري ڪانهي، پر الله جي نانءَ ڪو مونسان وڙ ڪر." هنجي گهرج محسوس ڪري، ڪنور جهول مان مٺ ڀري ڏنس، جا خوش نصيبا چانديءَ جي سڪن سان ڀريل هئي. فقير ربن جو ٻڪ وٺي دعائون ڪندو ويو ته هڪ ٻي ملنگ جو وات پاڻي ٿيو. هو به ضد ٻڌي بيٺو ته ڪيس به هڪدم خيرات ڏئي وڃي. ڪنور گهرجائن کي رنج نه ڪندو هو. لاچار ٻيهر جهول ۾ مٺ وڌائين جنهن ۾ نڪتا رڳا ٽامي جا پئسا، جي فقير کي ڏنائين. فقير ڏٺو ته ٻهرين کي مليا چانديءَ جا روپيا

۽ کيس مليا رڳو ٽامي جا پئسا. سو ڪنور لئي گار ٻن
جو ڏوڙيو وسايائين ۽ پئسا وٺي زور سان سندس منهن
۾ هنيائين. سخت چوٽ اچڻ سبب حال في الحال
ڪنور ته بيهوش ٿي ويو. ماڻهن کي ايڏو غصو، سو
فقير جي چڱي پوڄا ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ خلق ۾ اچي
گوڙ گمبوڙ مچو ۽ ڪي ماڻهو فقير کي ٻاهر ڪڍي ويا.
مشڪلات سان جڏهن ماڻهن ۾ ماٺ آئي ۽ ڪنور هوش
۾ آيو ته فقير کي ڳولي سيٺ کي ٻلاند وجهي عرض
ڪيائين ته فقير کي وٺي اچو. سيٺ کي ويا ۽ فقير کي
وٺي آيا. تڏهن ڪنور هٿ ڪي نهايت قرب سان چيو
”ادا، ڏيڻ وارو به الله، ته وٺڻ وارو به الله ۽ باقي مار پڻ
مون مسڪين کي!“ ائين چئي ٻي مٺ پئسن جي
ڏنائينس، جا وٺي هو نهايت شرمندو ٿيو.

فريدا جي تيڏون مارن مڪيان، تنان نه ماري گهم
آپڻڙي گهر جائيئي، پير تنهان دي چم.

هڪ دفعي هڪ ڳوٺ ۾ پچن بيٺي ڪيائين، ته
هڪ ٻڍڙ اچي اتي ويٺو. ماڻهن کي هو هنجي پلؤ چتي
عار، سو پاڻ سان وهڻ نه ڏنائونس. ويچارو ٻڍڙ سهمجي
لاچار اُتان اُٿي، پري وڃي ويٺو. ڪنور اهو ڪُڏائي
ڏسي، راڳ ڳائيندو ڳائيندو، آهسته آهسته وڌندو، اُچي
پهتو، جتي ٻڍڙ ويٺو هو. ٻڍڙ اُٿي بيٺو ۽ نهايت
سڪ سان نمسڪار ڪري پيري پوڻ لڳس، ته ماڻهن

ڪنور کي آگاهه ڪيو ته اهو ماڻهو ٻڌي آهي. ٻڌي ٻه قبول ڪيو ته ٻڌي آهي ۽ سندس درشن لاءِ ڪهي آيو آهي. اهو ٻڌندي ئي ڪنور ٻڌي کي ٻاڪر پائي سندس سان ڪٺي گڏي لڳايو ۽ ماڻهو جڪ ڪائيندا ئي رهجي ويا. ڪنور جي سر درشنيءَ جا ٻيا به گهڻئي مثال آهن:

جهه جهه اکين پسارون، تهه تهه ديکون توهه
ڏڪري ٻٽري ڪنڪري رهي آرسي موهه.

هڪ دفعي ٻاچرن جي ڳوٺ ۾ ٻچن ڪندي، خواجه فريد صاحب جي دربار جي گاديسر وٽان قاصد آيس ته فقير صاحب ٻنهي ٻاهر پير نه رکندا آهن، تنهنڪري ٻاڻ هلي ساڻن حالي حوالي ٿي. ڪنور فقير صاحب جو حڪم ٻرچشم ڪري وٽس ويو ۽ ٻنهي وچ ۾ هيئين روح رهاڻ ٿي. ٻهرين پير صاحب پنهنجو جوڙيل هيٺيون ڪلام چيو:

واهه منگهيائان راج ٻاٻاڻا،
واهه پاڻي من کو پان تسانڌي
لڏ گئي ڪيچ شهر دي والي،
ٿل مارون دي ڪڪڙي والي
ڪڪڙي ڪنڊڙي ٽول ٿهالي،
ڏله سله ٻٽر وهاڻ آسانڌي
٢- پينگهه پيل ملڪاڻي پل گئي،
سيري ڳهٽي لاوڻ رل گئي

گهرو رضاءُ لڪائي پل گئي،
پٽر پٽي يار آياڻ اسانڊي
٣- هار هنجون دا ڳل وچ پاوان،
سُولان دردان دي سيج وڇاوان
ماءُ پيءُ پاندان مول نہ پاتوان،
ويري دوست پراڻ اسانڊي
٤- مفت فريد ندامت چايم،
سمجهہ سمجهہ ڪي نيهن نہ لايم
ساري پت پرتيت وڃايم،
ٽڙ گئي عقل سياڻ اسانڊي.

توهين مجمدا نہ فقير صاحب جو ڪلام نهايت سوز پريو آهي. ڪنور فقير صاحب سان درد ونڊيندي ڪيس دريا خان جو هيٺيون ڪلام ڳائي ٻڌايو:

عشق جي مڪتب ۾ ويهي ڪر،
درد جو دل ۾ درڪ
ڪوڙين ڪتابن جون پڙهين،
هُن هُن آهي وڏو فرق
١- اکرن ۾ جيڪي اڙيا، سي عشق چاڙهي نا چڙهيا
ڪنهنجي مڃن نا ڪينڪي، آهن وڏا ساڙي سڙيا
٢- جيڪي عشق کان آزاد ٿيا، وردا وضيفا نا پڙهن
مٿهن پڪي ماڻهن کان، دعوتن تي تا دوڙن
اهي ٿيا طمع جا طالبو، غرض پنهنجي ۾ غرق

۳- جيڪي خدا فرمايو، روڳي تنهن تي ٿا رهن
رشوا وٺي رواج جي، ڪوڙا مسودا ٿا پڙهن
نقطو پڙهيو جن تنهن جو، ڪن ٿا ال تسبيح جا لڙڪ

۴- دريا خان دفتر درد جا،
جن ني پڙهيا سي مست ٿيا
ڪيائون سخن پنهنجا سچا،
جيڪي هئا الست جا
فاني ٿيا في الله ۾، ساريو پڙهن اهو سبق.

وڳر سو وهاءِ، جو پٽي پراڻو نه ٿئي
ويچيندي ولات ۾، ڏرو ٿئي نه ضاءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي آهين.

ڪنور ورڪت ورليءَ هوندي به، اباڻو ڌنڌو ڪري گذران ڪندو هو. پلي پلائي به دان پلي ڏالل ڏن، پنهنجي ڪٽنب پروار پلي ڪٽب نه آڻيندو هو. اهو ڪر پنهنجي گرو سترامداس وٽان پرايو هئائين:

”غمي نُه ايم گرچ مُفلسيم ما، ڪه بر سفره حاتم نه نشيند مگسي ما“ جو قائل هو، ۽ ان تي نهايت ايمانداريءَ سان عمل ڪندو هو.

هڪ دفعي ڪنور کي بالڪ اوستا ۾ هري ڪيرتن ويل جهول وجهندي، ڪنهن سيٺهيءَ وٽان ريشمي دشو ۽ منڊي ملي. شايد انهيءَ پريميءَ جي ايلاشا هئي ته ڪنور اهو دشو ۽ منڊي پائي. انهيءَ سبب جاڻي واڻي اهو دشو سندس ڳلي ۾ وڌو هئائين. ڪنور جهول وارو

ٽامو چاندي لاءِ، سترامداس جي روبروئي سوالين ۽
گهرجائن کي ورهائي ڏنو، پر دشو ۽ منڊي پاڻ وٽ
رکي ڇڏيائين.

پوءِ ڏينهن اهو دشو مٿي تي ٻڌي، آيو سترامداس
وٽ. ڀاليائين ته سندس گل گلابي رخ ڏسي، سترامداس
خوش ٿيندو. پر هن يار، هنجي مٿي تي اهو ريشمي
دشو ڏسي کيڪاريس ته ڪونه، ماڳهين سوالب وجهي
منهن ڪٽي ڦيرايو. ڪنور جون ته به ويون، نه ڇهه به
ويون. سترامداس کي پاڻ تي ناراض ڏسي، سندس
اکين مان لڙڪ لڙي پيا، پر هن جي دل ۾ ڪهل* ڪانه
آئي. ساڻس ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنائين. ڪنور اهو دشو
لاهي ڇڏيو، ۽ هرروز ڪند جهڪائي، منهن روئڻهارڪو
ڪري وٽس اچي ويندو هو.

”جنهن سان دل لڳي، تنهنکان ڌار ٿيڻ،
اهو جاڙ جيڻ، تنهنکان زهر پيڻ
اهو ناهه مرڻ، پيو چاهي ڙي.
جنهن کي ليهن نيو، تنهن کان سڀ ويو
مواڪي ڏس ڏيو، ڏکيو پيچ پيو
اهو ناهه ڦسڻ، پيو چاهي ڙي.“

ماڻهن جڏهن هي حال ڏٺو، ته ان ملال جو ڪارڻ
ڳولهڻ لهڻ جي ڪوشش ڪيائون. جڏهن ڄاڻ پيين ته
خسيس دشي هيڏو ظلم مچايو آهي، ته ڪهي آيا سترام
داس وٽ. چي ”ڪنور ويچارو ٻالڪ هن ۾ ايڏي

ڪنور جي پهرين شادي سنبت ١٩٦٢ ۾ ٿي هئي، جنهن جو مٿي اڳيئي ذڪر ڪيو آهي. سندس اها استري گهڻو وقت ساڻس گڏ رهڻ ڪريءَ واري سترام داس جي دربار ۾ گذاريندي هئي، ۽ مٿس خاص ڪري ڀنڊاري جي پربنڌ جو ڪم رکيل هوندو هو. مائي ستياوان، سشيل، هڏ ڀڳل هئي، جنهنڪري دربار جو ڀنڊارو نيتائتي اصولي پي هليو. افسوس جو سندس اها پنهنجي وڪرمي سنبت ١٩٨٦ ۾ وڪنٺ پڌاري ۽ ان پڄاڻا ڀنڊاري جو ڪم ريتائتو نه هلڻ لڳو، جنهن ڪري شخصي رغبت خلاف ١٩٨٨ سنبت ۾ ڪنور کي ٻي شادي ڪرڻي پيئي. انهيءَ شاديءَ وقت پاڻ چاليتاليهن ورهين جي ڄمار جو هو.

اڪثر ڀڳت ۽ سنت اسار سنسار جي وهنوار کان ونءِ ويندا آهن، ۽ آتم گيان جي پراپتي ۽ ايشور اپاسنا کي ئي پنهنجي جيون جو مول ڪارج سمجهندا آهن. انهيءَ لاءِ ڪي تن کي تپسيا ڏئي، ڪٽنب پروار تجي، گوشه گير ٿيندا آهن، ته ڪي وري ڪنهن مٺ يا مندر جي شيوا ۾ وقت وتيت ڪندا آهن. ڪن جو ته سڀاءُ اهڙو سادو ٻالڪ ابوجهه ٿيندو آهي، جو هو جڳت جي آچار وهنوار لائق ئي نه هوندا آهن. ورلو ڪو ساڌ آهي، جو سادارڻ سنڌ پڻ هوندي ۽ معمولي ڪاروبار هلائيندي به پنهنجي ساڌنا تي قائم رهي.

ڪنور بلاشڪ اهڙو ئي شخص هو، جو دين ۽ دنيا

ٻنهي سان ٻورو هو. هن شخص لوڪ توڙي پرلوڪ سڪالو ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ منجهس اهڙي لياقت هئي، جا ڪن ٿورن ۾ ٿئي ٿي. ڪنور جي ڪٿي ڀاڱو جو ورنن ڪجھ اڳيئي ڪيو آهي ۽ ڪجھ اڳتي ڪندس. هتي سندس جهانسازي ۽ بردباري، تجربيڪاري ۽ پختگيءَ جو بيان ڪبو، جنهن پانڪ هن جي شخصيت جي ڄاڻ حاصل ڪري لاڀدائڪ ٿين. البت هن مختصر جيونيءَ ۾ سندس ڪل ڪارناما ۽ ڪارگذاريون ڏئي نه سگهبيون. تنهن ڪري هڪ مشت نمونه خروار پيش ٿي ڪجي.

هڪ دفعي درس تعلقه نوشهري فيروز جي ڀنڊڻ ڪنور ٿي زور آندو، ته سندن ڳوٺ ۾ ڀهنڊڙي ٽولي سميت هلي پڄن ڪري. حال احوال وٺندي ڪنور کي ڄاڻ پئي ته ڳوٺ جي ڀنڊڻن جو پاٽيل ناهه ڪولهي ۽ هرڪو آبرودار بي آبرو بڻي ڀهنڊڙي ڪهڻي پاڻ ٿو رڙي. اهو سماچار ٻڌڻ شرط ڪنور ساٿين گڏجي هلڻ کان انڪار ڪيو. چيائين ته پهرين ڀهنڊڙو گهر ناهيو پوءِ آءٌ ته ڇا پر سڄي سنڌ جا ڀڳت پاڻمرادو اچي توهان وٽ جهمريون پائيندا. ڀنڊڻن کي ڳالهه نه آڙي، سو چيائونس ته اهو ڪم اسانکان زور آهي. توهين سنت آهيو ۽ ملڪ ۾ توهانجي مڃتا جهجهي آهي. تنهنڪري توهين پاڻ اهو ڪم ڪڍو، ته ڀلو ٿي پوندو. ڪنور ڏٺو ته اهو پرڀڪ ر

جهڙو ڪم آهي، سو ساڻن گڏجي درس ڳوٺ ڏي
روانو ٿيو.

درس ۾ ڪتا ڪيترن ڪندي، ماڻهن ۾ ايڪي آڻڻ ۽ پنهنجائپ مان واڄوڳ ٽارڻ لاءِ، ڪنور هينئن مزيدار آکاڻي اڌ ڳائي ۽ اڌ ۾ ڪافي مصالح ملائي چئي ٻڌائين. اها آکاڻي شايد هتوپديش مان ورتل آهي: هڪ دفعي شريمان گدڙ ۽ سندس شريمتي گدڙي ڀيانڪ جهنگل جي سوڙهن پيچرن تان پنڌ ڪندي، هڪ شينهن جي ڏر وٽ اچي لڳا. واٽ تي پڻ سان ٻه ڪيل ٻيئل پاڻيءَ جي ڍٻن ۽ وڻن جي ڪريل لامن ۽ ٻوٽن جي ڪنڊن ڪافي هلاڪ ڪيو هون، جنهنڪري شريمان گدڙ شينهن جي ڏر ۾ ئي وشرام وٺڻ جو پڪو پڪايو. پر زال ذات جو هيڻون هٺو، سو شريمتي گدڙي مڙس جي اهڙي اڙه زوراوريءَ کي ٽيڪو ڏئي نه سگهي. چي ”شير آهي جهنگ جو شاهه، جنهن سان ڪندين ڪؤنس نه اچي ويندين هيٺ ڏؤنس. شينهن ڇٽي ڪٽي مات ڪر!“ گدڙ کي پنهنجي پتنيءَ جي هيڻائي ۽ ڪاتڙتا جي پوري ڄاڻ هئي، سو ڇپائيندس ته ”سشيل استريءَ جو ڌرم آهي، ته پنهنجي پتار جي آگيا انوسار هلي. جيڪا زال پنهنجي مڙس جو چيو اورانگهي، تنهن لاءِ اگهور نرڪ ۾ به جڳهه ڪانهي. مان تنهنجو پتي آهيان ۽ پتي آهي ساکيات ڀڳوان، هوائين به تنهنجي سر جي ذميواري منهنجي ٻلوان ٻانهن ۽ ڪشادن ڪلهن تي

آهي. جيڪڏهن تون اهي زنانا وسوسا ڇڏي، مولسان ٻانهن ٻيلي ٿيندينءَ، ته شينهن کي ڪهڙي مجال آهي، جو تو جهڙي مومل ۽ مون جهڙي سوڍي کي الهيءَ غار مان ڪڍي سگهي. البت ايمان ڪچيءَ ۽ پڻ اسانجو ڀاڳ ۾ اتفاق."

ويچاري گدڙي هٿي پنهنجي حريف مڙس جي ڇيڇ ۾ ٻڌل، ۽ تازو لائون لهڻ سبب ساڻس سنيهه به جهجهو هوس، سو ڏرا نازسان ڪنڌ ڀرڪائي گدڙ جو ٻوت چٽيائين، ۽ چيائينس "جا توهانجي آگيا! آءٌ اوهانکي ڇڏي پنهنجي وهه توروئي ويندس. جتي توهين آئي آءٌ. سرڳ ته سرڳ، نرڳ ته نرڳ."

"ٻر منڙي، تون اجايو ٿي وجهلين. ههڙي عمدي غفا بنا ڪورهٿي ملي وڃي ته غنيمت ڄاڻجي! اوچتو اسانجي ڀاڳ ڏو آهي پيڙو، جو دال مان ٿي پيو آهي سيرو. ورنه پوسل ۾ ٻر ناهي، سوڙهو سنگوڙو پٽجي رهڻ، هن ٻندي جي ٻاب ۾ لکيل آهي. البت ههڙو عمدو ڪشادو مڪان پنهنجي قبضي ۾ رکڻ لاءِ حرفت ڪپي. تون آهين ته سياڻي! ٻر وري به آءٌ جيڪي توکي تو سيکاريان، سو گهاگهر ٿي آکريل ٿالي وانگر چٽو ياد ڪري ڇڏ... ڇگو هاڻي تماشو ٿي ٿي. شينهن به اجهو آيو ڪي آيو. آءٌ غار جي ٻيئي وٽ تو ٻيهان، ۽ جيڏي مهل شينهن جي آمد جي کڙڪ پونديم، ته توکي چتاءَ ڏيڻ لاءِ ڏيمي آواز ۾ غرغر ڪندس. پوءِ باادب توڏي

منهن ورائي سڏ ڪندس: "راڻي صاحبا!" تون ورائج "جيءُ راجا صاحب!" ۽ چئج ته ٻارن کي بک لڳي آهي. پوءِ آءٌ ٻاقي ڪم راس ڪندس." ائين چئي مهاشيه گدڙ غار جي منهن تي ٿي بيٺو ۽ شينهن جو اوسيڙو ڪرڻ لڳو.

ٿوري دير بعد شريمان گدڙ ڏٺو ته شينهن غار طرف پيو اچي. پيٽ ڀريل هئڻ سبب سندس پير ڳورو ۽ ڍانڍو موڳو ٿي لڳو. شريمان گدڙ ڀرين غر غر ڪري شريمتي کي آگاهه ڪيو. پوءِ شينهن کي ويجهو ايندو ڏسي ايڏي رڙ ڪيائين، جو جهنگ جي پسن پکين ۾ ڏهڪاءُ پئجي ويو. "راڻي صاحبا!" شريمان گدڙ نهايت فلڪي آواز ۾ پڪاريو. "جيءُ راجا صاحب! ٻارن کي ڏاڍي بک لڳي آهي." شريمتي گدڙيءَ ناز نخري سان ورائيو.

"راڻي صاحبا، الڪو نه ڪر. اجهو هڪ لقمو ته گهر ويٺي ٿو ملي. حال في الحال ٻارڙن کي اهو ڏئي پيٽ جهلو ڪرائين، ته پوءِ جهٽ ۾ ٻه چار شينهن ماري خوب پيٽ ڀريندا سون."

ساهه سڀ کي پيارو آهي. سو شينهن اهڙي زورآور جو گفتو ٻڌي دهشت جهلي نه سگهيو، ۽ هراس وچان پٺ پائي ڀڳو. واٽ تي هڪ باندر جي مٿس نظر پئجي وئي. باندر ٿيندو آهي جنسي شيطان جو ٻچو،

ڪٽي رڙ، ”راڻي صاحبا!“ ”جيءُ راجا صاحب! لوهان چيو ته هڪ لقمو ته اچي، ٻارن کي کارائي پاڻيءَ ٻڪ پيارج. پر اهو آيو ته ڪونه. رڳو اڃايا آهن ڏٺا ئي ڏٺا! انهن گهڻن سان ٻارن جو پيٽ ته ڪونه ڀربو.“

شريمان گدڙ شريمتي گدڙيءَ جي ملوڪ مک مان اهو طعنو ٻڌي پنهنجو ساهو ڀير مٿي ڪري، ٻاندر کي ٻڌو ڏئي چيو ”لعنت هجئي، حرام خور! اسان توکي چئن شينهن وٽي اچڻ جو حڪم ڪيو ۽ تو آندو آهي رڳو هڪڙو. انهيءَ مان ٻارن جي ڪک به نه ڀربي.“ شريمان گدڙ اينرو چيو ئي مس، ته شينهن وٽي پڳو. شڪ پيس ته ٻاندر ساڻس ويساهه گهاتي ڪئي آهي. ويچارو ٻاندر، جو شينهن ڏور ۾ ٻڌي پاڻ سان آندو هو، سو به شينهن جي پاڇ سان گهلبو گيدڙ ٿو، ٽڙندو ڦاٽندو، دور دور وڃي نڪتو.

مطلب ته جتي ايڪتا ۽ ساز سلوڪ آهي، اُتي گدڙ جهڙو بزدل ۽ ضعيف جانور به، شينهن جهڙي خونخوار جانور جا ٽونا چٻائي سگهي ٿو. ڪنور آڪاڻي پوري ڪري ٻنهي کي هدايت ڪئي، ته هن زمين تي بلڪ سڄي ڪائنات ۾ انسان جوابدار ۽ باشعور هستي آهي. اهوئي پنهنجي عقل ذريعي، دنيا جو رنگ رونق ۽ زماني جو بدلجندڙ رخ سمجهي سگهي ٿو. هن وقت اسانجي سماج جو گدڙ هڪ اٽانگي دؤر مان ٿي رهيو

ٻوڙڻ وڃهي، هٿ ٻڌي ليلائيندو هون "ادا، ڏوهي آءُ آهيان. ڇڏي ڏيو." اهڙي ريت ڏرٻن جو ردو وڃائي پاڻي ڪري، تاهه آڻيندو هو.

سنڌس ايڪتا لاءِ پرچار، بگڙيل معاملا سنوارڻ ۽ وڇڙيل پرچائڻ جي ايڏي ته ناموس هئي، جو سنڌ جي گورنر سکر دربار ۾ آفرين نامو ۽ لونگي پڻ عطا ڪئي هيس، گرچ هنکي اهڙين ظاهري عنايتن جي نه ڪا ضرورت هئي، نه ڪڏهن طلب ڪئي هئائين. ڪيور جن مکين ۽ پنڌين وچ ۾ ايڪو آندو، تنهن جا مثال انيڪ آهن. پر انهن ٻوج ملن ۽ ملاڻن جي خسيس جهيڳڙن جي وچور ڏئي سنڌن پٽ وانگي ڪرڻ عيوض هن هنڌ فقط هڪ درشتانت ڏئي، هي پاڱ سماپت ڪبو.

هڪ دفعي مارواڙ ۾ اهڙو ڏڪر پيو، جو اُن ڪري سبب ڪو جيؤ اُتي جالي نه سگهيو. سوين ميلن جي رڃ منجهه پاڻيءَ جو ڦڙو ماڻ محال ڏسي، ماڻهن وڏي پيماني تي لڏپلاڻ شروع ڪئي. ڪيترا ته بيابان ۾ سهڪي سهڪي بي ڪفن دفن ٿي ويا. باقي جيڪي بچيا، سي به اڌ مئل جهڙا هئا.

ڳالهه ٿا ڪن ته انهن مهاجرين جي هڪ ڪٽنب، ڏيهن جو ڪتل واريءَ جون ڀٽون جهاڳي، سنڌجها ويلي هڪ وڻ هيٺان اچي منزل هنئين. جهٽ ۾ منڙسارن ڪک ڪانا گڏ ڪري باهه ٻاري، ۽ زالن لولو ٽڪي

مونکي ٻڌاءِ! منهنجو پنهنجي پٽن تي حڪم لڳو هلي،
سو مون جهڙي مهاڀاڳي تي ڪيئن هلندو. جن ۾ ٻل هو،
سي عيوضو وٺي ويا. باقي تو جهڙو ڏٻل مون وٽان هڪ
پائي به وٺي نه سگهندو. هاڻي جي سر جو خير گهرين،
ته فورن ٻوڏيان پير ڪر. ورنه ڪڇولبر جيان رڙڪي
ڇڏيندو سانءِ."

مطلب ته جيسين پنهنجو گهر نه ٻڌو آهي، تيسين ٻڙ
وت به پشيمان ٿيو.

اندر منجهه اُتاهه، محبت ماڻهوئڙن جي
پاڇو پرينءَ جو، تن جو سهڻو ساهه
جيڪر چميون چاهه، ڏيان ساري ڏينهن کي.

مون اڳئين باب ۾ سنڌي سڀاوَ ۾ جا ڪاڻ آهي، تنهن ڏي اشارو ڪيو آهي. پر سچ پڇو ته اسين به ڪنهن شيءِ جا وارث آهيون. اجائي لباڙ نٿو هڻان. هڻ سگهجي اوڏ گهڻي، اها عادت اڳهن جي آهي. اسين سگها آهيون نه اڳها. اها سگهه جا ڏاتار جي ڏات آهي، جا اسان جي ابن جي رت جو چمڪتار آهي، جا اسان جي سرحدي ماحول جي فضا آهي ۽ جا اسان جي جهوني پراڻي اتهاس جو ورثو آهي، سا اسان جي سر-درشٽي ۽ اسان جي برادريءَ ۾ سمايل آهي. اهو سنڌي نسل جي پيدائش ئي ناهي، جنهن ۾ اها خصلت ناهي. اسين پياڻي بن وجهي، سدائين هيڪڙائيءَ جا حامي رهيا آهيون. اسان جي صوفي بزرگن خواه هندو سنتن

اندر منجهه اُتاهه، محبت ماڻهوئڙن جي
ٻاچو ٻرين ۽ جـو، تن جو سهڻو ساهه
جيڪر چميون چاهه، ڏيان ساري ڏيهه کي.

مون اڳئين باب ۾ سنڌي سياو ۾ جا ڪاڻ آهي، تنهن ڏي اشارو ڪيو آهي. پر سچ پڇو ته اسين ٻه ڪنهن شيءِ جا وارث آهيون. اجائي لباڙ نٿو هڻان. هڙ سکڻي اوڏ گهڻي، اها عادت اگهن جي آهي. اسين سگها آهيون نه اگها. اها سگهه جا ڏاتار جي ذات آهي، جا اسان جي ابن جي رت جو چمڪار آهي، جا اسان جي سرحدي ماحول جي فضا آهي ۽ جا اسان جي جهوني پراڻي اتهاس جو ورثو آهي، سا اسان جي سر-درشٽي ۽ اسان جي برادريءَ ۾ سمايل آهي. اهو سنڌي نسل جي پيدائش ٿي ناهي، جنهن ۾ اها خصلت ناهي. اسين پيائي ين وجهي، سدائين هيڪڙائيءَ جا حامي رهيا آهيون. اسان جي صوفي بزرگن خواه هندو سنتن

خواه گرن اسانکي اُٿائي سگهيا ڏني آهي. دلپت ٺيڪ چيو آهي:

من آهي ملڪ ملير! ڪاڏي وڃان مان،
سڀ وطن ٿيو سي جدا جالب ري جام نہ خالي
سڀ عالم جنهن جو شرير، ڪاڏي وڃان مان.

افسوس، هن وقت جڏهن ٻروهما جو ٻت ٻرزا ٻرزا ٿي ويو آهي ۽ ڪي مذهب کي تهذيب ۽ تمدن تي ٿا ناز ڪن، تہ ڪي قدامت قوميت جي ٿا هام هڻن، ۽ اهڙيون اڄ ٻوريون يڪ طرفيون اٻاڙون هڻي جڳ ۾ ڏهير ۽ وانجوگ ٿا ڦهلائن، تڏهن اسان سنڌين جي ڌرم جو مول انگ آهي، تہ اسين پنهنجي سروتا، سمانتا، منش پرانا ۽ هڪڙي جڳ دانا واري درشٽي ترڪ نہ ڪريون. اسانجو وجود واقعي اهڙو رنگن سان چٽيل آهي، ۽ اسانجي رت ۾ ڪيئن قومن جا اثر داخل ٿيل آهن. اسانجي گهرن ۾ جي ٻالڪ ۽ ٻالڪيون آهن، تن جي اکين ۾ چتائي نهاريو، سنڌن رنگ روپ جاچي ڏسو، تہ يڪدم اها تاريخي حقيقت توهانجي اکين اڳيان نمايان ٿيندي، تہ اسين ڪنهن خاص ديس يا جاتيءَ جي سنتان ناهيون، پر سڄي جڳ جا ٻچا آهيون. زماني جي گردش پڻ اسان کان اهاڻو اڄهو ڇڏائي، سڄي جهان کي پنهنجو اڄهو بنائڻ لاءِ اسانکي مجبور ڪيو آهي. اسانجو ڌرم بہ سيني ڌرمن جو عمدو ميلاپ آهي، ۽ اسانجو سياڻ بہ اهڙو زلڙو ملڙو آهي، جو اسانوٽ پنهنجو

سکهڻ ٿا. جيسين ٻڌڻ جو اُپاءُ نه ٿيو آهي، تيسين ايشور
به سگهڻو ٿالو آهي. اهڙو اُپاءُ ابياس ڪندي ڪندي
ساڪيات ڪار لئي ٿو ۽ الترمڪ ٿي ليلا جي وچان پسڻ ۽
ٿو ڪئيءَ ۾ ڌيان لڳائي، آتم ۾ لين ٿيڻ سان ٻڻ امرجوت
جو پرڪاش پسجي ٿو. البت جيسين وشيه واسنا جي
لپٽ نه مٽي آهي، تيسين سوجهرو نه ايندو.

هو چوندو هو ته ماڻهو چئن قسمن جا آهن. ١. پامر-
اهي شخص جي ليتي مرياد ۽ ڌرم ڪرم، ڪڙي ڪوڙي
۽ سچ ڪوڙ وچ جو سنڌو آهي، سو ڪي نه ڄاڻن.
٢. وشئي. جي عيش عياش، کاءُ پيءُ موج ڪر ۾ مگهن
آهن. ٣. جگياسو. نشڪام ٿي شڀ ڪم ڪندڙ ۽ مايا
کان اُداس. ٤. سنت. جن مان اهنڪار پسر ٿي ويو
آهي ۽ ٻيائيءَ مان نه ڄاڻن. جڻ هر ڪو سنت ايشور
۾ ڪئيءَ ڪي جيون جو آڌار سمجهندو آهي، تڻن ڪدور
ٻڻ آپا سنا ۽ هري ڪيرتن جي مهما ڳائيندو هو.

تم تاڪر آم ٻڻي ار داس، جيو ٻند سڀ تيري راس

سنت ٻراڻي ماڻو سان پيار ڪندا آهن ۽ مدش جاتيءَ
جا گهڻا گهرا ٿيندا آهن. سندن نشچو هي ته سڀ ۾
هڪئي شڪتي وياپڪ آهي، تنهنڪري وٽن اوچ نيچ
ٿئي ٿي ڪونه. ڪدور چوندو هو

خلق جا خاوند جي سڀا مولکان موچاري
سڀ ڪنهن ۾ سو وسي، جنهن صورت سنواري

ڪاڻ ڏني سمن ڪمائين، ڪا خالي ٻاٽاري
ٻرو ٻزاري، آءٌ اسهاڻ سپني ڪان ڇڙو.
اڄو ديتا جو پاڻ ۽ سڀ اڳيان امڪار ڪرڻ؟
سپني کي. پنهنجي پراڻن جهڙو پيارو چاڙهڻ ڪنهن جي
خاص خاصيت هئي. هو وڳو والان نه ٻوليندو هو نه
. ڪبير هم سب لي ٻري، هم ليج پلو سب ڪوهه
جن السا ڪر مانيا، ميت همارا سوءِ
ان لي عمل ڪندو هو، ڇو نه عمل ٻنا ڪو به عامل ٿي
نٿو سگهي. ڪامل نه ٻري پيو آهي. چوندو هو
هڪن سان هاڃ ڪري، مڪ سان رام ڏياءِ
ٻگهر جي ٻورهٽي مان، ڪجهه ٻکٽي جي منهن ٻاهه
ٻٽي سانگ رساءِ، نه خوش هولدان خانو ڇڙي.
چوندا آهن جهڙي صحبت تهڙو اثر. انهيءَ سبب
ست پرش سدائين ست سنگ ڪرڻ جو اپديش ڏيندا
آهن. ست سنگ جي معنيٰ اڪيلي ۾ پنڪڻ يا اوپارين
لهوار ٻون ڪتابون پڙهڻ ناهي. چڱن ماڻهن جو سنگ،
آتم گرنٿن جو اڀياس، پرڪرتيءَ جي روچڪ درشيه جو
ديدار، چٽ چوريندڙ گالي ۾ مکهن ٽيڪڻ، ڪوئن جي
ڪوڪا ۽ ڪلاڪارن جي ڪلا ۾ وقت ونيت ڪرڻ،
دکين ٻکين جي پرگهور لهڻ وغيره ٻڻ ست سنگ ۾ اچي
وڃن ٿا. سوڻ لاءِ سرجڻ هار جي سرشٽ جو هر
بيابان، بني بارو، باغ بستان خواهه ٻکين جي ٽڪاو ٽڪلو
بالڪن سان رهڻ رهاڻ وغيره ٻڻ هڪ قسم جو ست

ڪاڻ ڏٺي مون ڪالهه، ڪا خالي ٻاٽاري
ٻرو ٻڙاري، آءُ اسهاڻ سپني ڪان ڇڙو.
اهو ڏسندا جي پاڙ ۽ سڀ اکيان اسڪار ڪرڻ ؟

سپني کي. پنهنجي پراڻن جهڙو پيارو چاڙهڻ ڪنور جي خاص خاصيت هئي. هو وڳو والان نه ٻوليندو هو نه

. ڪبير هم سب لي ٻري، هم ليج پلو سپ ڪوه
جن اکيا ڪر مساليا، ميس همارا سوه

ان لي عمل ڪندو هو، ڇو نه عمل ٻنا ڪو به عامل ٿي نٿو سگهي. ڪامل نه ٿيو پيو آهي. چوندو هو

هئن ساٺ هاڄ ڪس، مڪ سان رام ڏياء
پکهر جي ٻورهٽي مان، ڪجهه ٻکٽي جي منهن پاء
هٽي سانگ رساء، نه خوش هوندا ان خاوند جي.

چوندا آهن جهڙي صحبت تهڙو اثر. انهيءَ سبب ست پرش سدائين ست سنگ ڪرڻ جو اپديش ڏيندا آهن. ست سنگ جي معنيٰ اڪائي ۾ ويهڻ يا اوپاريون لهواريون ڪتابون پڙهڻ ناهي. چڱن ماڻهن جو سنگ، آتم گرنٿن جو ابياس، پرڪرتيءَ جي روچڪ درشيه جو ديدار، چٽ چوريندڙ ڳالهين ۾ مکهن ٿيڻ، ڪوين جي ڪوتا ۽ ڪلاڪارن جي ڪلا ۾ وقت وتيت ڪرڻ، ڏکين ٻکين جي پرگهور لهڻ وغيره ٻڻ ست سنگ ۾ اچي وڃن ٿا. سڀاڻ لاءِ سرجڻهار جي سرشٽي جو ٻهر بيابان، ٻني ٻارو، باغ بستان خواه ٻکين جي ڪلو لڪلو ٻالڪن سان رهڻ رهاڻ وغيره ٻڻ هڪ قسم جو ست

سنگ آهي. جي ماڻهو آهي سگهڙ، تہ پٿر بہ پارس آهہ ورنہ سڀ جڳت جا ويد شاستر وترڪ آهن.

هر حال ڪنور سنتن جو سندس مڌر آواز ۾ آلاپيندي ساڌ سنگت جا گڻ ڳائيندو هو. اڄ ڪالهہ گهر موري مهانگي، پر ساڌ سستا ٿي پيا آهن. اهڙن ساڌن لاءِ ڪنور کي ڪا عزت نہ هئي.

سونهن ٻڪن ٻاٽ، آهي ٿاٽ ڪنهن جي ٽن ۾
ڳالهيون اگم نگم جون، واڪا ڳن پيا وات
ٻڌي سڌي ڳالهڙيون، لوڏا وڃن لاٽ
ٻر ظهر ٿيندي ذات، رهڻي ۾ روهل چوي.

اڄڪلهہ جي لوڪن کي گمراهہ ٿسي ؟ ٻاون ٻاليڪن جي مها چار ماڻهن ڪيئن ٻچائڻ لاءِ ڪنور ور ور ڏئي سمجهائيندو هو، تہ سنت ڇا کي ٿو چئجي:

سوئي کهت سنت، نت جيي ٻکولت
جوئي لوڙت ليازي، ار ڪميا ڏير ڌاري هوءِ
شيل سنتوش، صبر، سر دم، شانتي دان
ست جت سڌمي، داني اپڪاري هوءِ
ويڪ وئراڳ آتم گيان اڀياس ۾
لس دن ساوڌان نر اهنڪاري هوءِ
اڇاهہ اليپ سر درسي، نرمل درس ديان
سرب سک ڪاري هوءِ.

مطلب تہ اهو ماڻهو ئي ساڌ آهي، "استت لتتا جا ڪو لهين، وڃي ميت سمان. ڪهہ ناڻڪ سن ري منا،

ٻالي ڳالهه پڪان" ۽ جيڪو اونت ٻهنت سووت ٺام.
ڪهه ناڻڪ جن ڪي سد ٻڪام."

اهڙو ساڌ ڪرڻ ۾ ڪو هڪڙو مشڪل مليندو. سوال آهي ته اهي ڪن ٽوپيل، ٽلڪ لڳل، ڀڀوت ڀريل، چوٽڙو چاڙهيل، گيڙو ٻهريل، مٿو ڪوڙيل يا ڇيڄ جيڏي ڏاڙهي ۽ ٻهاريءَ جيڏا ڪيس رکيل ڪٿ خلق مان سچو ساڌ ڪيئن ڳولي لهجي؟ سياڻن جو چوڻ آهي ته ڪيترن ساڌن جو ساڌ پڻو آهيئي عام ڪان نرالي نموني جي سڀرب ونائڻ ۽ پوشاڪ پائڻ ئي. عجب، انسان آجيوڪا لاءِ ڪيڏا نه سانگ ٿو رچي. تنهنڪري واجب آهي ته مڙهيءَ مندر ۾ مهنت اڳيان اک کسائڻ کان اڳ پوري جاچ ڪرڻ گهرجي ته سگهجي پيڪ اڳيان ٽيڪ نه ٿي ڪجي. جي ڪنهن منش ۾ آهي مٺيا، ته اها هرگز لڪل ڪين رهندي.

ڀڳت ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هوءِ آڪاس،
رجب ليدون لوڪ ۾، ڇپي نه هرڪا داس.

جيئن سورج ٽريءَ هيٺان لڪائي نه سگهبو، تيئن اهڙو ست پرش به لڪل رهي ڪو سگهي. ائين نه آهي ته دنيا مان ست پرش صفا غايب ٿي ويا آهن. جي ڀلا لوڪ نه هجن ته "آڳ لڳي آڪاس کي، جهڙ جهڙ پون انگيار. سنت نه هوتي جڳت ۾، تو جل مرتا سنسار." تنهنڪري "اڃا به آهين، پر لڪا گهڻن لوڪ ۾."

هڪواري اهڙي سنت جو درشن ٿئي، ته ”ساڌ ڪي ڏوڪرو اشنان - ساڌ اوپر جائيئي قربان.“

شاهه ساڌ سڄاڻ جو بيو به ڏس ڏنو آهي:

ڦوس ڪرايا ڪاپڙي، طعام نه طاماعُ
سڄڻ هنياڙون سچ ۾، ٻهر نه پيماڙو
اوسر آساڻَوَ، آئڻي ڳُونڊر گڏيا.

ڪدوره پترڪائن دتاران به سکيا ڏيندو هو. اهي پترڪاڻون گرمکي لپيءَ ۾ لکيل آهن، جاڪاڻ ته ٻاڻ عربي سنڌي نه ڄاڻندو هو. هڪ خط ۾ ٿو لکي ته من ڏاڍو چنچل آهي ۽ ورتي سدائين اڙٻنگائي ڏي مايل اٿس. تنهنڪري هروقت ساوڌان رهڻ گهرجي؛ ”من چلي ته چلڻ ڏي، تون د ي راکه سوير - جيون الا تي ڪمان مان، جاءِ نه سڪي تير.“ گهڻا سنت من مارڻ جو اپديش ڏيندا آهن، پر ڪبير صاحب جي هڪين شلوڪ مان پڌرو آهي ته من جي سپاوڪ ورتي آهي چنچلتا، ۽ جيسين منش جيئرو آهي تيسين اها ختم نه ٿيندي. باقي هرڪو سمجهو انسان ايترو ڪري سگهي ٿو، جو انجو چيو ريٽي، پڌي ۽ وويڪ انوسار هلي. واقعي من آهي گهوڙو، جنهن کي لغام سان ڪشي نه جهلبو، ته ڏکو ڏيئي کڏ ۾ ڪيرائيندو.

بهترين طريقو آهي ته جئن رنگ پوم ۾ تماشبين بدهي کيل ڏسبو آهي، تئن چت جي پردي تي جا وچتر ليلا رچجي ٿي ۽ جا هڪ کن لاءِ به خاموش ٿئي

ٿي، تنهنجو هڪ ترڪش ساڪيءَ جي حيثيت ۾ ويٺي ديدار ڪجي. اها واس ليلا آهي عمدي، ڇاڪاڻ ته ان دلدارن براڻي ماڻهو جي هردي ۾ جيڪي وهي واپري ٿو، سو پنهنجو پاڻ ۾ ٿو پسجي. واقعي اهو من آهي وشو جي وهنوارڪ جيون جي آرسي. البت اهو نهايت ضروري آهي ته پاڻ کي ان کان نرالو سمجهڻ گهرجي. اهين ڪرڻ سان ڪو ليپ نه لڳندو، ۽ ماڻهو سنسار جي وهندڙ گنگا جي مست رفتار مان پڻ واقف ٿيندو.

ڪنور پنهنجي سر امرتا، ڪميا، ديپتا ۽ سادگيءَ جي مورتي هوندو هو، ۽ ٻين کي اهڙوئي اپديش ڪندو هو. چوندو هو

ڪنهن کي گهٽ نه جاڻ، جي ڀانئين ڀلو پنهنجو
ملي ساڌ سنگت سان، پنهنجو پاڻ سڃاڻ
جو ٿئين حيران، دنيا سندي رچ ٿي.

ازانسواءِ وڻ جو مثال ڏئي پرهوڏ ڏيندو هو

دل ڪر درخت جي دستور
جاڙپ لڳي، ڇڪا ڇڻن، ميوا ۽ ٻُور
ڪهاڙو لڳي، ڪُوڪ نه ڪري، درد رکي ٿو سُور
وڍيندڙ سان وير نه رکي، لوڙي ڪريس ڇُور

ڪنور انهيءَ ڪان ٿي ستراماداس جي سنگ ۾ سنتن مهاتمائن، فقيرن درويشن جي ديدار مان، جو لطف حاصل ٿو ٿئي، تنهنجو قدر ڪرڻ سکيو هو. وٽس هنڌڪي

رُوڻ لاءِ ڪافي جاکوڙ ڪئي هئي ۽ حياتيءَ جا پويان
ڏينهن ذڪر فڪر ۾ گذاريندو هو. ڪيس ڪنور لاءِ
قرب ته اڳيئي هو، سو چيائينس ابا، توکي ڏاڍي شال
ڏينهن ڏي. آءٌ ته باقي گهڙي پل جو مهمان. ورهين
کان آس رکي ويٺو هوس ته توکي روبرو ڏسان. هاڻي
سڀجي اها آس پئي. بس، اڄ کان پنهنجي پڳ ۽ پلاٽڻ
جو سعيو تون ڪريان ۽ اتن ڏينهن اندر وڃي ولايت
وسائيندس. ڪنور جي اکين ۾ آب اچي ويو. پوءِ پيدل
جي هيلين ڪافي ٻڌايائينس.

رڳ رمز وجود وڃاوڻ دي،
ناهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي
اکران دي وچ جو ڪوئي اڙيا،
عشق دي چاڙهي مور نه چڙهيا
الباتي دا علم جو پڙهيا، موج انهان سر ساوڻ دي
بحر عميق ۾ جي ڪوئي پوسين،
دين ڪفر دا ورقا ڌوسي
ساري سڌ انهان ڪون هوسين،
ذات صفات سماوڻ دي

برهه بارش جنهن سر آوي،
عاشق جان سوز سدائين
بي دردان نون ڪل نه ڪائي،
درد دي دود دکاوڻ دي

ٿال دليائين نہ ليسي دلبر،
عقل نہ اوڏهين ليسي رهبر
سمجهي مام ڪو صوفي ٻي سر،
شاهي طبل وڄاوڻ دي
بيدل وحدت دي ڳالهہ مڃ ٿون،
وهم طلسم دوئي دا ڀڃ ٿون
وچ عروج نزول دا ڄڻهہ ٿون،
للدت آوڻ جاوڻ دي

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ميان غوث علي شاهہ پورن اٺن ڏينهن پهاڻا رحلت ڪئي. انهيءَ مان ثابت ٿو ٿئي تہ جنهن الدين اڪ ڪليل آهي، سي آئنده جا اڻ اٿلايل ورق اڳواٽ ئي ڏسي سگهن ٿا.

ڪنور ڪڏهن گيڙو ڪين پاتو، نہ ڪڏهن چوڙو چاڙهيو، پر سڄي عمر لرليپ نرموهي ٿي رهيو. دکي انسان جي شيوا سندس ڌرم جو مول انگ هو. رهڙڪيءَ بہ الڌن مندن جي دوا درمل پاڻ ڪندو هو، بلڪ سندن ٿورو پيشاب بہ پاڻ ميڙيندو هو. جيڪڏهن اهي دائمي اگها مٿس ڪاوڙيا هئا تہ پيار سان سرچائيندو هون، ۽ هنن کي ڀهڄي اڃن جهڙو عزيز سمجهي سندن آرا الڪل مچيندو هو. چوندو هو ادل، من مٿان موچڙو هجي. اسين انهن صدقي ٿا ٿيون. سندس همدردي ماڻهن تائين محدود نہ هئي. اتفاق سان ڪا ڪتلي ڪاغذ تي اچي ويندي هئي تہ قلم ڪڍي روڪيندو هو،

ٻئي مرضيءَ مطابق اها لُڏڻ اتان لنگهي وڃي. ڪيڏو نه ڌيرج هو، هن پراڻي ماڻهو سان پيار ڪندڙ شيوڪ ڪي! درويش سڄي جهان جو دک درد پنهنجي دل اندر سانڍي ويٺا آهن. امير ڪين چيو آهي

خنجر لڳي ڪس ڪو، تڙپتي هين هم امير
ساري جهان ڪا درد، هماري جگر ۾ هي.

ساڳئي وقت هو اها به ڪوشش ڪندا آهن ته سڀني جي دلين ۾ ٻئي بشر لاءِ همدردي پيدا ڪجي. ڪين ڄاڻ آهي ته جنهن شخص جو گذر مشقت ۽ مصيبت مان نه ٿيو آهي، سو ٻين جا اهڃ محسوس ڪري ڪين سگهندو. پلا

خفته بر سنجاب شاهي، نازنيني را چه غم
گرچه خار و خار سازد، بستر و بالين غريب

اهڙا شخص زباني همدردي ڏيکارين، نه اهو ظاهري ڏيک ٿي سمجهڻ گهرجي.

اڄ ڏکويون ڏکن ڀڃي، ڪوه ٿيون ڪتر ٻون
ناهه اورانگي هڪ رياٿون رٿن
پينر پيڙيون هون، نه پار تنهين جا پڌرا.

ڪنور جي همدردي ۽ بشر دوستي ڪو سگهو ڏيکاءُ يا ملمع نه هو، تنهن جا مثال گهڻيئي آهن. هتي ٻن ٽن ني تي ڪفايت ڪبي.

هڪ دفعي خيرپور رياست جي مير هڪ مسلمان

ونگر، ۽ سؤ کوٺيون ڌارو ۽ پوسو ۽ اٽڪل پنجاھ تولا تور سونا زيور مليا اٿس. پر هي تہ هڪ مثال آهي. ڪنور جتي بہ ويندو هو تہ سندس جهول ڀرجي ويندي هئي ۽ اهي ڪنا ڪيل هزار سڪرت جي ڪمن ۾ لڳايا ويندا هئا.

اهڙي ريت ڪنور عام ڀلي جي ڪمن لاء بہ ڪمر ڪشي پهندو هو. مثلا جيڪب آباد واري شمشان ڀومي، ميرپور ۽ جرواڙ وارا مسافر خانا بہ سندس اُدم سان ٺهيا هئا. ڪوئٽہ جي زلزلي وقت بہ پاڻ جيڪب آباد ۾ هو ۽ زخميلن جي ملم پٽي پنهنجي هٿن سان ڪندو هو، ۽ سندن لاء ڪاڌي پيتي جو سامان بہ پاڻ سان گڏجي مهيا ڪندو هو. ازانسواء ڪنور پنهنجي حياتيءَ ۾ انيڪ گهرجائو هندو مومن جون گهرجون پوريون ڪيون. سندس در تان ڪو سوالي خالي نہ ويندو هو. ڪڏهن تہ ٻيا چوڻ پنهنجو پاڻهي پئسا ڪڍي ڏيندو هو. هڪ دفعي ريل گاڏيءَ ۾ سفر پئي ڪيائين تہ ٽي ٽيءَ هڪ مسلمان کي بنا ٽڪيٽ مسافري ڪندي پڪڙيو. غريب وٽ پئسا هئا ڪونہ ۽ پنهنجي ماڳ پهچڻو بہ ضرور هوس، سو ڪنور ٻارهن روپيا ۽ ڪي آنا هن عيوض ٽي ٽيءَ کي ڀري ڏنا. پريان خاڪسارن جو ڪو مهندار الهي گاڏي ۾ ويٺو هو. تنهن جو ڪنور جي اهڙي سخاوت ڏٺي، سو وٽي آيو ونس. چيائينس، توهان جهڙا بزرگ اسانهي

سنڌڙيءَ جو شان آهن. شل ڪا اسان جي ماڻهن کي ساڃاهه اچي، جو اها وطني خصلت ۽ برادري نه وسارن.

ڪنور جتي به ويندو هو ته مٺاڻ ٿي مڪين جيان سنڌ جي پيرن ۽ منگتن جو هڪ وڏو ڪٽڪ اچي ڪٺو ڪندو هو. يعني نه رڳو پيرو سڀن جا ڇڪ وجهي گاريون ڏئي ڪيس لنگهه ڪندا هئا. پر هي پاڻ پنهنجي نهٺي سڀاءُ انوسار هٿ ٻڌي آڏو ڪندو هو "ادا، آءٌ مسڪين پاڪ ميٺي سڀ نا وڪٽان، سو ايترو ناٿو ڪٽان آڻيان، جو توهان کي ڏيان! جيڪي اٿم سو اوهان جو. حال حبيبان پيش ٻـريان." هڪ دفعي جهرواڙ ۾ ونس ڪچهري لڳي پئي هئي. ڪي ڪامورا به ونس کهي آيا هئا. ديوان گيهي مل عالمچنداڻي جو ان وقت موجود هو، سو تو چوي ته پاڻ ۾ ويٺي حال احوال ڏيئون ته اوچتو هڪڙو مسلمان ملنگ مجلس ۾ گهڙي آيو. هن اچڻ شرط ڪنور کي مخاطب ٿي چيو "پلا، صبر ڪري به ڪيترو ڪبو! فاقا ڪڍيا سون، رياضتون ڪيونسين، پر الله جي ديگهه ڪانه لٿي. هاڻي پاڻ کان وڌيڪ سٺو نه ٿيندو. جهٽ ڪري اسان کي پنهنجي خوراڪ ميسر ڪري ڏي. ورنه توسان اڄ هڪ هڪاڻي ڪبي." اها روئداد ڏسي حال في الحال ته سڀني جا ڏل ڇپن سان لڳي ويا. پر ڪنور ويٺو مشڪي. "ادا ويهه ته سهين. دم جهل چڱي ٿي پوندي." پر فقير هو

اتاولو، سو گاڏين جو ڏوڙيو وسائي ڏنائينس. تنهن تي
ڪنور چيس ”چڱو ڀلا، لوڪي اڌ آنو گاڏهو ۽ اڌ آنو
چرش ۾ هڪ آنو تماڪ ۾ ٿا وٺي ڏيون.“ انشتي لاءِ اهو
مقدار ڪافي نه هو، سو وري گاڏيون ڏيڻ لڳس، جنهن
تي ڪنور انهن شين ۾ ڪجهه اضافو آندو. پر هن جي
دل نه ڀري. ليڪن جڏهن اهي شيون پيٽيون ڪري
ڏيکاريائينس، تڏهن هن جي دل ٺري ۽ دعائون ڪندو
واپس ويو.

اهي حال ڏسي سڌارڪ اچي مٿس بگڙندا هئا، ۽
مهڻا ڏيندا هيس ته لڄ لفنگن کي تون حرام تي هيري.
پر ڪنور اها ورتي پنهنجي گروءَ سترامداس وٽان پرائي
هئي. ۽ سندس ذاتي سڀاءُ پڻ ان طرف مائل ٿي
ڪيس. هتي صحيح غلط يا چڱي مندي جو سوال نه
هو، ڇاڪاڻ ته هرڪو انسان پنهنجي سڀاو انوسار ورتڻ
لاءِ مجبور آهي. گيتا ۾ ڪين چاتايل آهي ته

”گڻ رهت سؤ ڌرم به سريشٽ آهي“

انهيءَ سبب ڪنور نماڻي ڪچلدار اکه ڪٽي سڌارڪن
کي چوندو هو ”آءٌ ڇا ڪريان. لاچار آهيان. ڪنڌ تي
اچي ته وهي الله ۽ آگيا ته ڏي. سو هيءَ ڪميٽي ڪير
جا امر کي اڏو اچي.“ ازانسواءِ ڪي ڪٽر هندو پڻ
کيس مسلمانن کي ورسائڻ کان روڪيندا هئا، ته چوندو
هو ”سائين سڀني ۾ هڪ آهي. وٽس پيائي ڪا اهي.
غريب آهن، ڪنگال آهن. سندن حق پهرين رکبو.“

هن قسم جي ٻيا پيڊ شفقت ۽ غريب پروريءَ لئي
لکڻ چيني ۽ طعنا زني ڏسي، ٻعضي ٻگت وجهڻ کان
کيٻائيندو هو، ۽ سڌڙن کي غرض ڪندو هو ته ڪيس
گهرائڻ عيوض اهو خرچ ڪنهن عام ڀلي جي ڪم ۾
لڳائن. ٻر سڌڙيا درشن جا پياسي، سو اهڙو مشورو
ڪٿان ٿا مڃن.

ڪنور ماڻهن جي عيبن ۽ اوڻاين کي ڪرڙي نگاه
سان ڪين ڏسندو هو. ڏاتار انساني دل اندر ليئو پائڻ
جي ڏات ڏني هيس، ۽ شايد معلوم هوس ته ڏوهه
اڪثر سماجڪ اوڻاين جي پيداش آهي. سندس ويچار
۽ واڻي، رهڻي ۽ ڪرڻي آڳاٽي اُن مطابق هئي. موجوده
زماني جي انقلابي ۽ شرانگيز خيالن ۽ جذبن جو تاب
ٻيش جروار جي ڳوٺڙي تائين نه پهتو هو. اتفاق سان
ڪا اهڙي گرم گفتار ٻڌي هئائين ته اها اهڙي اڻ پوري
ناقص اصولي پيش ڪيل ٿي ڏسجي، جو هن جي اسٿر
ٻڌي ۽ سيتل هردي تي انجو اثر اڻ لڳائتو ٻلڪ الـ
جهڙو ٿي هوندو. ازانسواءِ سندي سڌارڪن جو آچار
وهنوار به اهڙو نه هو، جو اُن مان جوت جهٽي سگهجي.
هن جي پيٽ ۾ ڪنور جي خيالي آدرشي هئي ۽
هتڪاري پڻ، جنهنڪري ان ۾ ڦيري آڻڻ لاءِ ڪو
قوي سبب ڏسڻ ۾ نٿي آيس. گهڻا سڌارڪ تنگ
دل، تعصبي، ڪم عقل، هٺيلا هئا. هتان هتان ڪا
سڪل هريڙ لهي، پاڻ کي پساري ٿي سمجهائون.

ونن لکي هو ڪافي علم ۽ علم کان وڌ هوش، لکي هون دلين کيڏڻ جو چقمق، جو لوڪن جي چت ورتي ۽ چال ۾ ڦيرو آڻي سگهي. سندن اکثر چيني به گهڻو ڪري وزندار نه هوندي هئي. مکڻ مان وار ڪڍي، مورڳو پنهنجي خسيس طبيعت ۽ ڪم عقليءَ جي پيا وائڪ ڪندا هئا:

ڪنور کي آريه سماجي، هندو سيائي، سنگهي، ڪانگريسي عينڪ سان ڏسڻ غير واجب ٿيندو. ڇا ٿيو جي هو ماس ورتائيندو هو، يا پٽ پيئندو هو. اهو ڪو اهڙو عيب ناهي، جو انگشت نمائي ٿيڻ گهرجي. ڪي ٿورا سنڌي ونشنو آهن، باقي ٻين جو ڪاڇ هن ملڪ جي ڌرم وارن کان نرالو آهي. اڪثر سنڌي هندو هفتي ۾ هڪ اڌ دفعو ۽ خوشيءَ جي موقعن تي ۽ مهمان جي خاطرخواهيءَ لاءِ گوشت جو ٻوڙ ۽ پٽ ميسر ڪندا هئا. البت بلڪل نردوش نه ايشور ڪانسواءِ ڪو ڪونهي؛ پر هر ملڪ جي تهذيب ۾ ڪا نرالپ ضرور آهي. ازانسواءِ ڪنهن به شخص تي فتوا ڏيڻ کان اڳ هنجي ويچار ۽ ورتيءَ تي جوکو ڌيان ڏيڻ گهرجي. مثلا هڪ دفعي سٺ نارائڻ جي ڏينهن هڪ شاهوڪار قرب مان ڪنور کي شراب جو پيالو پيئڻ لاءِ ڏنو، ته هڪ پاڻيءَ ڇيس ته اڄ سٺ نارائڻ آهي، جنهنڪري مد ورتائڻ هندو ڌرم جي ورڌ آهي. ڪنور ٿورو هٻڪي شراب جو پيالو هيٺ رکيو. پوءِ پاڻيءَ کي چيائين

جو عيوضي هو، ڇاڪاڻ تہ ماڻهن کيس دل سان پاليو
ٿي، ۽ هن ماڻهن کي ٿي پاليو: "دل اسکو چاهتا هي،
وہ دل کو چاهتي هين"، وارو قصو هو. اهين برابر
آهي تہ ڪنور جي شاهوڪارن ۽ پيرن ميرن سان ڏيڻ
ويٺ هئي. پر هو زميمداري ۽ شاهوڪاري سرشتي جو
حامي نہ هو. هو تہ وس پڄندي ماڻهن جا قرض
لاهيندو ۽ ڪورٽن مان کيس ڪڍائيندو هو. ڇاڪاڻ
کيس تہ هاري ناري ۽ پورهيت زميمدارن جي
ٻنين ۽ شاهوڪارن جي وياجن ۾ اڙجي ويا آهن، تنهن
ڪري پڳ ٽ ۾ جهول وجهندي چوندو هو "شاهوڪار آهن -
ڪُنڊ، جتي آسپاس جو مينهن وارو پاڻي اچي ڪٺو ٿو ٿئي.
دوستو دان آهي نيسارو، سو جي نہ وهندو تہ ڪڏ اچي
پٽ پوندو. هونئن بہ هي سالڪ جنهن سالي يا مڇهه ساه
ڏڪرا ساري ڏيهہ جا، ۽ جنهن جي لاٽ مان لنوين ٿي
عالم جي آه، سو انياءَ ٿي اڏيل سرشتي ۽ سماجڪ آئرت
جو حامي ڪيئن ٿيندو؟

ڳالهيون ھن جون ڳاءِ، ڳوڙها آڻي ڳاڻا
اکِ ۾ منهنجي روح جي، جيئون ڪي جرڪاءِ
وڻين ونيون واڳيون، سازن سان سرچاءِ
ٽن ۾ پوئين پھر جو، سارو ساز سماءِ
راتين منجھه رچاءِ، رمزون منهنجي روح جون.

هي جڳت آهي رنگ ڀومِ، جت اڻاد ڪان سرجڻهار منهنجي اپار ليلا ٿو رچي. هي جي گگن ۾ ديپڪ ٿا جرڪن، اُپ اُٽن مان سورج ٿا سرجن، جل ٿل ۾ جيو جنت ٿا اُپجن، جڳ جڳ لوان مالداڻ ٿا مدبجن ۽ ديش ڪال جا روپ ٿا بدلجن، تنهن جو بيان ڪير ڪري؟ نرالا پد ٿا ناهن گيت اسانجي، پر ايڪ گيتن مان ٿو جڙي سنگيت رباني! ڪير آهي جو پرکي اِها ڪاويه ڪست، ڪليات جنهنجا اڻت اڻت! هت

"صدين جا ڇهرا ڦريو ڦرن، لکل سورج اُبريو نرن
وچتر شڪتيون اُٿن ڪٿن، روپ نرالا ڳڻن ڳڻن

رنگ ترنگ جا پن پن ورڻ،
واهه واهه جوت آڪاشي ڪرڻ
چشما ڦاٽ وهيو ڇيهن، ڪنڊڪنڊ ڳيا جهنو مرن
اوس پوس تان جيوت اپجائي،
سڪٽي پومي ڦلي ڦلائي
واسنائن جا چڪر چلائي،
ساز سينگار تو رنگي رچائي
نت نئين جا انيڪ لشڪر،
سنچت پراربد ڪرمان چڪر
گپت شڪتين جا واچ واجنتر،
آهن وهيٽا اشاري جادوگر
جيو وڏو سانگ، جيون نت شالا،
جگ جگ جا آهن روپ نرالا
- سرشٽ کان وڌ آهه سرشٽ ڪرتا،
اڪٿ عجيب جنهنجي ڪٿا" (وسنت)

هر ڪا ڪلا انهيءَ سرجڻهار شڪتيءَ جي رچنا آهي. رنگ ساز جڏهن رنگ تو اوليءَ ۽ چترڪار چتر تو چٽي، ڪوي جڏهن ڪوتا تو رچي ۽ راڳي راڳ تو ڳائي، ته اهائي آدي شڪتي اڪري پروار تي ٿئي. هر ڪو جيو آهي جوڙ سوڪيم اسٿول تتن جي ۽ پڃ ڀاڃ جوڙي تو ڪا جوڙ- جائي آهي انجي ڪلا. جيڪي آهي برهمنڊ ۾ سوئي آهي پنڊ ۾، ۽ جيڪي آهي پنڊ ۾

سوني آهي پنهنجي پر. البت اهو پرڪاش آهي ڪلاڪار
جي ٻل ٻُڌيءَ، هنر حرفت آهن؛ جنهن روشني آهي
ٻنهيءَ جي قوت آهن. ڪي مشعال جيان ٿا ٻرن،
ڪي ڏيئي جيان ٿا ٽمڪن. جيون آهي جاڳ! جاڳ ٻنا
جوت ناهي. جوت مان ئي ذات ملي ۽ ذات جي ڄاڻ
تي رچنا رچي، جنهنکي ٿا چئون ڪلا.

ڪلائون نه گهڻيون آهن، پر انهن جو ڇاڻ ۽ ماڻ
هر شخص جي ساڃهه ۽ سوجهري تي مدار ٿو رکي. ڪو
لاڏ ڪوڏ سان، ڪو نياز نوڙت سان، ڪو هنر حرفت
سان، ڪو ٻُور ۽ سُور سان ڏاتار جي ڏال ڏات جو اظهار
ٿو ڪري. ڪوي پرڪرتيءَ جي ڏيک ريک رنگ ترنگ
تي موهت آهي، مدش هردي ۾ جا لار تار، سار
سُوجهه آهي، سا سازي آواز ٿو. ڪو سهڻي من
موهڻي تي مفتون آهي، ته ڪو ڳجهه ڳجهاندري ڳالهڙي
يعني ظاهري جوڙ جسمار اندر جو راز آهي، تنهن کي
وائکو ڪرڻ جي حڪمت خوض ۾ مشغول. هڪڙو رانجهن
چاڪ ٿو ڏسي ته ٻيو رب پاڪ ٿو ڏسي.

”متان ڀانئين ڙي ڪوئي رانجهن چاڪ آئيو
ڀڪي عشق جو چولو رب پاڪ آئيو“

”لالي اپني لال ڪي، جت ديکون تت لال
لالي ديکن مين گئي، مين ڀي هوگئي لال“

مطلب ته هر امنگ جو رنگ نرالو آهي ۽ هرڪا جوت
ڪا خاص لاٽ ٿي ڪڍي. البت جيسين هنئين سين

ھوت ڏي نہ ھلبو، ليسين جڙ ۾ جان نہ ايندي. سگھي
قابليت خلوص بنا، ڪوڙي سڌ جيان، ماڳ نہ رسائيندي.
پل ڪٿڪ پرڪتال ڪري ۽ گويو مرڪ ڏان ھٽي، پر
آلمان روح راضي نہ ٿيندو.

راڳ آھي آھ، جا انتل ھردي مان جھرڻي جيان
اُٿل تي ڪاٿي. انهيءَ آھ مان شوق ۽ ھرش ڀئي نڪري
نروار ٿين ٿا. اسان جي قلب ۾ ڪو اھڙو اُمنگ ۽
اُدماد ٿي ڪولهي، جنهنجو اظهار ٻي ڪنهن فن ذريعي
اھڙي اثرائتي نموني سازي آوازي سگهجي. ھرڪو سر
آھيئي ڪنهن امنگ جو آلاپ. جتي اُمنگ ناھي- اُتي
سُر جو سرَ سان سنگ نہ ھئڻ سبب- راڳ ناھي؛ پر
ڪنراڳ آھي. راڳ آھي روح جي خوراڪ، جا دل کي
سجاڳ ٿي ڪري ۽ ظاهري ڏيک ويک جا رشتا ٽوڙي،
سڌ ٻڌ گم ڪري، گونڊر غم ميساري اننت سمدرتا
جي ساگر ۾ جھومندي جھولندي لوڙھي ٿي ڇڏي.
جڏھن اُمنگ مان اُپر ۽ اُپر مان اُڪير، اُڪير مان
ورونهن ۽ ورونهن مان سوز، سوز مان ساز ۽ ساز مان
آلاپ ٿو نڪري، تہ پرندو پر ڪري اوچ آڪاش
جي نيلگون فضا ۾ پرواز ٿو ڪري. بلڪ سندس
اُڏام اُتي ٿي ليئس، جتِ عرش سان فرش کي، ناھ
زمين ذرو.

ھڪ ھنڌ ميرا پنھنجي ڪوتا ۾ ٿي چئي

درد کي ماري بن بن ڏولون، ونديہ مليو نا ڪوءِ

سُوري اوپر سيج هماري، ڪس ٻڌ سونا هوءِ؟ *

انهيءَ سوال جو جواب، درد جو درمان سنڌس راڳ ۾ آهي. راڳ آهي لاٽ جا سنڌس جيءَ جي جلندڙ ديپڪ مان ٿي نڪري. انهيءَ ڪارڻ هري ڀڳت ۽ صوفي درويش سدائين ساز سرود ۽ رقص جا ڪوڏيا ٿيندا آهن: "وائي وات نه ڪا، آهي وٽ روز ازل - سرندو سوز سڄڻ جي جو آهي ساز مونکي."

ميرا به ساڳي لاٽ ٿي لنوئين:

مَنَ تو گرڌر آگي ناچونگي
ناچ ناچ پيَءُ رسڪ رجهائون. پريمي جن ڪو جاچونگي
پريم پريت ڪي بانڌ گهنگرو.
سرت ڪي ڪڇني ڪاڇونگي
لوڪ لاج ڪل ڪي مريادا. مَنَ ايڪ نه راکونگي
پيءَ ڪي پلنگ جا پوڙهونگي. ميرا هري رنگ راچونگي.

هڪوار اهو سوز ۽ امنگ جاڳي، ته پوءِ نڪي لوڪ لاج نڪي پنهنجي جان جي چنتا رهي ٿي.

پڳ بانڌ گهنگرو ميرا ناچي ري
لوگ ڪهي ميرا ڀئي بانوري.
ساس ڪهي ڪل ناسي ري

---

* گهايل ڪي گت گهايل جاڻي - ڪه جن لائي هوءِ
جوهر ڪي گت جوهري جاڻي - ڪه جن جواهر هوءِ
ميرا ڪي پرڀو پير مٽي - جب ونديه ساوليا هوءِ
هي ري مَن تو پريم ديواني - ميرو درد نه جاڻي ڪوءِ.

وش ڪا پيالا راڻا جي ڀيڄيو. پيوت ميرا هاسي ري
ميرا ڪي پرڀو گرڌر ناگر - جنم جنم ڪي داسي ري.

جاڻن جو رايو آهي تہ ڀڳتي مارگ موڪش جي پراپتيءَ لاءِ سڀني کان سولو مارگ آهي. ميرا ان جي تصديق ڪندي چوي ٿي "جب آپ ساڌن ڪڇ نهين جانون. انسي ڀڳتي بيحال." واقعي مجذوب سالڪ بيحال آهن يعني پاڻ ۾ وس نٿو هلين:

اب مين ناچون گوپال - اب مين ناچون گوپال
هري مندر ۾ بهت ناچون - ڪرسيان بجاوت تال
ناچ ناچ پرڀو رجهائون - گائون گڻ رسال
جب آپ ساڌن ڪڇ نهين جانوُن. انسي ڀڳتي بيحال
ميرا ڪي پرڀو گرڌر ناگر - چرڻ ڪمل پرس پال.

گوُرو نانڪ مرد انگہ ۽ ڪرتال کڻي "هري بول، هري بول جي ڌن لڳائيندو هو ۽ اڪارام پڻ ڳائيندو نچندو هو. گرو نانڪ بہ هري ڪيرتن جو ور ور ذڪر آڇارڻ ڪيو آهي.

سروب روپ ڪا اوڪد نام - ڪلياڻ روپ منگل گڻ ڪام
اونت ڀڳنت سووت نام - ڪهہ نانڪ جن ڪي سد ڪام

مسلمانن ۾ شريعت جا سخت پابند ڳائڻ وڄائڻ جي سخت مخالفت ڪندا آهن، پر صوفي سڳورا انهن خشڪ طبع ۽ ڪرڙ گياين لي ڪن لانار ڪري ساز سرود سان رانجهن ريجهائڻ کي خاص اهميت ڏيندا آهن. ڏسو تہ سچل سرمست اُن جو کهڙي نہ دلپذير ۽ بي باڪ نوع ۾ اظهار ڪيو آهي:

ڪيڙو مست پرين جي، ڪنهن ناز مولڪي -
وسريو روزو، ناهي ياد نماز مولڪي
شوق شراب پيئڻ، پر وٽ راتيان ڏينهان -
ڪوهي وري قاضيءَ ملا، جو ڪو لحاظ مولڪي
ليکين نند حرام، آهي وٽ روز ازل -
سر اندر سوز سڄڻ جو آهي ساز مولڪي
وائي واٽ ڪهائي، مٺيءَ ڪي جيڪا پرين -
اچي وري هو هو پرين، جو تو آواز مولڪي.
سچل مقصد سارو، تون هي وٽ تون هي جيوين -
ڏس وري رمز پنهنجيءَ جو ڪو راز مولڪي

ميرا جي "مئن ناچون گوپال" ۽ سچل جي مٿين ڪلام ۾ ڪو فرق ناهي. ٻئي مجذوب سالڪ آهن ۽ سندن سينن ۾ جو تاب تپش آهي، سو ڳائڻ وڄائڻ ذريعي نڪري نروار ٿئي ٿو. مغلن جي زماني ۾ تلسيداس، سورداس، ميرا، نانڪ جهڙا جڳ پرسد ڀڳت نه گهڻيئي ٿي گذريا آهن، پر مسلمانن ۾ ڪا گهٽ ڪئي ڪانه ٿي ڏسجي. انهن درويشن جي لسٽ ڏيڻ نه هڪ لمبي فهرست ٿي ويندي. اورنگزيب انهيءَ راڳ رقص تي بندش وڌي ته خود دهليءَ جي صوفين ۽ سالڪن ڳائڻ ديويءَ جو جنازو گلن ڦلن سان سينگاري، بازار ۾ وڏي شان ۽ طومان سان سرگس ۾ گهمايو. نه فقط ايترو پر سندس نياڻي زيب النساءِ، جنهنجو ديوان مخفي نالي هڪ نهايت عمدو شعرن جو رسالو موجود آهي، تنهن

ڏک وچان پنهنجي پيءُ لاءِ هي لفظ لکيا آهن: ”اي عندليب نالان چرا شوريدئي - گلوُ گير شو، کہ نازک مزاج شاهان، تاب مسکن ندارد.“ يعني تہ اي بلبل! تنهنجي صدا ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي ۽ ڪهڙو رنگ هئو؟ بهتر آهي تہ پنهنجو گلو گهٽي ڇڏ، ڇاڪاڻ تہ نازڪ مزاج بادشاهہ تنهنجي ڪلام جو تاب سهي نٿو سگهي.

سنڌ جا سنت ۽ درويش هزار ملامتن هوندي بہ انهيءَ پنجري کي هلندا رهيا ۽ راڳ ۽ ناچ کي پنهنجي دل گهرئي محبوب سان ملڻ لاءِ هڪ واهڻ سمجهائون. اسان جو سڳورو شاهہ عبداللطيف پڻ راڳ ٻڌڻ سان وجد ۾ اچي ويندو هو ۽ فڪر سان گڏ ذڪر. جو پڻ هڪ قسم جو ڳائڻ ئي آهي- ڪندو هو. سنڌس ٻول آهي:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ اُن جي.

ڪبير پڻ مڌر ڌن ڌنارن پڪتي ڪرڻ جي سکيا ڏني:

جاڳ ري ميري سرت سهاگن جاڳ!
ڪيا تم سوُوت موهہ نيند ۾،
اُن ڪي پڇيا ۾ لاگ ري
چت سي شبد سنو شرون دي،
اُنت مڌر ڌن لاگ ري

دوائۇ ڪر جوڙ سمس چرلن دي،
پڪتي اَچل وَر مالگ ري
ڪهت ڪبير سنو پائي سلڌو،
جگت پيت چاگ ري.
ڪنور ب هو هري پگيت، جهنڪري جتي ب سڌ
ٿيندو هوس ت ڏٽيءَ جي مهما جا گيت ڳائيندو هو:
اوُچ اَپار بي انت سوامي، ڪوُن جاڻي گڻ تيري
گاوت اُڌري، سنتي اُڌري، بسي پاپ گهنيري
پشوُ پريت، مگڌ ڪو تاري، پاهن پار اُتاري
نانڪ داس تيري شرنائي، سدا سدا بلهاري.
شلوڪ:- ديِن درد دک. پنجنا، گهت گهت ناٿ اناٿ
شرن تمهاري آئيو، نانڪ ڪي پربُ سات
سنڌي هندو گرباڻي النيمت شرڌا ۽ پريم سان ڳائيندا
آهن. ڪنور ب اهائي واڻي آلاپيندو هو.
بلاول محلا پنجوان
پربُ جي، تون ميري پراڻ آڌاري
نمسڪار ڏنڊوت بندنا، انڪ بار جائون باري
اوٿت بشنت سووت جاگت، اهِ من تجهه چتاري
سوک دوک اس من ڪي برٿا، تجهي آگي ساري
تون ميري اوٽ، بل بڌ ڌن تمهي،
تمهي ميري پرواري
ڄم ڪرهُ سوئي پل همري،
پيک نانڪ سک چرناري.

شلوڪ- تلسي چل ول چا ڏڪي، پڇڻي ڪر پاندان
منکہ مزوري ديت هئہ، ڪيا راڪي پڳوان.
گرو تيغ بهادر جا ونراڳي شلوڪ "رام گيو، راوڻ گيو" مشهور آهن، جي سنڌي هندو اڪثر ڪري سان گڏ هلڻ ويل پڙهندا آهن. ٻه پڳونت جي پاڻي ۾ پنو رهڻ ۽ پنهنجي عقيدي ۽ ايمان خاطر سر ڏيڻ جي پاونا سندن هن شبد مان صاف پڌي پکي:
چت چرن ڪمل کا آسرا،
چت چرن ڪمل سنگ جوڙئي
من لوچي برائيان، گور شبدي اِهہ من هوڙئي
باهن جنان دي پڪڙيئي،
سر ديجئي باهن نہ چوڙئي
گر تيغ بهادر بوليا، ڌرتہ پڙئي ڌرم نہ چوڙئي.
شلوڪ (۱)
ميرا مجهہ مهہ ڪڇ نهين، جو ڪڇ هئہ سو تيرا
تيرا تجهہ ڪو سونپتي، ڪيا لاگي ميرا
(۲) ايڪ گهڙي آڌي گهڙي، آڌي ڪي پُر آڌ
تلسي سنگت ساڌ ڪي، هري ڪوٽ اپراڌ.
گرو نانڪ جو فرمان آهي تہ ايشور جهنگ ۾، ٽڪاڻي مندر ۾ پٽڪڻ سان ڪين تو ملي. هُو تہ هر ڪنهن جيو جي اندر وينو آهي:
ڪاهي ري بن کوجن جائي،
سرو نواسي سدا اليپا، تو هي سنگ سمائي

پهپ منهه جيون ٻاس ٻست هنهه،

مڪر مانهه جنسي چاهي

ڪهه نانڪ ٻن آپا چينهي، منهي نه پرڀ ڪي ڪائي

بيت - چو وچين وڻڪار، هت نه ڳولين هوت کي

لڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو اِي پار

نائين نيڻ نهار، ته تو ۾ ديرو دوست جو.

پڪتي مارگين جو ويچار آهي ته ٻرپوءِ جي اوت وڻ سان ڪرم جو لنبو چنو ميڻجي تو وچي ۽ ڪرپاندان پنهنجي ٻاجهه سان ”ليکا چوڏ اَليکي چونهه“ گناه بخشي ٿو ڇڏي. انهيءَ فضل ۽ ڪرم کي ڪرستان (*Grace*) چوندا آهن، جنهن جي معنوا آهي پرساد.

(توڏي محلا پنجوان)

ستگور آيو شرن تمهاري،

ملي سوک نام هر شويا، چنتا لاهه هماري

اڙر نه سوجهي، دوجي ناهر، هار پڙيو تم دئاري

ليکا چوڙ اليکي چونهه، هم نرگڻ ليهه اُباري

سدا بخشند سدا مهروانا، سڀنا دي آڌاري

نانڪ داس ٻاچي پڙيو، راکه ليهه اِهه باري.

شلوڪ - تون درياه دانا بينا، مئن مڇلي ڪسئي انت لهان

جهه جهه ويکان، تهه تهه تون ئي،

تجهه تي نڪسي قوت مران.

نندي هوندي سوامي برهمانند جا پنجن ٻه ٻڌ با هنا

۽ ڀڳتيءَ ۾ ٻڌل اهي ڳائڻا هئا. مثلاً:-

تيري شرن ۾ آءِ ڪي، تو آس ڪسڪي ڪيجئي
نهين ديک پڙا هيءَ مجهي، دنيا ۾ تيري شان ڪا
گنگا ڪناري ٻـئٺ ڪر،
ڪيون ڪوُپ ڪا جل پيجئي

هرگز نهين لائق هوُن مئن، گرچ تيري دربار ڪا
ميري خطا ڪو معاف ڪر، ديدار اپنا ديجئي
پتت پاون نام سن ڪر، مئن شرن تيري پـڙا
اب سڦل ڪر آس نام ڪو، مجهي اپنا ڪر ليجئي
ملتا هئه برهمانند جس ڪي نـام ليني ۾ سهي
ائسي پريو ڪو ڇوڙ ڪر، تو ڪوُن سي هت ڪيجئي.

ڀڳت جو اوت آسرو، ٻل ٻڌ هڪ ئي ايشور آهي. هو ٻي ڪنهن جي ٻه شرن نه ونندا آهن. گـرو نانڪ جيان شاهه عبداللطيف ڀٽ ساڳي لات لنوين آهي:

ڪافي - تنهنجي آءٌ پلئه لڳي آهيان،
مولي پلئه لاهڻ نه ڏيو، آءٌ پلئه لڳي آهيان
١- ڇوري ڇني آهيان، هن ڇوريءَ نا ڇڏجو، آءٌ...
٢- مون نه ور وڃايو، ڪو مولسان وڙ ڪجو، آءٌ ...
٣- اديون عبداللطيف چئي، هن ٻانهيءَ سان گڏجو.

بيت ١- ٻرين تون م ڇڏيج، آءٌ جيان تنهنجي آسري
سيئي پاڙون سو ڄڻن، هڪ لطفي منجهه، لکيج
دوست! ا مهن مٽيج، ملڪ مٽيو تان ڏهر يو.

٢- ستر ڪر ستار آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏني پاند پناه جو.

انهيءَ پاڙ پڇاڙا ستگر جي مهما واکاڻيندو هو:

پَدُ:- نانڪ تو شرنائي آئيو
اُتر گيا ميري مَن ڪا سنسا - جب تيرا درشن پائيو.
اَن بولت ميري برٿا جاڻي - اپنا نام جپائيو
باهن پڪڙ ليني جن اپني - گرهه اَنڌ ڪوپ تي مائيو
دک ناٺي سک سهج سمائي - آنند آنند گن گائيو
ڪهه نانڪ گر ٻنڌن ڪاٽي - بڇڙت آن ملائيو.

شلوڪ:- سنت سماگم هر ڪٿا، ڪلسي دُرلڀ دوءِ
سنت دارا اؤر لڪشمي - پاپي گهر ڀي هوءِ.
اَتي سندر ڪلين، چتر مک گياني ڌنونت
مرتڪ ڪهي نانڪا - جن پريت نهين ڀڳونت.

”ابرت ويلا سچ نام، وڏائيان ويچار“، يعني پره ڦٽيءَ جو اُٿي ايشور جي مهما تي سوچ ويچار ڪر. مهاتمائن جو بول آهي ته انهيءَ ٽاڻي ديولوڪ ۾ مڪت آتمائون ايش آراڌ ڪنديون آهن، ۽ ڪرپاڻدان پنهنجي اکٽ ڀنڊار مان ميگهه وسائيندو آهي. لاشڪ پرڀات سمو نهايت سندر ٿو لڳي، چاڪاڻ ته اوڏي مهل گلن ڦلن، وڻن ٻوٽن جي جگر مان عطر اوت ٿيندي آهي، ۽ تازي هير لڳندي ٿيندي، ٻر ٻر اورانگهيندي، جهر جهنگ جهاڳيندي، ٿوجيون جا گيت ڳائي لس لس ۾ سرهاڻي ۽ سڄاڳي آڻيندي آهي. فضا ۾ موج ۽ اُفق ۾ اُجالو

ڏسي تارا ڪٿيون قطب ڪومائبا آهن، ۽ رات ڪاري پوپٽ وانگر ڀو يان ڪسڪي ويندي آهي. اهڙي اُلـي سندر سکدايڪ سمي ڪبور جي هردي مان آلاپ نڪرندو هو:

سر آسا:- رام سمر ڀرڀات ميري منا،
رام سمر، اي رام سمر

١. وڏڀاڳو ٿي جڳ ۾ آئين -
سمجهي پرجاڻ ساٿ، ميري من

٢. سرت نرت کي دهي جمائو -
گيان مانڌاڻي هاٿ، ميري من

٣. جوئي جوئي سمري، سوئي ڦل پاوي -
رام نه ڇڏڻ جات، ميري من

٤. رام جپڻي، پاپ نه ڪيڻي -
نانڪ ڀڻي ساٿ، ميري من.

وري من کي سمجهائيندو هو ته سست نه ٿيءُ.

اُٿ جاڳ، اُٿ جاڳ!

جاڳ جاڳ من نند نه ڪريئي - اب تو روشن هويا ري
جي جاڳيا تن امرت چاکيا - جي سويا تن کويا ري
لاک لاک کي گهڙي جات هئي -

ڀاءِ پلنگ ڪيون سويا ري
هيري جيسا جنم اموالڪ - ڪوڙي بدلي کويا ري
ڪال نقارا سر پر باجي - ڪيون ڪر غافل سويا ري

دوهرو:- جي جاڳين تان جاڳ، سمهڻ اڳيئي گهڻو

تو جي پانيو توڙ، سو ماڻهالدي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، لهڻ ڪندي نا ملي.

اِها جاڳ جنهن ۾ رچيءَ رتل ليڻ آدرشت جو اوسيڙو تا ڪن ۽ ڪن اناهت شبد سڻڻ لاءِ آسائتا آهن، سا ساجن سامهون ٿي آئي.

رامڪلي:- مان جن لاءِ ٿي جاڳان، آهي شال ايندا.
مبارڪان مڙيئي، ڏسڻ لاءِ ڏيندا
جن لاءِ ٿي جيءَ ۾ جايون سنواريان.
اگڻ ڪي اکين سان، ٻهاريو ٻهاريان
ڏسي حال هيڻو، نڌر ساڻ نيندا.
وڏا وير وحدت، واهر وسيلا.
رضا ۾ رهڻ جي، سي ٿي رسيلا
وڏي قرب ڪارڻ، چميون نا چڏيندا.
نظر علي عنايت، وڏا ناز ليٽين.
خوشيءَ ساڻ پانيان، سندا ساز سيٽين
ٽٽيءَ دل کي جاني، اچڻ سان ڳنڍيندا.
جن لاءِ ٿي جاڳان.

بيت - لتيءَ تڏيءَ ڪاهه. ڪانهي ويل وهڻ جي.
متان ٿئي اونداهه - پير نه لهين پرين جو.

ڀڳتين ۾ ايشور آراڌنا سان گڏ آتم گيان جي پراپتيءَ لاءِ پڻ اپديش ڪيو ويندو آهي. مثال طور هتي دادو صاحب جا ڪي پڇن ڏجن ٿا، جي واقعي اموالڪ گيان جو سار آهن. ڪن ڏکين لفظن جي معنيٰ پڻ ڏجي ٿي، جئن پاٺڪ آسانيءَ سان سمجهي سگهن:

دادوُ ديکا ديدا ، سب ڪوئي کهت سٺي دا (ڏنل)
هوا حرص اَنتر بس کِيدا - تب يهه دل پيا سِيدا .
اَنهد ناد گگن گرهم گرجا . تب رس کايا عميدا (محل)
سکمن سُن سرت محلن ۾ - آيا اَجر عقيدا (سکمنا ناڙي)
اَشت ڪمل دَل درگه ۾ د رشن - پايا خود خد يدا (اکيون)
جئسي دوُد دد ماکن - بن مٿي پيدا نه گهيدا
ائسي تت مَت ساڌن - تب تک ناش پيا پيدا
نهين وه جوگ گيان مدرا تت - يهه گت اوُر پد يدا .
جو ڪوئي چينهه لين يهه مارگ -
ڪارج هو گيا جيِدا (جلدي)
مرشد سست گگن گرو لکيا - تن من کِين اسيدا (کيو)
عاشق يار اَدر لکه پايا - هو گيا دِيدم ديدا .
واقعي جيسين تن من ارپي ماٺهو لين نه ٿيو آهي ،
تيسين اوچي منزل تي رسڻ محال آهي .
سماڌيءَ مان سڌي ڪيڻن تي اٿڻ لڳي ، تنهنجو
کهڙو نه وچتر ورنن ڪيو ائس :
دريا دربارا کل گيا ، اَجر کيواڙا (دروازو)
چمڪي بيج چلي جيوُن ڌارا - جيوُن بجلي وچ تارا (بجلي)
کل گئي چمد بمد بدري کا - گهور مٽا اند يارا (بادل)
لگي جاءِ گگن کي لارا - چاندني چوک نهارا
صوُرت سٽل ڪري سب اوُپر - بنڪال پت ڦاڙا
چڙهه گئي چانپ چلي جيوُن ڌارا -
جيوُن مکڙي مکتارا

مٿن ملي جاءِ پاءِ پيئي پيارا - جيئن سِلتا جل ڌارا (پاٽي)
ڏيکا رُوپ اَرُوپ اَليکا - ليکا وار نه پارا.
دريا دل درويش پئي تب - اُتري پوڄل پارا.

انترياميءَ گهٽ واسي نراڪار جنهن کو روپ رنگ ناهي ۽ هو سڀ کان نيارو آهي، تنهن جو ورڻن پڙهو:

دادوءَ دل وچ ديکا، روپ رنگ نهين ديکا
اُهد حد ويد ڪتيب بکاڻي - مٿن ڪيتا بيحد ليکا
ملا شيخ پنڊت، پهه مُٿي اپني ٽيڪا -
رام رحيم ڪريم نه ڪيشو، هري حضرت نهين ايڪا
وه صاحب سڀن سي نيارا، ڪوئي ڪوئي سمتن ديکا
دادو ديس لِين هوءِ پايا، ڪيا کهون اگم اليکا.
جن جن جانا تهين پڇانا، مٽ گيا مِن ڪا دوڪا
"ملا شيخ پنڊت اور سيد - پهه مُٿي اپني ٽيڪا".

اِهي آهن شاهه جي لاثاني ٻوليءَ ۾ "قريا پسي قيمڙ، ڪرين ڪير نه چکيو - دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا." هو ننڍا جاڻن ته پنڊت گهڻا آهن، جن مونجهارو ۽ نفاق آندو آهي، پر ماڻو ڌرم سڀني قومن ۽ ملڪن لاءِ هڪڙو ئي آهي ۽ سڀني ديسن جا سنت پرش الهيءَ هڪڙي ئي ڌرم جا پيرو آهن، جنهنڪري هو سڀ انسان ذات جا ٻڌا پيد ياو جي رهبر آهن. فڪر ناهي جي ڪو هند ۾ ته ڪو چين ۾، ڪو عرب ۾ ته ڪو فرنگ ۾ پيدا ٿيو. سندن آزمودي ۽ علم مان هرڪو

پرائي سگهي ٿو. علم علم آهي، گيان گيان آهي، جنهن ۾ پنهنجو پرائو ٿئي ڪو نه. جاهل ۽ پورڙا، ڪٽر فرقي پرست ۽ جهيڙالو رسم رواج، ٻولي لباس جي ٽرالپ ڏسي، ڌرم جو رهسيه پلجي ٿا وڃن:

”ٽيڏي پسي ٽي - ٻر آهي اصل هڪڙو.

هو سڪڻن اکرن ۾ انڪي ٿا پون ۽ رام رحيم، اوم الله ڪي ساڳيو نه سمجهي، شر ۽ ظلم جو باعث ٿا بڻجن. ويد شاستر، قرآن حديث جا حوالا ڏيئي لوڪن کي گمراه ٿا ڪن:

اندر ڪوڙو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو تلهو ٿانءُ، پڇي چونه پورا ڪرين.

انهيءَ سبب آهي مها پرش جن کي وڏا مقصد آهن ۽ هر قربانيءَ لاءِ تيار آهن، تن اهڙي ظاهري دنيا ۽ ديکاديکي واري ڌرم کان ٻان پري آهي. کين جاڻ آهي ته ڌرم خود ماڳ مراد ناهي، پر انساني ترقي، خوشحالي ۽ اَمن لاءِ هڪ واهڻ آهي. شاه صاحب چيو آهي:

ڪو ڪم ڪفار سين، ڪا مسلماني من
ڪا دل دوزخ ڏي، ڪو بهشت گهرن
اَيا انهن چون، ابن ڪيو پنهنجو.

سچل پڻ اهڙي مذهب مان بيزاري ڏيکاري آهي:
جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان
۱- نا مان ملا نا مان قاضي، سي ڪيئن سڏايان

٢- نا مٿن نانڪ نا مٿن لڇمڻ، ڪاشي ڪيون ڪر ڏاوان
٣- نا مٿن مندر نا مٿن مسجد، پير اندر ڪٿين پايان
٤- صوفي وسندا شهر درازين، سچل ڪٿين سڏايان؟

بيت - مورک مام نہ بجهنا، هيڏاهن هوڏاهن ڪن
سي ڪيئن پرين پسن، ڪنر جن اکين ۾.

٢- پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جنين ورق ورائن وترا.

انهن سڳورن جي سکيا ۽ دعا سان:

"ما از نعمتهائي او اخوان شديم،
يڪ زبان و يڪ دل و يڪ جان شديم

عصر ويلي لنب زور پريندي آهي. رات جو بستري ۾ ڪر ورائيندڙ بہ حال في الحال ڳهير جي ويندا آهن. پر وچارا سنڌڙيا جي اڪل نوين ڏهين بجي رات ڏاري اچي پڳهت ۾ وهندا هئا، ۽ بولڙين واتان ڪافيون ڪهاٽيون ٿونڪا پڏندي ٿاڙ لڳايو وينا هوندا هئا، تہ ڪڏهن ٿو ڪنور اچي، سي نيت وهامي سنداڪڙيون پوري پيا جهوٽا کائيندا هئا، تہ پريان آواز ڪن پوندو هون، "رام سمر پرياست ميري من، رام سمر، اي رام سمر." ڪنور پرياست جي "يا" تي زور ڏئي شد سان اوچو کڻي ويندو هو، پوءِ پهاڙ ٿان گهسڪند جل جيان اڇل کائي، وراڪو ڏئي "رام سمر، اي رام سمر" تي آير ڪندو هو. اها اڇل آير، لاهہ چاڙهہ سنا

سڄاڳ ڪندو هو ۽ هر ڪو پنهنجي من اندر ئي اندر الهيءَ آلاپ جي اوت ۾ پيو هوُنگندو هو "رام سمر، اي رام سمر." پوءِ نندرا ديوي به آسمان ۾ ڪاٽا ٽيل لغڙ وانگر آواز جي لهرن ۽ لرزشن، جهٽڪي ۽ جهاڻ ۾ ڪڇي ويندي هئي:

"نينڊ نه ڪر، پڳو آرس اکين
اُجهاميو پرن، توکي ساريو سپرين."

وري جو ڏيندو هو دهرو:

جيڏو تنهنجو ناءُ، پاڄه به تيڏيائي مڱا
ريءَ ٿيي ريءَ ٿوٽيينءَ، لون چپر لون چاڻ
ڪچاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم سڀڪي.
معلوم توکي سڀڪي، تون سڀڻ سرسيت
اوڙڪ آهيان تنهنجي، هيءَ لماڻي نيت
آڻ دامن پنهنجي هيٺ، ڍڪج عيب ڍڻيءَ جا.

پريان پولڙيو ورائيندو هوس:

ڏاتار نه تون پيا مڙئي مڱڻا
ميهن منڌائتا وسڻا سدا وسين تون
جي گهر اچين مون، نه ميريائي ماڻ لهان.

تنهن تي سارنگيو به ساز کي ڪنڌ ڪلهي لڳه سوڌهو ڪري اوناڻيندو هو:

بندا تنهنجو بار، آهي اصل الله تي
ڏس ڪيئن پالي پيٽ ۾، پاڄارو ٿو پار

پٽ آئي ڪان اڳ ئي، ڀري ڪير ٽٽڻ ۾ نار
اِهي ڀسي اِسرار، اڃا تو عاجز ٿئين.

پوءِ ته ڪنور به انهيءَ لهري ۾ جنسي لُڙهندو ويندو هو:

دوهرو- ماڻهو گهڻ مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين
دنيا تنهن دوست تان فدا ڪريان في الحال
ڪيو نام نهال، مونکي محبوبن جي.

ننڊ نا ڪر تون نماڻي، مٿان ويلڙي وهاڻي
١- اوڪا پند پهاڙ جا، تون سمر ڪٺن ساڻي
٢- ٻن درياهن وچ ۾، ٻيڙي آهي پراڻي
٣- هٿان هلندينءَ هيڪلي، توکي ان نه ملندو پاڻي
٤- سرتيون شاهه لطيف چئي، سائين تيندم ساڻي.

بيت- مٿان دل ماندي ٿئين، الله ٻي آهي
سون ورهين جا ڏکڙا، اڄڪي ۾ لاهي
اهڙوئي آهي، صاحب منهنجو سپرين.

٢- ٽلسي رسنا تو ٻلي، جي تو سمري رام
نهين تو جلد نڪالئي، مکه ۾ پلو نه چام (چپ)

ڪنور سنڌ جي سرائڪي، پنجابي هندي دوهڙن جو گڏيل مربو ٺاهيندو هو، پر انهن ۾ جا چاش وجهندو هو، سا خاص سنڌس فن فراست جي ايجاد هئي. انهي ڪارڻ ٽرالين ٻولين جي ٽرالپ ٿي گهڻي قدر ڪافور ٿي ويندي هئي. سون اڳيئي اشارو ڏنو آهي ته گئوشالائن جي سهايتا لاءِ دان ونڻ جي مراد سان ڪرشن

پڻ ڳائيندو ۽ ٻولڙين سان گڏجي راس ليلا رچائيندو هو.
ڪٿڪ ۽ گويا ته ڪرشن پڻ ڳائيندا آهن. پر ڪٿور
انهن کي ڏرالي ڍنگ سان آلاپيندو هو: ڀاڙي

گئيان چاريندا ڪان، بن بن ۾
هڪل هور ها ها - ڪٿ ڪٿ ڪٿ
چلو گئيان چاريندا ڪان، بن بن ۾
ڪان بجائي بنسي، بنسي بنسي -
ڌن ڌن ۾ - گئيان .......
چلو ري گئيان گهر ڪو، گهر هو گهر ڪو
دم دم ۾ - گئيان .......

(ڀيروي)

پراٿه سمي، موهن مکيا سي،
هس ڪر، ماکن مانگت هئي
جهپٽ داء پٽ لي، ڪرل ڪري -
مک سي مرلي بجاوت هئي
١- ماکن کاء، ائي برج موهن،
مڌوري تان سناوت هئي
روش روش ڪر شيام سندر جي،
مک سي مرلي بجاوت هئي
٢- گئوئان ڪي سنگ مئن نهين جاتا،
بن ۾ هٿوُ تا ڊراوت هئي
ماء لي گرد ليا هئي، ڪنهيا،
هر ڪمت چوُم لگاوت هئي

ڦرڪي ڪٽورا، ماکڻ مصري.
اپني سُت ڪو چٽاوت هٿ

٣- نارد سارد اِس دن سمري،
شنڪر ڌيان لڳاوت هٿ

ڇب نِرکت، هَرکت ڇڇيلا،
چرنن ڌيان لڳاوت هٿ.

هندستان ۾ ميرا ٻائي ۽ سورداس ٻه مکيه ڪرشن ڀڳت ٿي گذريا آهن. سندن ڪوتا اڄ تائين نـر ناري جي ڪنٺ آهي. سنڌ جي ڀڳتن ۾ پڻ انهن جـا گيت ٿي ڳائبا آهن:

مئيا موري، مئن نهين ماکڻ کايو
ڀور ڀئي گئين ڪي پاڇي،
مڌوبن موهي پٺايو (موڪليو)
چار پهر بنسي بٽ ڀٽڪيو، (ٻڙ جو وڻ)
ساڃهه پڙي گهر آيو
لي لي اپني لڪي ڪمريا، (لڪڙي لٺ)
دائو بهت ناچ نچايو
سورداس تب هنسي يشودا،
لي اُر ڪنٺ لڳايو. مئن ......

---

٢- بسو ميري نئنن ۾ نند لال
موهني مورت سانوري صورت، نئنا بني وشال

آڌر[1] سڌارس[2] مرلي[3] راڄت، أر ٻڄنتي مال
(١. چپ. ٢. امرت. ٣. مرلي سوڀهين ٿي)
ڇڏر[1] گهنڊڪا ڪئي[2] امت شوڀت، نوپر[3] شبد رسال
(١. ننديون گهنڊڙيون. ٢. چيلهه. ٣. نڪري ٿو)
ميرا پربهو سنتن سکدائي؛ ڀڳت وتسل گوپال.

---

٣. درس بن دوکن لاڳي نئن

جب سي تم بڇڙي ميري پربهوجي،
ڪبهون نه پايو چئن

شبد سنت ميري ڇتيان ڪمپئه،
ميني لاڳه بئن (وچن).

ايڪ ٽڪٽڪي پنٿ نهارون، ڀئي ڇه ماسي رئن
برهه ويٿا ڪا سون ڪهون سجني،
بهه گئي ڪروت نئن (فراق جو سور)
ميرا ڪي پربهو ڪب ملوگي، دکه ميٽي سکه دئن.

هاڻي پڙهو هي پنجابي بولي ۾ ڇهڪنو:
آهوجي! بسري بچ دي بنا! -
بچ دي بنا، بچ دي بنا
لالاجي، راسنا ڇوڙ!
نهين ڇڏنا؟
ڪيون روڪ کڙا، لالاجي؟ آها ها ها
ٿال اسان ڏون، سائين- دهي ڊول دي ٿال
اته منڪي دي وچ ماري.

اڙي ڪنئيا، ڇوني جهڙي،
اڙي گهنشيام، ڇوني جهڙي
گينڊ ٻدلي، نٽ ٽل، جمنا ڊي وچ ماري.
منان کي سگهڙ پنجابي نه سمجهن، نه سنڌي ۾
ڇٽي ٻڌائيندو هون: ڀريائي ●.
ڪانگا ڏجاءِ ڪرشن کي پيغام، ويندي ويندي
بڪ ۾ مون ٽيون گايون گهنشام، ويندي ويندي
دل ۾ غصو ڇو ڌاريئي، سورن ۾ شام سارئي.
پورو پنهنجو نه پاڙيئي انجام، ويندي ويندي
يا مل اچي مراري، گهوٽ گرور ڌاري
يا ڪر هٿي ڪناري قتلام، ويندي ويندي
جلد جوالي ماٽي، ڇڏ ڇوه دل جي چاٽي
ڪر نا سکين کي هاٽي بدنام ويندي ويندي
ڀلاج پياسي آهي، سر ٿو سدا نوائي.
گهنشام ڏي گهرائي آرام، ويندي ويندي.

اڃا راس ليلا پئي هلندي هئي ته ٻريان آواز ايندو هوس، "ڪنور، ڪا ڪافري ٻڌاءِ." هرڪو پنهنجي من گهري طلب ڪندو هوس. آسائتن کي اوسيڙي ۾ ڏسي ڪنور به ڦتن سازنگئي سان اڪ اڪ ۾ انڪائي اچي ڇڻڪندو هو. هو ٻه وچ وچ ۾ سر ڪٽائيندو هوس:

(حسيني)

ڪيئن وساريان ور اديون،
منهنجو حال محرم يار هو

حال محرم يار هو، دلدار محرم يار هو
ڪيئن وساريان ور اڏيون
هوءَ نہ منهن موڙي ويو، مون ۾ ڏاٿين ڪي مڏيون
شل سرور راضي ٿيندو، الله بخشيندو بڌيون.
جيڪي ڪاٺيارين ڪانڌ ڀون
سي محب اڳيان ڪيئن مرڪنديون

۲ هوت جنين جي هنج ۾،
سرما سينگار سي ڪنديون

سهڻو شاهہ لطيف چوي،
هوت ڏي ڪيئن هلنديون

سوُر سانڍيا ڪم جن جو،
سي ٿي محب اڳيان مرڪنديون.

بيت: جيهي جا ٿيهي، آهہ ٻانهي ٻاروچل جي
هوءَ جا پائين پير ۾، تنهن جتيءَ تان جيهي
وساري ويهي، ان ڪيچين کي ڪيئن وهان.

هاڻ ڪن ڏئي ٻڌو هن سڪايل جا سور! نهايت
عمدو شعر آهي:

اڄ مان ڪنهن سان سليان سوُر،
دل چاڪن ڪئي آهي چوُر

حال منهنجي جا محرم جاني،
ڏيهڙا لائو ڏوُر. اڄ مان ...

۱- هڪڙي مون سان جاب ڪئي،
ٻي پورل ٻي پرواهي

هرڪو پنهنجي غرض وارو، ڪونهي حال پائي
پنهنجا وٺي پاڻسان اوريان،
درد اٿهيئه دستور- اڄ مان ...
٢- اڳ پکيڙا پار پرين جي، ٻانهه ڏٺيءَ هڪ واري
آٽي ڏي عجيبن ڪان، گهائيءَ کي دلداري
من ماروءَ لاءِ ماندو آهي،
پل پل پون پور- اڄ مان ...
٣- من اندر ميخون اڙيون، جيءَ اندر جڙيون
سوين طبيب حڪيم مڙيا، ليڪن ڏين پڙيون
سڪ جني کي يار ملڻ جي،
وڃي ورهين کان وهلور- اڄ مان ...
بيت:- پلا يار پروچ، تو هيٺن سان هيڏيون ڪرين
ڪي ٽان سمجهڻ سوچ، سڪندن سيني چا وهي.
منهنجو رايو آهي ته سنڌيءَ کان سرائڪي وڌيڪ
سرل ۽ زوردار آهي. حال في الحال وڌيڪ دعوا ٿو
ڪريان. پاڻ مهربان ڏيو:

## ڪافي

مٺن ٿون تسا ڏي يار- جهوري لڳ رهي هه
١- اندر ٻهان ٻهڻ نه آوي- ٻاهر قران برهه سناوي
فوج حسن دي چڙهه چڙهه آوي-
جوڙ ڪري جمسار ..... جڏ ٻي دل جڙي هه
٢- ناز نيڻان دي ڪيتا نماڻان-
جت ڪٿ، يار، وٽان ويگاڻ

ميان دي لال، ڪيون ڪر دي ماڻا -
جنڙا جيءُ جيار ... دلڙي درد ڀري هـ
٣- ڀره قصائي دي دست پيوسين -
حسن ڪيتي قربان ٿيوسين
سر نشانان ناز ڪيتوسين -
تير ستم خونخوار ... گهاوندا گهڙي گهڙي هـ
٤- تخت هزارا دا جوڳي آيا -
تَنهن ني سانوُن چيٽڪ لايا
گهوُر نيڻان دي دل نوُن گهايا -
نيهن ٿيو نروار ... ٻرهين ٻاهه ٻڙي هـ
٥- بيدل چوڙ ٻزرگي سڃي -
پيڇي سهڻي يار دي وڃي
بند حيا ۽ شرم دا ڀڃي - نيڻي ويک نظارا ...
عشقي ديد اَڙي هـ

بيت (١) :-
درد نهين ڪو دارو دل دا، جو پيوي سو جيوي
جي ذرا چکين انهيءَ جام وچون،
سي رهن سدا ڪيِوي
سَتِ وچي سب مستي مَنُ دي،
هستي حق ليوي
يار وراد وسي وچ ويڙهي، جو ڪوئي عاشق ٿيوي.
(٢) اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا سار يا -
ڳلن ٿان ڳوڙهن جون ٻوندون بس نه ڪن
سندي سڪ پرين، لوک ڏني نه لهي

هاڻي پڙهو بلاشاه جو ڪلام، هو ٻه پنهنجو مٽ پاڻ آهي:

مٺان ڪرين ارمان، وو ماهي يارا -
هي ٻت خاڪ مڪان ٻندي دا

١. ٻت پٽيهر ٻت دي ڏاڳي - گل وچ چندن هار -
وو ماهي يارا ... هي ٻت خاڪ -

٢. سٽڙ سڄڻ دي ٿو ٿو والي - جاما جلويدار -
وو ماهي يارا ... هي ٻت خاڪ -

٣. آپ ٿاهيندا آپ ڍاهيندا - آپي آپ ڪنيار -
وو ماهي يارا ... هي ٻت خاڪ -

٤. بلاشاه فقير نماڻا - روئندا زارون زار -
وو ماهي يارا ... هي ٻت خاڪ -

بيت - سگهن سڌ نه سوُر جي، نه گهايل ڪيئن گهارين
پيل پاسو ٻت تي وايوڙيل لئه وارين
پرم ٻچن پرين لڳ، هيءَ هنجون هارين
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

ڪافي - آوي سڄڻ رنگ لايا ويکا.
ڦل آيا، رنگ ماهي لايا

١- عشقان دي ڦٽڻي، ول نه ڪوئي ماڻي-
جو تن لڳڻا، سو تن جاڻي
اندر جهڙڪي ٻاهر تاڻي - نيهن اڙايا، دک پايا ...
يار سڄڻ رنگ

٢- هند وچ جٽيا، مڪہ وچ مولي -
در در ٻسکيا، منگڻ هليا
آيا جوڳي لٽڪا ڏريا - رنگ ڀيوس ٻڌايا ......
يار سڄڻ رنگ

٣- شهر نگر دي الٽي چالي،
مڻن جاوان تيوڻ خوش حالي
آڻ گهتي وچ عشق دي جالي- آپي آپ ڦسايا ...
يار سڄڻ رنگ

٤- بلا شاهه اسع پرين جت آلايا -
رستا گهن گهن آپي آيا
شاهه عنايت ڪر ڪا آوڻ دي- ڦول ڦول دير سعايا ...
يار سڄڻ رنگ

بيت (١)- اکيان وچ خمار، صورت سڄي رب دي -
مليا محرم يار، تڏ لٿي حاجت حج دي
(٢) اکيون آهي ڏار جن سان ڀسين پرينءَ کي -
ٻي ڏي ڪيم لهار، گهڻو ريسارا سپرين.

يارو، ”اندر جهٽڪي، ٻاهر ڏاڙهي“ آهي ٻره جو بخار، جو لڳي هووي تو ڪل ٻوي. باقي عشمان جنهن دلربا جي صورت ڇٽي آهي، تنهن جو لطف تون ءَ مان پڻ وٺي سگهون ٿا.

## ڪافي

اهن ظالم اکڙين ساڻ، هيءَ دل چوٿو لٿين؟
قياس ڪرين تو ڪونہ، دلڙي چوٿو

١- نيڻ خماري آهن هزاري، ڦرن فقيرن جان-
سي وڙهن واسينگن ساڻ، ونگ وجهو ٿو وڙهين
٢- جڏهن نهارين دلبر مارين، منڙا ماڻن ساڻ-
تنهنجا عين آهن عجيب، جهلڪا ڏيو ٿو جهٽين
٣- زلفان ڇوڙي وڌء ڀوڙي، منا نازن ساڻ-
تنهنجون ڀڙڇون آهن ڀاري، نسنگ سيني ۾ سٽين
٤- اکيون سڄڻ جون لائن ملهاري، دلبر ديدن ساڻ،
نيڻ ائڻي گلزار، گهورون ڏئي ٿو گهٽين
٥- عثمان اُداسي ڦري پياسي، سنهڙا صحبت ڪاڻ-
منهنجي باغ اندر بلبل، جهپ وجهو ٿو جهٽين

بيت- اکين ۾ ٿي ويهه تہ آءٌ واري ڍڪيان
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آءٌ نہ ڏسان ڪي پيو.

عثمان جـو پلء ڪنهن شِڪري جهڙي شڪاري حسين سان اٽڪيو ٿو ڏسجي، "جنهن جا عين عجيب" ۽ واسينگ جهڙا زلف سندس بلبل جهڙي مشتاق دل جهپي ويا آهن. ڏسجي ٿو تہ يعقوب جي اکہ بہ ڪنهن اهڙي قاتل حسين تي پئي آهي، جنهن هڪ ئي گهور سان گهائي وڌو اٿس.

## ڪافي

ڇا وصف دلبر جي چوان، يار مَن موهئو ڏنم-
خنجر هٿ ۾ هيس، نازڪ بدن سهٽو ڏنم.
ديدار دلبر جو مليو، ٿي واٽڙو آءٌ ويس-
نازڪ نظر گهورن پريو، عشاق دل ڦرٽو ڏنم

زنجير زلفن جي وڌو، پيرن ۽ ٻانهن کي ٻڌي -
الله جو آهي قسم، پنهنجو نه وس هلڻو ڏنم
قربان ڪريان جان حاصل، سهڻي سنڌي ٽان خال خط -
ان دام ۾ هرگز وڃي، سوا نه ڪو ڇٽڻو ڏنم

ارمان نه آهي ڪافر وٽ سنڌس وفا جو ڪو ملهه ئي ڪونهي:

## ڪافي

اسان جي دل گهڻي ٽوڙي، اوهان ۾ ڪا وفا ناهي -
اسان جي دل صفا ساري، اوهان تي ڪا بقا ناهي
اسان کي حب آهي ڏاڍي، اوهان سان محب ميلي جي -
مگر اڄ اوهان ۾ ڪا، اهڙي اڇا ڪانهي
اسان کي شوق آ ڏاڍو، وصل جا وار پيا ڳوليون -
اسان جي انتظاريءَ جي، اوهان وٽ ڪا ٻها ڪانهي
اسان آهيون سدا پياسي، اوهان جي در مٿي سوالي -
حسن خيرات جي خاصي، اوهان وٽ ڪا سخا ڪانهي
اسان کي خوب خواهش آهه، اوهانجي خاص خدمت جي -
مگر در ڪار ڪا اهڙي، اوهان وٽ اڄ نما ڪانهي
عشق جي آه زاريءَ ۾، گذاري سال ٿو يعقوب -
مگر هن وقت تائين، اوهان ۾ ڪا وفا ڪانهي.

جاڙ نه اٿم آهي خط جو ڪهڙو جواب مليس. ٻـ هيٺيني شڪايت مان سنڌس تلخ قلبي ۽ بيزاري آفتاب جيان عيان آهي:

## ڪافي

اڇو عشاقو حال اوريون، درد جو داستان اڄ-
هٿ حسينن وٽ اسانجو، نا رهيو آهه مان اڄ
سنگ دل بيوفائي ڪم قصابي آهه تن-
نا رهيو آهي لنبين منجهه، نيهن جو نيشان اڄ
مدمغزي بي غرضي، هٽ وڏائي آهه تن-
نا رهيو لنبين منجهه، عشق جو اوصاف اڄ
تيراندازي نڪته چيني، ڪم صيادي آهه تن-
نا رهيو آهي لنبين منجهه، حب حيا ايمان اڄ
بي قرابي بيحيائي، دور اندازي عام آهه،
ماڻ ڪر يعقوب تن سان، نا ملڻ آسان اڄ-

عاشق اڪثر اهڙا ڪوڙا بول ئــــ بوليندا آهن. معشوق جي تير اندازيءَ خواه دور اندازيءَ، صيادي خواه قصابيءَ ۾ ڪهي اچي وڃي، ته سندس دلبريءَ جي خصلت گهٽجي ويندي. عجب ناهي يعقوب جي انهيءَ شڪوه شڪايت سندس محبوب کي ڪاوڙايــو هجي، جنهن ڪري ٻي خط ۾ پرچائڻ جــي ڪوشش ٿو ڪريس:

چڏ غصو يار جاني، مل خدا جي واسطي،
ڪڻ اکيون مهر واريون، ڪل خدا جي واسطي
ڪيم وساري يار ويهه تون، آءٌ اگڻ منهنجي هلي
ڪر بدايون معاف منهنجون، موٽ خدا جي واسطي.

وري ٻي خط ۾ سندس سونهن جي تعريف ڪري،

ٻاڻ ڏي ڇڪڻ تـو گهريس. ڏسو تہ ساراه ڪندي ڪيڏو نہ چوٽ تو چاڙهيس. ٻولي بہ نهايت خوش رنگ ڪم آندي اٿس:

## ڪافي

ڏٺو مون ڪو نہ ڪو ڪاٽي، مثل محبوب تو جهڙو-
تنگي تلوار جنهن هٿ ۾، عاشقن لاءِ هي قتل ڪهڙو
ڏيکيا ديس مون آهن، سوين هن سير ۾ سائين -
ڏٺو مون ڪو نہ ڪو ڪاٽي، مگر محبوب تو جهڙو
سوين مون سير آهن ڪيا، دنيا جي باغ گلشن جا -
چمن چين ارم سائين، نہ هو گلزار تو جهڙو
گل لالہ هزارين هٿا، سمن سورج مٺا موتي -
مگر مجلس محسن ۾، نہ هو ثاني صنم جهڙو
گلابي گل گهڻا پيدا، سوين سرو صنم سهڻا -
لڪين يعقوب ڏٺا ڪلڻا، مگر گلڙو نہ تو جهڙو.

---

عاشق اڪثر هيناهين وات وندا آهن ۽ شڪايت بہ سهائيندي ٿي ڪندا آهن. ڏسو پيرل ڪـــي اهڙي جهوري لڳل آهي، پر ان جو اظهار ڪهڙي سوز واري نوع ۾ تو ڪري-

## ڪافي

خوش تو گذارين، مهنجا مٺا- عاشق تنهنجي عذاب ۾
ٻن پيو جدائيءَ جو جيئڻ، تنهن کان زهر جو پيالو پيئڻ
پنهنجي يار کان دم ڌار تيڻ، آهي ڪهڙي ڪتاب ۾

جن کي لڳي جيءَ ۾ جري، سڪ سوز ۾ ويڙا ڳري -
تن سان مٺا تون مل وري، مهڙو ڏيکارج خواب ۾
ليڪڙو پائيج لوڪان لڪي، عمر وڃايم ساري سڪي
تقدير رب جي هٿي لکي، هٿ هٿ ٻڌي جي باب ۾
پيرل چوي پڪ جاڻ تون، ڏکيا گذرن ڏينهن مون -
سرڪار رب جي روبرو، هرڪو ايندو حساب ۾.

زندگيءَ جي نوبهار ۾ گرم خون جڏهن پهچندڙ شرابُ جيان گهجي ٿو ڪري، تڏهن مجازي عشق ازخود وجود ۾ موجزن ٿو ٿئي. ڏسو سانگيءَ جهڙو فهيم ڇا ٿو آکي:

مٺو محبت ماڻن سان ماري هليو ويو،
ڪيل قول پنهنجا وساري هليو ويو
ڇڏي دوست ويڙو هيڻو حال تنهڙو
ڪٽي نينهن توري، نهاري هليو ويو
ڏنو قول دل کي دلاسو نه دلبر،
پيالو پريت جو پياري هليو ويو
سانگي ٿو ساري، الله توکي آڻي -
وينو وساري مٺي مهڻ هليو ويو.

مرزا قليچ بيگ جو سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ بزرگ هستي آهي، تنهنکي جڏهن اها لهس آئي؛ تڏهن انهو اظهار کهڙي نه درد ڀري نوع ۾ ڪيو اٿس:

ماڻا ڪري نه مار سڄڻ، تون ذري ذري -
پاڻان نه ڪر پيارل، مونکي پري پوي

مون ڪسڻ قبول ڪيو، مگر تون ڪو قياس ڪر.

خنجر وهاءِ حلق تي قاتل هري هري
هيڪر نهار نيڻ کڻي ناز مان پرين.
وئي عمر انتظار ۾، آزيون ڪري ڪري
هردم هنجون وهائي، ڪري ياد توکي دل
ڳالهيون ڪري هزار، ڳڻن جون ڏري ڳري
دلبر اچي ڪو ڏيج دلاسو قليچ کي،
محبت ۾ تنهنجي محب، منا پيو مري مري.

هيٺئين ڪلام مان گذريل ڏينهن ياد ڪري، وڇڙڻ
سمرتيءَ سبب جا اُڪير محسوس ڪبي آهي، سا
ڏٺي بڪي:

ڏکي ڏي پرينءَ ڏي، وڃان شل اُڏامي
انهيءَ سوُر سببون، ويا اٿم ڪنڌڙا ڪامي
١- اڄ نه گهوٽ گهاريون، گهڙي نه وساريون
ساڳيا ڏينهن گذاريون، محبت جا مدامي
٢- ملي محب مولسان، چمان چپ چپن سان
الله آگہ اکين جي، وڃي شل اُجهامي
٣- صالح نه غم ڪر، دلين تي نه دم ڪر
حجت ڪين هلي ڪر، غريبن غلامي.

اڄڪلهه روماني ۽ عشقي لٽريچر تي طعنه زني ڪرڻ
هڪ فئشن ٿي پئي آهي ۽ ڪيترا سڄاڻ اڄاڻ انهيءَ
جي اثر هيٺ اچي ڪي جو ڪي ٿا مڃن.

شڪ ناهي ته اسين هڪ اهڙي وڳوڙي زماني ۾

ٿلهڪري روماني لٽريچر جا خيال ۾ وسعت ٿي آئي ۽
قلب اندر ولولو ٿي پيدا ڪري ۽ هالو چالو جيون جي
بي ذوق ۽ بدمزي رفتار مان ارواح ڪڍي ڪنهن دل
گهري دنيا ۾ داخل ٿي ڪرائي، سا پڻ خاص اهميت
ٿي رکي. غور ڪريو ته سماجوادي روس ۾ شيڪسپيئر
جا رومان اينڊي شوق سان پڙهيا وڃن ٿا ۽ اهڙي
سجاوٽ سان اسٽيج تي آندا وڃن ٿا، جو سماجوادي
ساهتيہ ڪارن جي روماني لٽريچر تي ملامت وزندار اٿي
لڳي. هيئنر ته ڪاليداس جي ناٽڪن ۽ مهاڀارت جا پڻ
ترجما ڪرڻ لڳا آهن. ڪير چوندو ته انهن پستڪن ۾
روزاني جيوت جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش
ڪيل آهي.

ٻيا وري اهڙا به آهن جي سداچار جا ڏيک ڏيري،
روماني لٽريچر کي ڪداچار جو واهڻ سمجهن ٿا. لاشڪ
هر ملڪ جي ساهتيہ ۾ ڪداچاري پستڪ به آهن. انهن
تي روڪ وجهڻ واجب آهي. ڪو به سچار بداخلاقي
ڦهلائڻ جي حمايت نه ڪندو. البت اهو ڏسڻ گهرجي
ته واقعي بداخلاقيءَ جي اشاعت آهي يا ٻيو ڪجهه.
عشقي لٽريچر صحيح معنيٰ ۾ بداخلاقيءَ جو ڦهلاءُ ناهي.
عشق انسان جي طبيعت جو اهم انگ آهي. درحقيقت
دنيا جي ادب مان عشقي شعر ۽ افسانا ڪڍي ڇڏجن
ته باقيات ڪاسي مان ڪڍي جيتري وڃي رهندي
۽ امڪان آهي ته اهڙي عمدي نه به هجي.

ٿي نه سگهندو. ازانسواءِ دنيا اندر ڪابه وستو بري
ڪاهي، پر انجو برو ورتاءُ برائي پيدا ڪري ٿو. هرحال،
جي شخص اساڃي شاعرن کي فقط عابد ۽ عارف سمجهي
ويٺا آهن، ۽ هرهڪ بيت مان ڇڪي تاڻي عجيب
غريب معنائون ۽ مطلب ٿا ڪڍن. مان ٿو چوان ته اهي
معنائون ۽ مطلب ڪي سدائين غلط آهن. سڀ اساڃي
ڪيٽي شاه عبداللطيف جا هيٺيان بيت پڙهي ڏسن ته
ڪهڙو نه ڇيت ڇور چتر چٽيو اٿس:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٽن واس
ڇوٽا نيل چنبيليا، ها ها هو هميش
پسيو سوٽهن سيد چوي، ليهن اڇن ليش
لالن جي لبيس، آڻ اکر ا، اڇهي.

۲- جهڙا پانن پن، تهڙيون شالون مٽن سايون
عطر ۽ عنبير سان تازا ڪيائون تن
مڙهيائون مشڪ سين، ڇوٽا ساڻ چندن
سوٽهن ٻري سون سين، سدا ڪامڻ ڪن
ڪيائين عبداللطيف چوي، وڏا ويس ورن
مدجهه مرڪيس من، سوڍي سين سڱ ٿيو.

۳- ڪٿي ليڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر
تارا ڪتيون تاٻ ٿيا، ڏيکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر، جالب جي جمال سين.

۴- ناز مدجهاران نکري، جڏهن پرين ڪري ٿو پند
پوءِ پڙ بسم الله چئي، راهه چوي ٿي رند
اُپيون گهڻي ادب سين، حورون حيرت هند
سائين جو سوڳند، ساجن سيڻن سهڻو.

مٿين بيتن مان حسن پرستي نه ٿي بکي، نه لوهين پڌايو نه پيو چاهي؟ ضرور ڪيس ڪتان ڪو نيش (ڏنگ) لڳو آهي، لڏهن نه انجو ذڪر ڪيو اٿس. هونئن به تصور لاء ڪو خاڪو ڪپي، جنهن تسان تصوير چٽجي. هاڻي اچو نه ڏسون سچل سرمست ڇا ٿو چوي:

## ڪافي

۱- طلب تنهنجي آهه دلبر، مل خدا جي واسطي
مهر جي ڪا نظر ڏر، مشڪل ڪشا جي واسطي.

۲- زهر ٿي تنهنجي جدائيءَ ۾، جواني مون سندي
تو نه پنهنجي نظر ڪشي، ظلم جفا جي واسطي.

۳- اي صبا تالي خدا جي، خط ڪڻي وڃ وٽ حضور
ڪر زباني عرض پڙ، مون لئه خدا جي واسطي.

۴- شوق دل ۾ آهه دلبر، هڪ دفعو لوڪي ڏسان
پوءِ پلي هڻ همت سان، خدمو خدا جي واسطي.

۵- اي صنم سڻ حال مون، چوي مسڪين سچل فقير
دانهن پڌ دلگير جي، صاحب خدا جي واسطي.

آخر ۾ صاحب ڏلي جي مشوري تي قناعت ڪندي هي تڪرار ختم ٿو ڪجي:

# ڪافي

جو يار آهي ياقي، تنهن يار کي ڪبو ڇا؟
بي درد ۽ دورنگي دلدار کي ڪبو ڇا؟
اهڙو حسن ڪبو ڇا، آهي جو ٿوهه وانگي
بي قدر بي بقا جي، سينگار کي ڪبو ڇا؟
اقرار قول واعدا، پاڙي نٿو جو هرگز
هر هر ان جي ڪوڙي، اقرار کي ڪبو ڇا؟
حجت ناهه جن سان، صاحب ڏنا رکج تن سان
مطلب نه نياز نوڙت، تڪرار کي ڪبو ڇا؟

بيت: پاڻي پاند ڳچيءَ ۾، اگهڻ جي اڇن
اوگهڻ عيب ڪڇايون، ٻڪڻ ٿي ٻڪڇن
ٽوٽي لک هجن، ته ٻه معاف ڪجن ميمڻ را.

سنڌ جي ڪيترن نظم نويسن فاعلاتن فاعلات تي ٻُڌ ڇيو آهي ۽ اڙدوءَ تان اُڌارا استعارا ۽ تشبيهون وٺي رديفون جوڙيون آهن. پر ايڏن سورن پچائڻ جا گهڙت گهڙي اٿن، سا سنڌي طبيعت کي نه آئڙي آهي. تنهن هوندي به ڪا ڪا لفظي گهڙت ۽ جڙت اهڙي عمدي آهي، جو سنڌي ڪوتا جو ساڃ سوايو ڪيو ڇڏي. مثلا

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا.
زلدان هزارين، مان نه رڳو.
۱- تنهنجي جمال جي عشوه گري-
ملڪ مطيع وسيع وري-

چا جن ملائڪ حور پري -
دربان هزارين، مان نه رڳو.
۲- ڪيئي گهايل تنهنجي گهوُر سندا -
مخمور غفور سرور سندا -
تنهنجي نور حضور ظهور سندا،
نگران هزارين، مان نه رڳو.
۳- ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا -
ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا -
ري ناڻي ديد خريد ڪيا -
سلطان هزارين، مان نه رڳو.
۴- اي ماه لقا محبوب منا -
تنهنجي ناز ادا تان جان فدا -
ٿيا دامنگير امير گدا - حيران هزارين، مان نه رڳو.
۵- دلبر پيا نور نظر - مسرور عالم مفتون سير -
ٿيا تو تان تارا شمس قمر -
قربان هزارين، مان نه رڳو.
هاڻي پڙهو هيءَ شرنگار رس جي ابج سنڌي ڪوتا :
جئن دلبر ديه بدر جيان، تئن اٽس اطلس جهڙا انگ.
پو تئہ ييدا پڙ دلبر جا، رکن پير پورڻ جا پينگ
مکن چپن لکن، وجهن وسيهر وِترا ونگ.
ڪيفي نين پسي نرگس جان، ڪويا اين ڪُرنگ
ريتا چپ چيروان، تا ڏين مڙگان، ابرو انگ.
ڪيس ڪرائي ڪوُند بڌا، جئان گهتا پاس چهنگ

لَڪُ ڪيسر ڪي، لوڏ ڪنجل، ٿو ماري مور ملنگ.
شمس قمر قربان ٿين، جي ٿا اڀ ۾ جهلين امنگ.
عاشق مثل پتنگ، ڪيئن نه جلن ”جلال“ چئي.

( ٻدر = چنڊ. ٻنڊا = گهنڊ ٻدار وار. ٻڙ = قابل- ڪر
ڪٽي ٻهڙ. لڪ = ڳچي، چيلهه. وسيهر = زهري نانگ.
ڪيفي = مخمور. ڪوٻا = ڪوماٽا. ڪرنگ = هرڻ.
ريٽا = ڳاڙها. ڪونڌ = ٻجليءَ جو چاڪات ڪندڙ.
گهٽا = بادل. مژگان = ٻنبڻ. ڪيسر = شينهن. لوڏ
ڪنجل = هاٿيءَ جي لوڏ. چهنگ = ٻجلي. ٻيڙ ٻيرڻ
جا ٻڻنگ = وار هيٺ لڙڪائڻ يا ڪيرڻ جي سهٽي
لچوڻ.)

---

هاڻي ڏسو ”جلال“ پنهنجي دلبر جي جمال جو ڪهڙو نه دلپذير عڪس چٽيو آهي. لاشڪ سندس جانب جي حسن جو مٽ ملڻ محال آهي -

جنّ سي اَبر بهار، ٿنّ ڪنول ڪيس قريب جا -
سي آليهر وانگي آلٽيا، بدن ٻريا ٽي ٻار
سروَ ڪنان سوُڌا پرين، مدهن موٽين موچار -
هدج ڏسي لوڏ لڪي ويا، گنير ڪيئي گرفتار
سٽي ٻولي ٻاجهه ٻري، ڪي ڪوئل ڪوُڪار -
چڏي شمع شعاع ويو، گڏجي منجهه غبار
آهن چين چڪور جيان، پيٽ پپيهل ٻار -
سينو موڪرو سڄٽين، گلبدن گلزار

ڀيا ٻرڻ ٻولن جيان، اکيون مرڪ آچار.
عارف جي ته اچڻ جا، ٿيا اڳم ۾ اظهار
ساجن ۾ سنسار، جالب وڏ، جلال ڇٽي.

(ابــر = ڪڪر. ايهر = نانگ. الٽيا = مٿــان لــي هيٺ ڪيا. ٻورِيــا = آهستي آهستي هيٺ لهڻ. ٻار = ٻڪها ٿــي، چــڙڪ چڙي پيــا. (دلبر جا وار بدن تــي نانگ جيان ڪر ڪنيو چڙڪ چڙي پيا.) سوڏو = سڏو مان. لوڏ = گت = رفتار. گينر = هاٿي. غبار = لٽاڙ، ڌنڌ. چڪور = پهاڙي تتر - چنڊ تي عاشق. پڃ = محبوب. ڦپهل = لــاڙي ٻکيءَ جو قسم. چين = بي چين. گلبدن = نفيس بــدن. گلزار = گلن جو باغيچو. عارف = خدا شناس بــزرگ. اڳم = جهڙ يا سڄڻ جي آمد جا آثار آسماني فضا ۾ پڌرا ٿيا آهن.

هن بيت ۾ پنهنجي محبوب جي حسن جــي تعريف ڪندي، ڪيئن عرشين چاڙهي ڇڏيو آهي.

دوس اسا ڏا دلبر دل دا جنهن ڏٺهن سڪ سڃاتي -
عجب اداڻي
ترنگ تليهر واسينگ وانگر ورقون ويڙه وڌائي -
عجب اداڻي
هار سينگار اناهين سرخي، جوڙ چڱي جوڙائي -
عجب اداڻي

ابرو بد ڪڪول قربان مُيگان تير عطائي -
عجب اهائي

ڪرنگها نين ڪجل دي ڪاني سرمان چشم صفائي -
عجب اهائي

گوش گلابي گل بسيا اٿ جنهور جوڙ نه آئي -
عجب اهائي

چاٽڪ چپن ڦٽو ڪيو، تنهن منجهه رهي نه طاقت ڪائي -
عجب اهائي

تنهن نائي نين نياز ٿوٽ سين جلوه جوٽ جهپائي -
عجب اهائي

پان چٻائي لال لبان تون سهڻا نقش سهائي -
عجب اهائي

ڪؤنش قدم دي زينت زريان بيحد خوب بنائي -
عجب اهائي

تنهن هنج هلڻ حيران ڪيا اٿ ڪنجل لوڏ لڪائي -
عجب اهائي

ڏيکي اوچن! ڍهنگون ڍليا ڏوُ ڏر ڏٽ نه سائي -
عجب اهائي

شمس قمر ٻئي شرمايا پسي لائق جي لالائي -
عجب اهائي

نجم ستاره برگ بيهي ويو نسٽي سونهن سمائي -
عجب اهائي

پهر ٻپازي ٻيهه سندو تنهن روه چڙي روشنائي -
عجب اهائي

سونهن سگهہ ساجن ۾ سا رازق ڀاڻ رڪائي
جهڙس ڪونهي جڳہ ۾ ٻيو ڪو خاوند قسم خدائي
ميمڻون لون لوازيو نافع، مگي مهر مداحي –
يارو مگي مهر مداحي –

اسانکي ڪن گلن جا انگريزي ياشا ۾ نالا ايندا آهن، پر وهم وينل آهي تہ سنڌيءَ ۾ انهن جا نالا ئي ڪينهن. هاڻي هي پڙهي ڀاڻ ٻڌايو تہ اهي گل ڪڏهن ڏنا ٻڌا اٿو.

چست گني چنڊچل ڀـرين،
تنهن وت گن جا باغ بهار ميان
گل قل، ڪيتڪي، ٻيا ڪڙن ڪنٺهار ميان
گل ايلاچان، گل سورتي، بهوت چڱا بسيار ميان
گل ڪوپ، گل ڪيوڙا، رنگ چمن رنگدار ميان
گل لالہ، گل گلابي، گل دائودي دلـــدار ميان
گل جاءِ، گل جافر، ٻيا گـــل وڏا گلدار ميان
گل ڪيسر، گل قيمتي، گل عشق پيچ اانار ميان
گل ريحاني، گـل ارزن، چوطـرفين چوڌار ميان
گل چندن، گل جاوتي، گل ابيض ئي اپار ميان
گل ڪرلي، گل ڪچنا، گل زيتون زيمتدار ميان
پرچا گل قل غلام حسين چئي، جي تورڙي هون هزار ميان
تان ڪونهي مت محبوب جو،
ان مان ويهہ پڻ ياگيوار ميان

---

شاہ جي ڪلام جي ترتيب سرن انوسار ٿيل آهي.

ڪي سر نہ خالص سنڌي آهن ۽ ڪي گاڏڙ. مثلا.
ڪوهياري مارواڙي مانڊ جي اوت ني آهي. هيءَ راڳڻي
اصل جابلو ملڪ جي پيداش آهي، جنهي آواز جو پڙاڏو
گونجي موت ڪائيندو آهي.

## ڪافي (ڪوهياري)

عمر ميار ني مونکي ماري،
ڳڻتي اباڻن جي، الا، ني ڳاري
١- ٻڪري ٻاباڻن جي، ولر ڪري ني واري-
الا ڳڻتي اباڻن جي ني ڳاري
٢- الا، ٽڪر مٿي ٻاهڙي، وڃو ٻاروچل ٻاري-
الا، ڳڻتي اباڻن جي ني ڳاري
٣- سهڻو شاه لطيف چوي، واڳ وطن ني شل واري-
الا، ڳڻتي اباڻن جي ني ڳاري.

بيت ١- سنهيءَ سڱيءَ سببؤ، مون مارن سين ساه
پڪن منجهه پساه، قالب آهي ڪوٽ ۾.
٢- خاص ڪثوري پانئيان، وطن جي واري
مٿي منڙي ملڪ جي، مشڪان موچاري
پنهنجي دلبر ديس جي، ڦٽي ڦڻ پياري
گاه بہ گلزاري، ٻنہ باغيچو پانئيان.

گرچ سنڌ سرحدي ۽ سمنڊ لڳو علائقو آهي ۽ سنڌي
ولايتون واسيندڙ آهن، نہ بہ وطن لاءِ حب سنڌن نس
نس ۾ سمايل آهي. انهيءَ حب الوطنيءَ جو اظهار شاه

سر ماروي ۾ ڪيو آهي ۽ ايڪ ٻين شاعرن پڻ ان جي اوٽ ۾ قلم هلايو آهي. مثلا هيٺيون سٽون پڙهي ڏسو ۽ موجوده حالت ۾ ڌيان ڏيو پاڻ ٻڌايو ته توهان جي اندر ۾ به اهائي آزادي آهي يا نه ته شل هرور پت رکي وڃي ۽ خير سان رهجي اچي.

لوئي جي لڄ رکجانءِ، پوئي جي پت رکجانءِ
پرور پاڪ خدا، قسمت قيد ڪئي
آءٌ ناريلي نر جي، ويڙ ٻچن ويا
ڪڏي ٻند پائي ٻند مون، کهڙا مون ڏوه ڪيا؟
ڪوٽ ڪرولا ڪنگرا، سي مون اڳ نه ڏٺا
چوي مسنار آءٌ موٽي، ملڪ ملير وڃان
ڏوٽي شال ڏسان، اٿم اکير اڃا
ڀهنوارا شل ڀرچن، صاحب سڀئ صدا.

بيت - واجهائي وطن کي، آءٌ جي همت مياس
گور منهنجي سومرا، ڪج ڀنوهارن پاس
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان واڙن واس
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ۾.

اسين جڏهن سنڌ ۾ هئاسين ته گورو گنگا موڪليو هو، پر هينئر گهٽ سنڌين جي آس آهي سنڌ ۾ گورو شري لالچند امرڏنو مل جي گوري جيان سنڌ وندي ۾ پرواه ڪيو وڃي. ازانسواءِ اها شناس به اچڻ لڳي آهي ته :-

جيها جي ليها، مون مارو مڃيا
مون جيڏيون ملير ۾، تيون چولڊن موڪ مها
منهنجي آه اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي!
هن وقت ڏڪ گهٽ ڏهه سال ٿيا آهن ته وطن جا
وڻ ڇڏيا اٿئون پر

"ميڏون محبت سنديون، هينئڙي منجهه هزار
پڪا ۽ پهنوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا."

انهيءَ ڪارڻ اخبارن ۾ سنڌ جو واهه ساءَ لهڻ لاءِ
ڪيڏي نه چاهنا اٿئون:

آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون کي ٿن مارووئڙن جي
مارووئڙن جي، سانگيئڙن جي

١- ڀن عمر تنهنجا ماڙيون ۽ بنگلا،
ڪٿ ڏريون ڪمت مال - مون کي ٿن...

٢- ڀت ڀهريندس ڪينڪي عمر،
ڦر لوئي سا لال - مون کي ٿن...

٣- آءُ ڏهاڳڻ آهيان اُن ري،
خوش وسن سي شال - مون کي ٿن...

٤- دريا خان ڇوي اُهن ريءَ هنڙي،
هام، کهڙو آهه حال - مون کي ٿن...

بيت ١- ڪالهه ٻڻ ڪالهه هئي، اڄ ٻڻ ڏينهن ٻيو
مڙهيءَ ۾ مدن ڇوي، ويهي ڪانگ ويو
جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.

٢- ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق آيو آهون ڪري
تو ڪيئن ٻوڙي سنڌڙي، ٻيلي منهنجي ٻانهن
درياه ٽولي ڏانهن، ڏيندس ڏيهن قيام جي.

هاڻي اڳ پلاڻ ياد ڪري، هي پڙهو:

ڪيڇي قول ڪري ويا، هيءَ نه ويل وڇڻ جي
آئي آڌيءَ رات جو، لاهوتي لڏي ويا
ٻڪا ٻڪن سامهان، آڌاڻا نه اڏي ويا
ٽين سڏ سرڪار جو، ماڙيون محل ڇڏي ويا
سرتيون شاه لطيف چوي، گوندر منجهه گڏي ويا.

ياد رکو اهو سنڌ جو روح ٿو آلاپي. آهي ڪو جنهن جي قلب کي ٽڪان نه اچي!

بيت - اڄ نه اوطاقن ۾، سي طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سي آديسي اٿي ويا.

٢- ڪي جو ڪهين ٻار، اکيون ٻسي آئيون
ٿيون ديوانيون دل ۾، آيو لڳين آر
تهان پوءِ قرار، ستيون ڪين سيد چوي.

٣- سکن واري سَڏ، متان ڪا مونسان ڪري
الدر جهين اڏ، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

٤- اڏي اڏي اوڏ، ڇڏي ويا پيڙهيون
ٽڪاڻا ۽ ٽول، پيا آهن پٽ ۾.

هاڻي آخر ۾ ڇا چوان؟ نيٺ لڪ لنگهي ويندا سين.

## بيت

۱- ٻارو چاڙهي ٻاجهه سين ۽ لنگهي ويندين لڪ
جهڙ جهولا ۽ جهڪ، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.
رهبر ٿيندءِ راهه ۾، ٻرين اچي ٻاڪ
مٿان ساهين سسئي، سيندو سائينءَ ساڪ
ڪيچي لهندءِ ڪاڻ، پسي پور پنهونءَ جي.
ٻاڪ مڙا ڏيو ته سچ چيو اٿس يا نه:
”ڪيچي لهندءِ ڪاڻ، پسي پور پنهونءَ جي.“

هر راهه ۾ رهبر ضرور ملندو. آخرڪار زندگيءَ جو ڪافلو ڪٿي نه پهچ ڪندو. هيءَ جهان آهي مسافرخانو ۽ اسين آهيون مسافر، جي ٽڙندا ٽاٻڙندا، گهاڄيندا گهنداڙبا ۽ ڏيو ماڻون کائيندا هلندا ٿا هلون. واٽ نه آهي ڏٽيءَ جي وس. پوءِ:

هيءَ ڪنهڙي ڪير، جا اَمر کي آڏو اچي.

آخر ۾ هي وشال جڳت پرڀٽي مالڪ جو آکيرو آهي، جتي هرڪو پکي گهڙي پل وسرام ولي ليٽ اٿي ٿو ٽهڪي، جنهن جو انت پار ٻي پشر نه لڌو آهي.

### ڪوهياري

گهڙي پل هتي رهنداسين،
آخر ديس وطن ڏي وينداسين
ڏاڍي وڏ سرڪار جو، ڏوهه صواب هلي ڏينداسين
آخر ديس...

ٻچڙو پاڪ رسول جو، چشمن سان هلي چمنداسين-

آخر ديس ...

سهڻو شاهه لطيف ڇوي، مٽي مٿي سان هلي ملنداسين

آخر ديس ...

سنڌ ۾ سورٺ لوڪ پريه راڳڻي آهي. ڪنور به اڪثر سورٺ ۾ ڪا ڪافي ضرور ڳائيندو هو. هيئنر نه اسان مان ڪيترا سورٺ جي لڪ ۾ اچي ويٺا آهن. جهوناڳڙهه ياترا تان موٽندي، مون سورٺ اسٽيشن ڏٺي، پر نصيب نه پڙايو نه شهر ڏسان. هر حال ورهين پڄاڻا به، مونکان هيءَ ڪوتا نه وسري آهي. ڪاڪو شيوا سنگهه اجواڻي شايد گذر ڪري ويو هجي، پر سکر ۾ سنڌس جاري ڪيل برهم چريه آشرم ۾ هيءَ ڪوتا ڳائبي هئي:

سورٺ

تنهنجي درشن جي ديدار مٿان ٻلهار ڏٺي

ڏج ڪروڙن جي پيدار مدجهان ڪرتار ڪٽي

رشي مني سڀ پير پيغمبر، تنهنجي در پينار-
پڻ ٻيڪار ٻٽي

لک ڪروڙين سورج چندر، تنهن جي جوت جالار
هئن هزار ڪٽي

جل ٿل بن ٿر، جنس جيوڙا، موهت ٿي هردوار
لڳن للڪار هٽي

گل ڦل بن ۾ سدا ٿو سماڌي، شيوا تو دانار
جي ڪن صد بار گهٽي.

شلوڪ ١- جنهن رچايو ڪنت، آءُ سهاڳڻ سا چوان
چڙهي سڪپت سيج تي، ڪيلي لت بسنت
پائي سک اننت، سامي ساءِ ڪينڪي.
٢- چنگ تنبورا ڪيترا، سامي ساز اپار
انڌي ڀير اندر ۾، پل پل ٻرين پڪار
ڪنهن ڪنهن مڱڻهار، سوجهي هن سرود جي.
ڪنور جو هيءُ ڪلام ڪارڻ ٽيل آهي.

## سورٺ

ڏسو عاشقن جا انصاف، ڏين سر گهوري گهوري
اندر باه برهه جي ٻڙڪي، ٻاهر ڪين نه ٻاڦ
پنهن جا چپ چوري چوري
عشق جي منزل اوکي اٽانگي، ليڪ هٽڻ تا لاف
اچا پنڌ اوري اوري
ڏرمداس چوي مر مرڪن سي، سينا جن جا صاف
ڏين ڪنڌ ڪوري ڪوري.

بيت ١- اصل عاشقن جو سر نه سانديڻ ڪم
هي هڏ ۽ چم، ڪک ٻريان جي ٻڙي.
٢- سوري آهه سينگار، اصل عاشقن جو
مڙڻ موٽڻ مهڻو، ٽيا نظاري نروار
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.
٣- متي آئي مدهڻجي، هٽن سرن سؤ هزار
نه ڏٺهي تند تنوار، هر هر وڃيو هڪڙو.

۴- سِڪ نه آهي سٿري، ڪڻ ٻروڙي ٻير
ڪسڻ ڏاران ڪير، ڪري سڌ سڪڻ جي.

ڪنور سچي جمار اها وائي ٻي آلاپي، ۽ رب جي جوڙ آهي نه ٻوياڙيءَ ۾ ۽ ان تي ئي عمل ڪري امر ٿي ويو.

سنڌ جا راڳي مجلسن محفلن خواه ڳٺين ۽ اوطاقن ۾ بيت ۽ ڪافيون ئي ڳائيندا آهن. هو ڄاڻن ٿا ته انهن مان ئي سنڌي سماءَ جو ساءُ سواد، ذوق شوق، اُمنگ اُدمان نهايت مؤثر نموني نکري نروار ٿو ٿئي. انهن ۾ لفظ ٿورا ۽ عام فهم، مانيدار ۽ اثرائتا هوندا آهن. هر هڪ ڪافيءَ ۾ ٻڻ هڪ ئي ڀاؤ ڀريل هوندو آهي، جنهن ڪري ٻڌندڙ جي دل تي فوراً انجو اثر ٿو ٿئي. ڪنور کي سنڌي ذوق جي گهڻي ڄاڻ هئي، جنهن ڪري ڪافين جي ٿم لڳائي ڏيندو هو ۽ هر هڪ ڪافيءَ سان ٺهڪندڙ وشيه تي بيت ڏيندو هو. مثلاً: ڪافي

ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا،
ڪاڪ ڪوماڻي ويل وهاڻي،
پينگهه ٽيا سڀ ڀاڻا وغيره

ته بيت ڏيندو هو:

شمع ٻاريندي شب، ٻره ٻاکون ڪيون
موت مران ٿي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

۲- سوڍي ڏاران سرٽيون، ٻيو ٻٽن ۾ ٻڪ

اُڀانجي اڄ ويو، راڻا تو لاءِ رانگ
هنئين سان هاڃو ٿيو، ٻيو اوسيڙي انگ
مون توهين سين سنگ، ڇڏيو ڇپان ٻهي.

٣- راڻا تنهنجو راضپو، ڏک ڪٽي ڏيهان
اَڄ ملڪ جا سُونهان، مونکي آهي تنهنجو آسرو.

راڳي اڪثر جوڙو ڪافين جو گڏي چوندا آهن. انهن جو موضوع ۽ ساڳيو ٿي هئڻ گهرجي. مثلاً مٿئين سان هي ٿهي ٿو اچي.

راڻا تو ٻن رات، ويئي مون ورهيه لنگهي ويا
آءٌ ۽ اوهانجي آهيان. کهڙي ڇڏو تا ذات.
ويئي مون ورهيه لنگهي ويا
ڪمور چوندي ڀندس ڪاڪ جا. ٻره ڦٽي ٻرياٽ.
ويئي مون ورهيه لنگهي ويا
ستي هيڙس سيج تي. تارن ٻري هئي رات.
ويئي مون ورهيه لنگهي ويا
سرتيون عبداللطيف چوي. ڏاڍو ڏيندو ڏات.
ويئي مون ورهيه لنگهي ويا.

بيت- سکڻ سڌ نه سور جي، نه گهايل ڪيئن گهارين
ٻيل پاسو ٻت نسي، وايو وڙيل نا وارين
ٻر ٻر ٻڇن ٻرين ۽ لڪ، هيءَ هنجون هارين
سڄڻ جي سارين، ٿن روءِ وهامي راتڙي

"عشق ۽ عقل ٻنهي ٻر ٻڪيءَ جا" ٻر دنيا جي

عاشقن جي عقل سان خاص عداوت ٿي ڏسجي. ڏسو
درياخان ڇا ٿو چوي:
اهو عشق اگڙ لايون درد ڏجون-
ڏڏهن عقل ڇيو هتان پڇ ته پڇون
۱- عشق اچڙ جا هل هنگاما-
ليهن جون ٿو بتون دهل دماما-
آئي عاشق اچن سر سٽيون.
۲- عشق پاڙ اکين جا لايا-
شرم حيا پڇي عقل وٽ آيا-
پوءِ ڇپائون هاڻي ڪيڏانهن وڃون.
۳- سوين ساز آواز اچن ٿا - عاشق رمز انهيءَ ۾ لڇن ٿا -
آئي آنهد واڄٽ ڪن نه وڃيون
۴- درياخان عشق آهي جن جي اندر-
سي ڪين مڙندا، پوندا پڌر
سي لاهي وينا سب لوڪ لڄون.
"روشن" ساڳيو ٿو حال ڪري:
جيڪو سيڙي سياڪا سڙي سڙي-
سو مرد اچي ميدان ۾
۱- ڇوڙ ڪرڙ ۾ فرق آهه ڏاڍو-
ڪري اهو جنهن کي قرب جو ڪاڍو
قول ڪٽي ڪٽي، متو رکي ميخاني ۾.
۲- لوڪ ملامت سر لي ساهي-
جاڙون جٿيون سب پلو ۾ پائي

هڏ نه ٻوٽي هڻي هڻي -

ڀري گام انهيءَ گذران ۾.

٣- عشق جو بار اماڪ آيو -

مردن مرڪي سر تي چايو -

لاڳاپا سڀ لٽي - رهيا نفعي نڪي نقصان ۾.

٤- روشن رمز جنين سان لائي -

برهه بهادر پاڻ پلائي -

ٻوريل در تو ٻٽي ٻٽي -

اچي عشق جڏهن انسان کي.

انهيءَ کان انڪار ڪرڻ محال آهي ته محبت دل جي کيت کي سدائين سبز ٿي رکي. ور نه انسان سڪل ٺوٺ ٿيو پوي ۽ پاڻ لاءِ خواهه جڳ لاءِ لعنت بڻجو پوي. پيو نه ان دلدارن انتهڪرڻ جا ڪي پوريل در ٻڻ کلن ٿا ۽ وشال درشٽي اپن ٿئي ٿي. البت اهڙو اپوڪپي.

ور نه "ٻڪن گهٽي باٽ، ٽاٽ ڪنهن جي ٽن ۾

ٻدل سدل ڳالهڙيون پيا والائين واٽ -

ظاهر ٽيندي ذات، رهڻيءَ مان روهل چوي.

هينئين ڪلام جو موضوع آهي دنيا جي دورنگي چال ۽ ڏٺيءَ در آراڌنا نه خير سان ٿرهو اڪاري:

دوهرو- دنيا سڀ درياهه. ڪو ڪو تارو تنهن ۾

هڪڙي لهر اوپ جي. ڏوجهو آتش جو آڙاهه

طالبون تباهه. مورڙي چاڙهيون مڪڙيون.

## ڪافي سر پهاڙي

صدقي الک جي ٻيڙو تار منهنجو
لڏر آهيان آءٌ اماڻي - مالڪي آڌار تنهنجو
ڏاڍي آهي ڇنڊي، دنيا دورنگي
ٻيا ڏن نه پنهنجي، ناهي ڪو مائٽ ڪنهن جو
ڏاڍو آهه ستايو، دنيا جي گردش
منهڙو مٽايو، مٽن ۽ مائٽن
ڪر مهر گوليءَ تي - ڏي ديدار پنهنجو -
صدقي ڏٺيءَ جي ......

دوهڙو - ڏاتار نه تون، ٻيا مڙيئي منگتا -
مينهن منڌائتا وسڻا، سدا وسين تون
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مانُ لهان.

ڪافيون ته هر قسم جي موضوع تي ٺهيون ٿيون. اهڙي ڪا وشيءِ ڪانهي جا انهن ۾ سمايل نه هجي. مثلا هڪڙيءَ ۾

ساڌ سڏائڻ آهي سؤکو، رام ريجهائڻ اؤکو آهه
گنگا جمنا جاوڻ سؤکو، من کي مارڻ اؤکو آهه
شيخي ٻيري سڀ ڪجهه سؤکي، سخي سڏائڻ اؤکو آهه
آغا عشق تي اول سؤکو، نيهن نڀائڻ اؤکو آهه.

ته ٻيءَ ۾ آهي درد فراق جو داستان:
ماري وڇوڙي، ور تون، آءٌ جيءَ جا جيارا جلدي
شب روز انتظاري، ڪٽي ٻره بيقراري -
لک لک ڪريان ٿي زاري، دل جي دوا ڪا ملندي

ڪوڪان ڪريو پڪاريان، ٻاڏايو ٿي ٻاڪاريان-
توکي اکين وهاريان، ڪنهن سان نہ سور سلندي
ماري فراق آهيان، ڪو دم جيئري ناهيان-
سڳ توسان کڙو ساهيان- ٻانهي توسان هلندي
بيڪس فقير جون دانهون، ٻڌندو الله آهون-
ڀڳڙ ڏيندءِ ٻانهون، ٻي در ٻوءِ ڇو ولندي.

---

هن ۾ دلپت ايشور جي سرو وياپڪتا جو ورڻن ڪندي اچرج وچان ٿو چوي، جڏهن سڀ جوڙ سندس ئي جوڙيل آهي تہ ٻوءِ پاپيءَ کي پاپ ۽ پنوان کي پنيہ جو ڦل ڇو ملڻ گهرجي؟

هر شيءِ دي وچ توهين وسيا -
اپنا آپ ڇپايئہ ڪيون؟
اندر باهر تون هي وسندا - ٻدوا لوک پلايئہ ڪيون؟
لوُن لوُن دي وچ رم جهم رهيا -
اُلٽا برهہ ٻڇايئہ ڪيون؟
پاپ پنج تسم آپ ڪريندا -
دوزخ ٻهشت ٻڻايئہ ڪيون؟
دلپت دم جدا نهين توکان -
وصل وڇوڙا آکيئہ ڪيون؟

---

دلپت آهي حيرت ۾ حيران، تہ سڄل وري آزي نيزاري ڪري بديون ٿو ٻخشائي-

لنگڙا لماڻي دا، جيوين ٿيوين پالٽا
ميري آهيان، مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان-
ڍڪين منهنجا پولٽا، عيب نه ڦولٽا
پيئي هان پياري تنهنجي، لڳي هان لاري تنهنجي-
جوڳي نال جالٽا، ول نهين آوٽا
يار سچل تون لڙي ڪمالي-
گهونگهٽ کولٽا، ٻهو ٻهو پولٽا.

هن ڪلام ۾ هو پنهنجي مرشد ۾ مڪمل اعتقاد ۽ اطاعت جو اظهار ٿو ڪري.

تون آهين صاحب صورت جو، هي غلام تنهنجو-
آهي ذوق شوق سهٽا، دل ۾ مدام تنهنجو
جي آهن اصل اوهانجا، سي نه وسارجو ميان-
تون تي آهي مقرر، سائين سلام تنهنجو
راتو ڏينهان روئڻ ۾، هيئڙو اداس ٿيڙو-
رهبر آڻي رسايو، پريتم پيغام تنهنجو
دلگير تون مٺان ٿين، ڪر دور درد کي ميان-
اول آخر اسان وٽ، هولدو مقام تنهنجو
رد ڪر نما نڪر ڪي، اميدوار ٿي رهه-
هت هنت يقين جاڻج، آهيان امام تنهنجو
تون آهين اصل اسانجو، آهيون اسين پڻ تنهنجا-
آهي قبول ڪلي، سچو ڪلام تنهنجو.

حال في الحال نه سندي سنڌ ۾ ۽ هندي هند ۾ يار دوست، عزيز خويش چڙي آيا آهن، جن جي سارسڪ

مڙس موٽيا ڪيو ڇڏي. البت هر ڪو ڪانگ گهٽجي ٿو اڏائي، پر اها ٽانگهه اهڙي ترت لهڻ واري ناهي. سندس هينئين ڪلام مان سار سڪ ٿي ٻڪي:

آءُ ڪانگا ڪا پرينءَ جي ڳالهه ڪر
وعدو ڪيئه ڪالهه سو ٻرحال ڪر
ڪيئن ڏنو نه دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏنو هوءَ يار کهڙي ويس ۾
سا خبر مون سان سچي في الحال ڪر
دوست اڳيان جي وڃي حاضر ٿئين
زاغ زاريءَ مون اهي نياپا ڏئين
سائين اڳيان سارو سچوءَ جو سوال ڪر.

---

ٻر يارو: چاڪي وڏو پاڻ ۾، ترڪن واڻين ويو
جي پير ۾ پاڻ ڏٺي، تان ڪِرڙ ۾ ڪيو
انڌا ڪاٺا ڪيندڪي، لهن هن پونءَ جو پير
ڪو سچو پاسي سير، دلپت چوي دوست جو.

پر سياست جا اڪثر شيطان جي شترنج بازي آهي، سا ٻه ڪڏهن سچي ٿي آهي؟

"ايڏن اوندهه نه اٿي، تن ڪي سچ چوندو ڪير
روهل راهه پرين جي، جڏهن گهڙي ڏنوسون گهير
نه رب مڙني ۾ هڪڙو، جڏهن ۾ ڦند نه ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سٽي ڪعبة الله ۾؟"

---

سچل جي ٻي ٻاڪ حق شناس راست گو آزاد انقلاب

آور طبيعت مان نه هرڪو سندي واقف آهي. "پيچ
ٿا مڙن چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي. ڪوڙي
دوستيءَ جو دم ڀڃي نه ڀڃي." آهي سندس ٻول.
پر سندس حلم ۽ خاڪساري، نياز ۽ نوڙت، "پرين آڏو
نه اصل ڪان آهيان، گولو غلام تنهنجو" به ڪا گهٽ
دلپذير ناهي.

"قطب" جي التجا پڻ صوفي سڳورن جي ڏاڍيءَ
در آزي نيزاريءَ جو عمدو مثال آهي:

سخي سباجهل مهر ڪريو ڪا،
ٻاجهه ڪريو ڪا هاڻي -
فضل ڪريو ڪو هاڻي

در تنهنجي تي ڪئين سوالي،
در تنه... تان ڪو موٽيو نه خالي.
هيءَ پي ڏيک نماڻي

درد منهنجي جو دارون تون هين،
ٻي در جي مان ناهيان سولهين -
حال سيوڻي تو جاڻي

چرخ فلڪ جي گهڻو ستايو -
ڏک ڪنڊ جو ڪريو ڪو سهيو
سڄڻ اچي تي ساڻي

ڪرم قطب تي ڪر تون خالق -
تو بنا پيو ناهي مالڪ -
ڏکڙا ڪٽ اچي پاڻهي

اسان ڪافين ۾ پالت پانت جي وشين جو ورني تي

ڪيو. هاڻي مان سو مرزا قليچ بيگ جو موضوع ٿي لکان ٿو آهي.

١- ڪيو اخلاص عالم مان، عجب هي دؤر آيو آهه.
ڏجي سڀ خلق ظالم ڪان، عجب هي دؤر آيو آهه.

٢- نه يارن ۾ رهي ياري، نه ڀائرن ۾ وفاداري
سچائي وئي اٿي ساري، عجب هي دؤر آيو آهه.

٣- گهڻا جيڪو مڪر ڄاڻي، وڏي سيکڻهن کي ٿو هاڻي
ڪريو ڪونو مزا ماڻي، عجب هي دؤر آيو آهه.

٤- دغا بازن جي اڄ بازي، چغلخورن مان سڀ راضي
ڏڍن جي آبرو تازي، عجب هي دؤر آيو آهه.
هنر وارن جي بدحالي، ڦرن در در ٿي سوالي
لچن جي اڄ چلي چالي، عجب هي دؤر آيو آهه.

بيت ١- اندر ڪوڙو ڪارو، ٻاهر ٻولي هنج جي
اهڙو ٿلهو ٿانءُ، پيهي چو نه پوءِ ڪرين.

٢- دلبر منجهه دڙياهه، پکي پسي آئيا
ويچارا ويساهه، آئي اٿس اڙانيا.

هن ڪلام ۾ وري جمال شاهه يارن دوستن جي
ڪميڻي روش مان ناراض ٿي، شديد ڪلامي ٿو ڪري:

اهو ڪي يار ياريءَ ۾، الفت جو اکر ڪونهي
ڪوڙو ناتو ٻيا لالن، ڪمينن ۾ قدر ڪونهي.
الائي ٻاڙ کي ڇا ڇا پالئين، خوشيءَ ۾ ڪين ڪا ماڻين
اهو ڪولهي جو ڪتي ڪاڻين، سنڌن گهر ۾ بصر ڪونهي.
رکيو ياري ڪن ڪاڏو ڳلا، دوستيءَ مان ڇا ڄاڻن ڏلا
جوان تو سچ ڄاڻي مؤلا، صفا ان ۾ صبر ڪونهي.

اڄايون ٿا هٽن ڀاڙون، ٻيڙيءَ لاءِ ٿا ڪاٽن ٻاڙون،
لماڪوءَ لي جهلن ٽاڙون، حرامين ۾ هُمر ڪوٺهي
چوي جمال شاهه رکو نه صحبت، ٿاهي ماڻهن ۾ اها محبت،
رکيو محبت ڪن ٿا ڪلوفت، سچائي جو سمو ڪوٺهي.

بيت ١- گولا جي گراهه جا، جوٺا سي جوڳي
قتل او قوڳي، جنين شڪم ساندي يا.
٢- ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا اِ محان
ٻاين ۽ ٻانهين جي ٻڌڻ ڪين اِڃهين
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.

هاڻي ڇا لڳي مٿئين قسم جي دلتنگي ۽ بيزاري؟
ڇا لڳي سچل سرمست جي خوشدل خوش خيال،
مجذوبي نغمه سرائي:

جن پُر ڪر پيتا جام، سا دل مست و مست مدام
جن پُر ڪر پيتا جام

آهر دي وچ حوران پريان، جنت جاه مڪان
سا دل مست و مست مدام
مستي دي وچ مذهب جو مليا، هستي هوڙ حرام
سا دل مست و مست مدام
حسن حسين حمايت ميڏي، مرشد آپ امام
سا دل مست و مست مدام
سچل جهڙا سوين سپاهي، اِس سچل ٻاڪ غلام
سا دل مست و مست مدام.

اها مستيءَ ۾ هستيءَ گم ڪرڻ جي مام ناڻڪ يوسف وڏيڪ وستار سان نهايت چيدن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:

گم هوڪي ويکہ نظارا، آهہ پسارا.

محبوب ڪي صورت ۾
نور جمال نظر وچ، تصوير نگار اندر وچ
سڀ عاشق عشق اشارا، ہرہ نقارا

۲- رکہ ڏيان هڪو دلبر دا،
دم دم دي وچ کوچ خصم را
ڦر کر تون جسم وسارا، آخر گذارا.

۳- جس وچ محب سماوندا، ڦر موت نہ اس پر آوندا
سانون قسم سچي سائين دا، کر اعتبارا

۴- وچ ہرہ ہي خود هوءِ ڪي،
چند جان کنون هٿ ڌوئڪي
پيچي مارين نيھن نقارا، انا الحق نعرا.

۵- سانون پير مغان فرمايا، وحدت دي راه بتايا
بلهار جاتون بلهارا، يوسف يارا.

دوهرو- نڪا گهرج گيان جي، نہ عبادت ضرور
نڪو خيال خدا جو، نڪو بندوئي مشهور
اونده جتي ناه ڪا، نڪي ڪجهہ ظهور
بنا نور حضور، آهي آئي آهہ عاجزا.

مٿئين ڪلام ۾ ناڻڪ يوسف روحاني راه جا ڏس پتا ٻتايا آهن. سندس ڪلام ۾ اڪثر حيرت انگيز چوهہ

ڇوٽ خيال جي خصلت پسبي آهي، جا بذات خود ذڪي ذهن جي علامت آهي. پر بلاشاه ۾ ٻنهنجو مت پاڻ آهي. مونکي هي ڪلام سڄو ياد ناهي. جيڪي ٿوريون سٽون ياد اٿم سي ٿو ڏيان:

اڙو افسوس هٿ يارو، فقيري هٿ نہ آئي سي
ڪيتو سي ڪپڙا، ڌوسي گيڙُو،
ٻنيوسي مال دي ميڙُو
ڪيٽي گدڙيون ڪنيون ٽيڙو، عمر افراد گنوائي سي

هاڻي ڏسو تہ ٻنهنجي ڏاڏي سائينءَ لاءِ ڪهڙا ٿو ٻول ٻولي. مٿان سمجهو ڪا بي ادبي آهي. سندس صداقت ۽ سچائي ٻڌا لئيءَ ڇپيءَ صاف راست گوئي جي صورت اختيار ٿي ڪري:

ڇيٽا هم ڇڙ يندا لعل، الله لعل قلندر لعل
اوران دي تسبيحان ڇوٽيان،
بابي سائين دا ٻڙا جهپال
ٻڙهدي ٻڙهدي عمر گنوائي، ڪتا اِڪ نہ وال
نڪا سار سنڀال
اوران دي جهوٻڙيان ڇوٽيان،
بابي سائين دا بنگلا پال
بابا سائين ٻيو سب ڪجهہ ڪيتہ،
هٿ نہ ڪيتہ خيال - سب ڪوڙي ٽال مٽال
بلاشاه تيرا هڪ پوٽا هويا، هويا ڪفر ڪمال
الله لعل قلندر لعل.

مطلب ته هو ذاهدن عابدن واري "تڙڪ تسبيح لڳائي سي" مان بنهه بيزار آهي. تلسيداس نماڻو دين ورنيءَ وارو پڪو هو. موڪه سمجهندا آهن ته هو رام جي پرتما پوڄيندو هو. پر ڏسو ته مورتي پوڄا ڪندڙن ۽ سڪلو ليکو ڪندڙن کي ڪهڙن نه سخت لفظن ۾ ننديو اٿس:

پوڄا اور سيوا ڪر گهمنت بڄاوي،
ڪر ڪر پاکنب لوگ بهت وجهاوي
تن ڪي نت مندر ڪو ديکو جائي،
آلر سا ديو جاهه پوڄو پائي
پاهن ڪي مُورت ڪا جوُت پسارا.
پوُڄي بيهوش جنم هگاڙا
اَرڏي اور اُرڏي بچ ڪرلي ميلا (ترڪٽي)
تلسي مشتاق مهر اَڏيت کيلا

شلوڪ ٢- جن ڪي هردي هري نام بسي،
تن اور ڪا نام ليا نه ليا
جن ڪي گهر ايڪ سپوت پيو،
تن لاکه ڪپوت هئا نه هئا
جن ڪي دئار پر گنگا بهي،
تن ڪوُپ ڪا نير پيا نه پيا
تلسي جو چرڻ گئي هري ڪي،
تن اور ديو سٺيا نه سٺيا.

شلوڪ ١- اهي ڪن ڳاڙهن وڪڙي،
پيا ڪي ڪن ڳنهيج
تنهن ساڻ سڻيج، سنڌي پرهان ڳالهڙي.

ڳڙهه جا ڪن سنڌس ٿڌ بت آهر وڏا آهن، جنهن ڪري ضرور پين کان وڌ پڌندو هوندو. ارمان ته جيترو وڌ ٿو پڌي اوترو گهٽ ٿو سمجهي، جنهن اهي شخص جي ڪتائون ڪمرتن پڌي پڌي تاڙڪي پلي ٿي پيا آهن. ئوڪن جا اهي افعال ڏسي، بلاشاه گيان گوشت کان هان پري ٿي ڏسجي ؛ ماڻهون آلم وادين جي اپتار ئي ڪن لاتار ڪري، سمڌن پيچ پيچ دليل هڪ ئي جبري ڏڪ سان مٽيءَ م ملائي ڇڏيا آهن:

"مٽي مٽي اون ويکڻ آئي."

واهه جو تاپڌ گفتو آهي، جنهن جي سمجهڻ لاءِ اوالي درشٽي کپي.

مٽي حڪم ڪريندي پار

١- مٽي دا گهوڙا، مٽي دا جوڙا، مٽي دا هسوار
مٽي دا بنگلا، مٽي دي ماڙي، مٽي دا بسڻ هار
مٽي مٽي نون ويکڻ آئي، مٽي دا ديدار
مٽي کاوي، مٽي سووي، مٽي دا جنسار
مٽي باغ باغيچا مٽي، مٽي دا گلزار
مٽي هسي مٽي روئي، مٽي دا اسرار
ڳجهه ڳجهارت پلي واري، لاهه پڳ بڻون ماو.

اها ڳجهه ڳجهارت واقعي گهڻن جي پڳ لاهڻ پيا سلي

ڏئي سگهجي. البت سماجوادي، جي ڌرم جي آفيم سان پيٽ ڀريندا آهن، سي ٻي ڌڙڪ ٻڌائي سگهن ٿا. ٻـر
بلاشاه جي زماني ۾ هڪ ديندار سيد خاندان جو فرد
اهڙي بي باڪ دعويٰ ڪري، تنهن لاءِ جرئت کپي،
جا واجهه وجهندي به مشڪل نظر ايندي.. گهڻا تہ رڳو
طوطي وانگر ”ٻول چتون گنگارام“ جـي اڏ جهلي ويٺا
آهن ۽ پنهنجي سر سوچڻ ويچارڻ جي شڪتي ٻر ڪري
ويٺا آهن. ڪبير صاحب به مڃي ٿو تہ هي جـوڙ جنسار
مٽيءَ جي پانت پانت روپن جو آهـي. ٻر اهـي پانڊا
ٺاهيندڙ هڪ سرجڻهار شڪتي آهـي، جنهن جـي لکه
پڙهي نٿي سگهي:

ماٽي ايڪ انيڪ پانت ڪر، ساجي سرجن هاري
نا ڪڇ پوچ ماٽي ڪي پانڊي،
نا ڪڇ پوچ ڪنڀاري
سڀ مهہ سميا ايڪ سوئي،
تس ڪا ڪيتا سب ڪڇ هوئي
حڪم ٻڇاڻي مٽي ايڪو جاني، ٻندا ڪهٽي سوئي
الله لکہ نہ جائي لکٽا، گر گڙ ديا ميٺا
ڪهہ ڪبير ميري شنڪا ساسي،
سرب نرنجن ڏيٺا.

شلوڪ ١- اول الله نور اُپائيا،
قدرت ڪي سب بندي

ايڪ نور تي سڀ جڳ اُپجيا،
ڪؤن ڀلي ڪؤن منديٰ

لوڳا ڀرم نہ ڀولهہ ڀائي - خالق خلق،
خلق مهہ خالق، پور رهيو بس ٺائي.

٢- ڪبير تون تون ڪرتا تون هئا،
مجهہ ۾ رها نہ هؤن
جب آپا پر ڪا مٽ گيا، جت ديکا تت تون.

٣- ميرا مجهہ مهہ ڪڇ نهين، جو ڪڇ هئہ سو تيرا
تيرا تجهہ ڪو سونپتي، ڪيا لاڳي ميرا.

ڪيترن جو ويچار آهي پرش ۽ پرڪرتي، چيتن ۽ جڙ ٻئي انادي آهن، تنهڪري اهڙا شخص "اول الله نور اُپايا" سان شايد شامل راءِ نہ ٿين. سچ هي آهي تہ منش منجهي ماڪوڙي وانگر آهي جا پٺي ڪڇي اُپ. انسان جي سنسار ۾ حالت اهڙي آهي جو ڪيس مهر ۽ فضل، ڪرپا ۽ آسيس جي نهايت سخت ضرورت آهي تہ ڀي ڀؤساگر پار اُڪري وڃي. ڀڳت سورداس گهڙي نہ دل ڀچائيندڙ آراڌنا ڪئي آهي:

ٺڪن هيٺ ڪو راهہ دکا پرڀو- پڳ پڳ ٺوڪر کائون مئن
تمهري نگريا کي ڪٺن ڊگريا-
چلت چلت گرجائون مئن

٤- چارون اوڙ گهور انڌيرا - ڀول نہ جائون دئار تيرا
ايڪ بار پرڀو هاٿ پڪڙلو-
من ڪا ديپ جلائون مئن.

(ڊگريا = رستا)

هن سرشٽيءَ جو مول ڪارڻ ڪهڙو آهي، تنهن کان وڌ هن جڳت ۾ جي سڀ پراڻي دکي آهن، تنهن گهڻن مهاتمائن جو چت چلائمان ڪيو آهي:

لن ڏڙ سکيا ڪوئي نه ديکا. جو ديکا سو دکيا هو
آدي اَست ڪي بات ڪهت هُون.
سب ڪا ڪيا وويکا هو
گهاٽي باٽ سب جگه ديکا. ڪيا گرهي ويراڳي هو
سڪديو اچارج دکه ڀرسي. گوپ سي مايا تياڳي هو
جوگي دکيا جنگم دکيا. تپسي کو دکه دُونا هو
آشا ترشنا سب کو وياپي. ڪوئي محل نه سُونا هو
ساچ ڪهون نه ڪوئي، نه ماني.
جهون ڪها نه جائي هو
برهما وشنو مهيشور دکيا. رنک دکي وپريتي هو.
ڪهي ڪبير سڪل جگه دکيا.
سنت سکي من جيتي هو.

ڪبير جي دعويٰ نه هن دکي سنسار ۾ جتي برهما وشنو مهيشور يعني جڳت جون سرجڻڪ شڪتيون دکي آهن، اُتي فقط سنت سکي آهن، سا مڃڻ محال آهي: نانڪ جو گفتو آهي ته: ”دکيا سرب سنسار“ تنهن ۾ سنت ۾ اچي وڃن ٿا. دکه جا ڪارڻ نه اَنيڪ آهن. پر مول ڪارڻ آهي ترشنا، جا هر ڪنهن جيءَ سان جڙي پئي آهي. اها ترشنا آهي تيل، جنهن مان لاٽ

ٿي نڪري. تيل ڪڏهن ڇڏيو ته ڏيئو وسامي ويندو ۽ ڇڏيندا ته وسائل ڏيئو بيڪار آهي. دک جو ٻيو سبب آهي - "فاني ٿي فاني، [دنيا دم نه هڪڙو]". يعني سنسار ڪڻ ڀنگر آهي. پر اهو ڪال جو پرواهه ٿي آهي جو هستيءَ جو احساس ٿو پرگهٽ ڪري. هڪ وار وقت ٻهي وڃي ته هستي نيستي ٿي پوندي. هر حال ڪيترا انهيءَ کي دک جو ڪارڻ سمجهن ٿا. سنتن انهيءَ بي بقائي تي گهڻوئي بوليو آهي:

اپني سک ۾ سب جگ ڦاسيو. ڪوهه ڪاهو ڪو ناهين

١- سک ۾ آن بهت ٻڌنت. رهت ڇهون دس گهيڙي
وڀنت پڙي سب هي سنگ ڇاڏت.

ڪوهه نه آوت نيڙي.

٢- جب يهه هنس تجي هه ڪايا.

پريت پريت ڪر ڀاڳي.

يا وڌ ڪو وهنوار ٻنيو هه، تاسو نيهه لڳايو
انت بار نانڪ بن ستگر، ڪوئو ڪام نه آيو.

ڪبير مرڻ پر ٿئو ٻڌجي.

١- جس مرني تي جگ ڊري، ميري من آنند
مرني هي تي پائي، پورڻ پرمانند

٢- ڪبير من نرمل ڀئيا، جئسا گنگا نير
پاڇي لاڳو هر ڦري، ڪهت ڪبير ڪبير.

تڏهن هوندي به انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته هي چار

ڏيهن جو چنڪو وڙاڳ، ورتيءَ ٽِي مايل تو ڪري-
جڳت ۾ جوئي ديکي ڀريت -
اپني سک سين سب جڳ باندهيو - ڪيا دارا ڪيا ميت
ميرو ميرو سب ڪهت هئا، هت سي باندهيو چيت
انت ڪال سنگي ڪوئي ناهين، يهه اچرج هئي ريت
من مورکه اجهون نهين سمجهت، سک دي هاري نيت
نانڪ ڀؤ جل پار پڙي، جو گاوي گر ڪي گيت.
شلوڪ - دک ۾ سمرن سڀ ڪو ڪري،
سک ۾ ڪري نہ ڪوءِ-
جو سک ۾ سمرن ڪري،
تو دک ڪاهي ڪو هوءِ.
ڪبير پنهنجي وڙاڳ ورتيءَ لاءِ وچور سان دليل
ڏنا آهن ۽ دک مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ فقط
هڪ ئي علاج ٻڌايو اٿس، جو آهي ايشور ڌيائڻ:
پي لئي پيالا هو متوالا - پيالا نام اَمِي رس ڪاري
بالپنا سب کيل گنوايا،
ترن پيا ناري بس ڪاري (جواني)
ورڌ پيا ڪف بايہ ني گهيرا، (ٻڍاپو)
کاٽ پڙا نهين جايہ ڪسڪاري
نابي ڪمل وچ هئي ڪستوري،
جئسي مرگهہ ڦري بن ڪاري
بن ستگور اتنا دک پايا، ويدي ملا اس تن ڪاري
ماتا پتا بندو ست ترِيا - سنگ نهين ڪرئي سڪاري

جب لگ جيوي گرو گن گالي -
ڏن جوين هئہ دن دس ڪاري
چوراسي جو اوبرا چاهي - چوڙ ڪامني ڪا چسڪاري
ڪهت ڪبير سنو ڀائي ساڌو -
نڪ سڪ پوُر هآ وش ڪاري ·

هن دک ساگر ۾ سک پراپت ڪيئن ڪجي، تنهن جو
پڻ ڪبير ورنن ڪيو آهي :
سک ساگر ۾ آءِ ڪي، مت جائوري پياسا
١- نرمل نير پيو گهت ڀيتر، پي لي ري سواسون سواسا
٢- مرگهہ جل ترشنا چوڙدي باوري،
ڌولي ري دريہ وشواسا
٣- ڪوڙي ڪوڙي ڪر مايا جوڙي،
سنگہ نہ چلي اڪ ماسا
٤- اجهون چيت لي موڙهہ من ميرا،
جم راءِ ديوينگا گل ڦاسا
٥- پريمي جن سنت سدا متوالا،
رهت جگت سي اُداسہ
٦- ڪهت ڪبير سنو ڀائي ساڌو،
ايڪ نام ڪي هئہ آسا،
شلوڪ ١- ڪبير رات گنوائي سوءِ ڪي،
دوس گنوايا کاءِ
هيري جئسا جنم هئہ، ڪوڏي بدلي جاءِ ·

٣- ڪبير سڀ تي هم بري، هم تج ڀلو سڀ ڪوءِ
جن ائسا ڪر جانئا، ميت همارا سوءِ.

اهو ٿيو ڏک ۾ سک ۽ سک ۾ ڏک ڏسڻ. اهڙي ورتي ساڌارڻ ورتيءَ کان نرالي آهي. انهيءَ اوچ ڪوٽيءَ تي وسڻ کان اڳ ڀراڳي ڀاڻ کي ''ڀسم جي ڍيري'' ڪري ته ڀوءِ کي ليتارو ٿئيس. ميرا ٻائيءَ کي انهي جو پورو احساس آهي:

جوڳي مت جا مت جا، پانءِ پڙون مان تيري
پريم ڀڳتي کي پيڙون هي نيارو،
هم کو گئل (رستو) بتا جا
اگر چندن کي چتا بنائون، اپني هات جلاجا
جل بل ڀئي ڀسم کي ڍيري، اپني انگ لگاجا
ميرا ڪهه ڀرڀو گرڌر ناگر، جوت ۾ جوت ملاجا.

مون ڏٺو آهي ته سنسڪرت سنگيت وارا هام ٺا هڻن ته ڀاڳ جهڙي ڀند چند راڳڻيون ٿا ڳائن، سي ڦراولي جبل جهڙيون انادي ۽ اچل آهن. باقي اجوڪا فلمي گانا برساتي ڪيئين جيان اڄ آهن سڀان ناهن. مان سمجهان ٿو اها دائميت جي دعويٰ باطل آهي. ڪوتا نوڙي گالو وهندڙ گنگا آهي. جنهن منش هردي ۾ امنگ ۽ اُدماد آهي، تنهن ڪيلاشي برفون پگهرون ڳرنديون ۽ گنگا جي پوتر رفتار قائم رهندي. مون جيڪي جهروڪي ڪاٿيون ڏنيون آهن، تن مان ٿي پڌرو آهي ته

ريڊيو تان ڦهلاءَ لاءِ ڪافي وڌيڪ موزون آهي.

رسم مطابق ڪنور آرٽسٽ ڪندو هو هنديءَ ۾ ايشور استتي ۽ ست گروءَ جي مهما سان. پوءِ ساڳي وشيه تي سنڌي گيت ۽ دوهرا ڏيندو هو. دوهرا اڪثر شاهه جي بيت انداز بيتن سان هوندا هئا. پوءِ هلندي هئي ڪرشن ليلا، جنهن ۾ ٻولڙيا پارٽ ادا ڪندا هئا. پوءِ ٿيندي هئي ڀلت صوفيانه ڪلام ڪافين ۽ بيتن جي. وچ ۾ ڪا آکاڻي ۽ ٽوٽڪو به ٻڌائيندو هو. اهڙي ريت گيتن جي ٻوليءَ خواهه موضوع ۾ بدل سدل ٿيندي رهندي هئي:

ملڻا هوئي تو ملو ڙي ساڌو.

ايهي ملڻ دي ويلا، جي

منش جنم هيرو هاٿ نه آوشي.

ڦري لک چوراسي ڦيرا، جي

هنس رام سو، جوئي هنس گت چالي.

چيلر پاون مٿلا، جي

گيان ڪٿي نر، رهڻي نه رهنا.

ٻن رهڻي ڪٿسي گيانا، جي

ساڌ سوئي جاڪي گهت اُجيارا.

اَکل ڪلا سؤن ڪيلي، جي

سيس اُتار دون گر ايهي ڪو،

اب ڪڇهه سدنا ناهين، جي

روحل رام امولڪ لاڌو، سرڪنالي ابناشي، جي.

دوهڙو. فريدا مَنُ تن اوگڻي، جيئون ڇهاڻ اندر وار
گهڻي خواري هو رهي، مت اوگڻ لڪري يار.

مٿيون شبد راجستاني ۾ چيل آهي. اهڙا ٻولي اثر
سنڌ ۾ عام فهم آهي ۽ ماڻهن جا لڳ ڀڳ جيسلمير ۽
بيڪانير جي باشندن سان ويجهڙا آهن. ڪي پڙ وچان
”روهل“ جو اُچار ”رُوحل“ ٿا ڪن. اها غلطي
درست ڪرڻ گهرجي. روهل = روهه = جبل، يعني
جابلو ملڪ جو رهاڪو. روهڙي تالو به اُتي جي ٽڪرن
سبب پيو آهي. اسان جي ڳوٺ کان ڪنڊڙي ڇهين
ڪوهين تي آهي ۽ اتي جا درويش اسانجي عزيز خويشن
وٽ پيرڙا گهمائي ويندا هئا. ننڍپڻ ۾ آءٌ جڏهن ننڍهن
جي ڳوٺ ۾ رهندو هوس، تڏهن مون ڪڏهن ڪنهن بني بشر
کي ”رُوحل“ چوندو نه ٻڌو. سڀيئي ”روهل“ ئي
چوندا هئا، جو منهنجي نظر ۾ بلڪل صحيح آهي. هتي
انهيءَ پاسا ۾ هڪ پيو پڇن به ٿو ڏجي ... هن ملڪ ۾
”تلنگ“ کي ”ڪافي“ چوندا آهن. ”ڪافي“ لفظ
جا اهڙا ته عجيب غريب ارث آهن جو واقعي ”ڪافي“
چاهي، تنهن جو مطلب آخر مبهم ئي رهجي ٿو وڃي.
هر حال هن هنڌ ”ڪافي“ لفظ ئي ڪافي آهي.

تلنگ: اَڄو ڏيرو داءِ ٻيو ري، پڇن ڪو داءِ ٻيو ري
اُهي ڏيرو اوسرو، اُهي ڏيرو داءِ ٻيو ري

١- ڪال پاس جاويڳو، ديوي ڳاتي روءِ
هر سمان ميت ڏيرا، اوُر نهين ڪوءِ.

٢- سنڌيا پرڀات سمي، جاڳي نر ڪوءِ
جاڳيا سوئي امر ٿيا، سويا تن کويا ري.
٣- آد انت نرسؤدن، جهي نر ڪوئي
مالڪي سين مالڪي، پر پد پاءِ.
٤- بن بيچارو ديپڪ ۾، جلي جيؤن پتنگا
مايا ۾ جو مگهن ٿيا، چيت نهين اندا
٥- ساڌ سنت مهنت جن، ڪرت هنءَ پڪار
درس ڳورو ايهي سمو، جيت پاوين هار.

شلوڪ ١- فريدا اڄ نہ سنهي ڪنت سين،
انگ مڙي مڙ جاءِ
جائي پڇو ڍاڳٽي، تون ڪيئن رئن وهاءِ.
٢- ڪٻير راس گنوائي سوءِ ڪي، ڏوس گنوايا ڪاءِ
هيري جيسا جنم امولڪ، ڪوڏي بدلي جاءِ.

هاڻي هي سرائڪي ڪلام پڙهي شاهه محمد ديدڙ کي ياد ڏيو ته ڪهڙو نہ وڻندڙ چتر چٽيو اٿس. واقعي حمل لغاريءَ کي به شهه ڏني ويو آهي. ڪيڏي نہ سنڌس رنگين ڪلام ۾ رواني آهي:

”واهه ڏني خوش ساهه ٿيوي“
چوڻ سان ٿي دل بهار بهار ٿيو وڃي.
واهه ڏني خوش ساهه ٿيوي
جت دل دي دلبر آندي، ٻل هيڪالڙي
ڪر ڪر ويس رنگ ورنگ آون

مهھن مهتاب تنهان دي، تجلي کاندي
ٻهسرو ٻؤل، سؤلهين وچ ٻيني[1]
ڪيسر مل مل لاندي، تيون سيالدي
سرخي لال لبان کؤن لاون
سمر گهٽيان گهن جاندي، قدم اُٺاندي
ماٽي ڪر، رب جاٽي
چشم جڏان[2] ول چاندي، نظر چلاندي
ٿيوي دل آزاد غمون، خوش شاد ٿيوي درماندي[3]،
ڏک چؤن واندي
شاه محمد ڏيک تنهان کؤن، ويندي سؤر سڏاندي[4]
وهم وساندي.

مٿيئين ايڏي ته سڪ سچائي آهي، جو سندس ڪلام پڙهندي سندس صنعت ۽ لفظي ٺاٺ ٻنهي جو سياو ڪيو لڳي.

هن مان ڏيڍرجي شعر گوئيءَ ۾ مهارت ۽ رواني صاف پڌي بکي. سنڌي ٻاشا ۾ شرلگار وس جو هي هڪ نهايت دلپذير تحفو آهي.

---

(۱) ٻهسر ٻؤ لو تڪ ۾ سولهين ٿو. (۲) جڏهن اکر کڻن ٿا.
(۳) درد وارا عاشق. (۴) کين ڏسي سڀ سؤر ٽرندا وڃن ٿا ۽ وهم وساميندا وڃن ٿا.

سندر سهڻي، سيمت سڻي،
ڪيتا سر ڪنب هي، سينگار ميان

۱- زلف سياهه سِيسهر، (ناڳن جهڙا ڪارا وار)
اُت هي پَوتر سندي، پٽڪار ميان

۲- ڪنول ٿهاري، ڪيف ڪجل،
هن اکيان ميگهه، ملهار ميان
(ڪنول گل جهڙيون تابدار ڪجل واريون
خمار يل اکيون)

۳- سرخ نڪا، لب لالي، (سندر جو تلڪ)
ڏند موتيان جڙي، مهار ميان

۴- قد صنوبر، سر سهٽيءَ دا،
ماکي هي لب، لار ميان

۵- ليت ڪيٽِي، لاڏ لڏي، (چيتي واري سنهي چيلهه)
بازوبند بندي زريدار ميان

۶- پير پٽونڙي، پاليهر دي،
هن چاسينگر، چمڪار ميان (ناللا)

۷- مور ڪبڪ هنج، وارڻ ونگي،
راٺل دي رفتار ميان

۸- ڪوئل وردا، ول نا وَلي،
سڄ گوهر دي گفتار ميان
(محبوب جا ٻول ٻڌي ڪوئل روزانو آلاپ
بند ڪري ڇڏيو)

٩- اختر، اند، اُبر اڳيئي،
پسي جالب دا، جسار ميان
(ٽارا چند ڪڪر ڇپي ويا)

١٠- دم ديدڙ ڪئون دلدار ميان،
شل جدا نه جالي جگ وچ.

---

هاڻي ڏسو ته سانگين جي سادي رهڻيءَ جي اميراڻي زندگيءَ سان ڪهڙي نه عمدي ڀيٽ ڪيل آهي. عمر ماروئي ۾ شاهه ظالم حاڪمن تي ڦٽڪار وڌي آهي ۽ وطن دوستيءَ جو اظهار ڪندي مسڪينن جي رهڻي ڪهڻي ساراهي اٿس. هن ۾ سندس اوٺ لئي اهو نمونو اختيار ڪيو آهي:

سانگي مهنجا سنڌ سهڻا، ٿا هٿ مٿي ڀرن
هٿ کهاڙيون ڳچن ڳاڙهيون، وڃن ۾ وڙ ڪن
ڇوڙن ڇيلا اُٺن سويلا، ٽڙ مٿي ٽڙڪن
چڻن ڏونرا، ٻين ڏونرا، ساڳ مٿي سرچن
اڏن ڇونرا، ٿورائي ٿورا، مهه ماروئڙن
کرڙ ڪڪوريا، ڪندا موريا، ڦوڳ ڦلاريا،
جهليا گل ٻهگولاڙن

باهه ڏيان تنهنجي بنگلن کي، ڪايا خريب ڪٽن
طول وهاڻا، تو شڪ تنهنجا، مورهن مون نه وڻن
ٿلين ٽڪو، پونئرن پٽڪو، ڪيل ٻڌا ڪر ڪن
سي هند ساريٖن سومرا ۽ جهوپا جهانگيئڙن

ڪڙن ڪنيريون، اُنن سويريون، مائين ني مرڪن
ڏڻ ڏاريون ولر واريون، گهيتا پاس گهرن
وتا ميڻهن مليرني، تيون نوهه وليون نمڪن
فضل ڪج فقير چئي، مٿي مارئڙن.
پوءِ آئي وچي تن، گڏجي گوندر لاهيان.

ٻيگتين ۾ حمل لغاري ؏ جو اهڙو ڪلام به عام ريت
ڳائبو آهي- پڙهي ڏسو هي جهولڻو:

دلبر دي دروازي تي، لک لوڪ ڪڙي ليلاوَن:
جهاتيان پاوَن.
جن انسان، تين حوران پريان، خاڪ لڳا ڪُون لاوَن:
جهاتيان پاوَن.
مرسل دي مُهن ويکڻ ڪون، لهه ملڪ فلڪ تون آوَن:
جهاتيان پاوَن.
حمل! هرهڪ نيڪ نبي تون، صدق صدق پئي جاوَن:
جهاتيان پاوَن.

حمل جو هير رانجهو وارو قصو- خاص ڪري هير جو
ماءُ پيءُ ماسي وغيره سان سوال جواب. ماڻهن کي اهڙو
نه وڻي ويو هو، جو ورلو ڪو ٻيگت اُن کي نظر انداز
ڪري سگهندو هو.

هير جي ماءُ:- ماءُ مت ڏني سڻ هير ڌيا!
اِهي ڪيهي تون ڪم ڪماوَندڙي!
مدي ڳالهه ڪنون جهل جهل رهيان-
ٻل ٻل پيئي سمجهاوَندڙي!

ستي لوڪ ليڪن ڪيها ٻوڪ چئيندا۔
جهنگ جهوڪ ڏهون لنگهه جاوند پڙي!
ڏکه ٻکه ڪدون سڙ سڪ رهين -
جڪ جڪ تيري غم کاوند پڙي!

هير:- آکي: ماء! ميئون مت ڏس نهين۔
بيوس مترا ليکهن لڳ گيا
ڪوئي ڪير ٻلا اڪسير جيها۔
وڏي پير دي سمهن، دل تڳ گيا
منهين وال مٿن تون باهه ٻال ڏني۔
رڳ دي وچ دونهان ڌڳ گيا
تس لکئي وچون ڪونه لِک لاهي۔
جهڙا روز ازل دي وڳ گيا.

هير جي پيڻ:- تدان پيڻ آئي ڏي ويڻ آکيا:-
تون سيڻ سَکي دلگير ڪيتي
ڪيهي هير! ليڪون بد هير لڳي۔
وچ سير پني لمب ڪير ڪيتي
متان وير تيري تقصير سٽي۔
تک تير مارئي تقدير ڪيتي
پيؤ ٻِير ڪدون تدبير گئي۔
تيري پهڙ پدير ظهير ڪيتي؟

هير:- آکي: پيڻ! تورڙي لک ويڻ ڏيوين۔
تيڻ لڳ رهئي هڻ وس نهين

ماهي هس ميري دل کس ڳڊي -
هور ڪس ڏني لهي ڪس لهين
هرڪس دي نال عڪس تيرا -
بيڪس سوُن پِڙ نهس ! لهين
جيڪو روز ازل دي لڪ ڇوڙيا -
• سا تان مينڊ دي مس لهين وغيره -

بيت - هئي ! هئي هئي !! هاءِ ! جو محبت وڃي ملڪ مون
جتي قرب ڪمال هو، لتي لاءِ نه ساءِ
حمل ڇڏي، هن ڳالهه جو ڪونهي سڌ سماءِ -
ڪو جو وريو واءِ، ماڻهو سڀ مڙهي ويا -

آخر ۾ "ڏنگي يار" جي ڏنگي گفتار رفتار تي قناعت ڪجي:

زلف ڏنگا، اَبرو ڏنگا،
گفتار ڏنگي، رفتار ڏنگي
جنهن جاءِ هوندا اهي چار ڏنگا،
لاچار هوندي هرڪار ڏنگي
ڪيئن اچي تنهن جاءِ جميعت،
• شهر سڄو پُر شور شرد
جت يار ڏنگو، اغيار ڏنگو،
دلدار ڏنگو، بازار ڏنگي -
ڪير ڪنهن جو فرياد سڻي،
۽ ڪير ڪنهن جو داد ڪري!
جت سنوار ڏنگو، سالار ڏنگو،
دستار ڏنگي، تلوار ڏنگي -

کيئن اڇي ڪم راس نٿيئن جاءِ،
سمجھ سخن، ڪر هوش حمل!
ڪونانر ڏنگو، ڪمدار ڏنگو،
مختيار ڏنگو، سرڪار ڏنگي.

---

هيئر ته هندي راڳڻيون مهل ڪمهل ٿيون ڳائجن، پر ڪن جو چوڻ آهي ته اصل ۾ اهي رڳو خاص وقت ۽ ويلا تي ڳائبيون هيون. ڪي راڳڻيون موسمن مطابق آهن جيئن ملار، ڪي ويلا انوسار جيئن آسا ۽ ڪي موقعي مطابق جيئن مارو ۽ راڳڻي جو موضوع به اهڙو ئي هوندو آهي. مثلا

سارنگ: اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا ٻرجن سين
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي ٻرجنگ
صراحيون سارنگ، پلٽيون راحت پدام تي.

٢- سارنگ ڪي سارين، ماڻهو مرڳه منهون
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين
سپون جي سمنڊ ۾، نٿيون سڄ ٻهارين -
پلر پيارين ته سنگهارن سڪ ٿئي.

٣- اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪوريون ڪريون
وٺو مينهن وڏ ڦڙو، ٿڪن ٿيون ٿاريون
لٿيون لڪ لطيف چئي، ڏايون ٽاسارين
پڇندي پنارين، وري وٺا آئيون

٤- مند ٿي منڊل وڄيا، تاڙي ڪئي تنوار

هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

٥- موٽي مانداڻن ۾ پري ڪياڙون پيچ
وڄون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج
لهن اُوريون لوازيون، ڏئي ڏوٽا ڏيج
ٻج ڪٽي ٻيٽ هليا، هاري مٿان هيج
راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.

٦- مند ٿي منبل وڄيا، ڪي اوهيڙن اوڪ
چاچر ٿي چڊن ۾، ميهون چرن موڪ
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پريو پائن طوق.
ميها چيڙ ڦنگيون، جت ٿين سيڱي ٿوڪ
لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

٧- حڪم ٿيو بادل کي، سارنگ سات ڪڻن
وڄون وسڻ آئيون، ٿهه ٿهه مينهن ٿمن
جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن
پنجن مان پندرهن ٿيا، ائين ٿا ورق ورن
ڏڪاريا ڏينهن مان، مُوزي سڀ مرن
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن
سيد چوي سين، آهه انهنجو آسرو.

پيروي- بولد برهه جي بهار لڳي-
درد وندي جو ديس وسي پيو.
١- نڪڙي سير سمنڊ جي- لهرن جي للڪار لڳي-
درد وندي جو ديس...

٢- الر ڏئون ڪر ڪڪوريا - ڏيلن جي ڍهڪا رنگي -
درد ونديءَ جو ديس ...
٣- وڻڙا ميڊهن مليرتي - گاهن جي گلزار لڳي -
درد ونديءَ جو ديس ...
٤- سرليون عبداللطيف چئي ، سڄڻ مٽيءَ جي سار لڌي
درد ونديءَ جو ديس ...

ڪنور وچ وچ ۾ اپديش به ڏيندو هو ۽ آدرشي نر ناري بڻجڻ لاءِ کهڙا ساڌن کپن ، تنهن ورتن ڪندو هو . تنهن هوندي به سندس چت جو لاڙو ڀڪتي مارگ طرف هوڻ سبب اهم ڀاؤ ڪيڏي چڙهڻ ۽ من تي ضابطو رکڻ تي وڌيڪ زور ڏيندو هو :

(راڳ ميان ملهار)

ساڌو من ڪا مان تياڳو
ڪام ڪروڌ سنگت درجن ڪي ،
تان تها اهه نس ڀاڳو

١- سک دک دوائون سم ڪر جانو ، اور مان اپمانا
هرک سوگ تي رهي آليتا ، تن جگ تت پڇانا
٢- استت ندا دوئو تياڳي ، کوجي پد نربانا
جن نانڪ اهه کيل ڪٺن هءِ ، ڪنهون گرمک جانا .
(٢) متن ماريا جگ ماريا ، متن کو ڪهين نهين ماريا
متن متن دا محل بنائي ، متن نه ڪيتا هءِ پسارا
هن برهه جي بازار ۾ ، لڪين آيا آهن وڻجارا

سو رنگ درياهه جي، لک ٻوڙيا، ڪي سوَ تاريا
نور شاهه فقير چوي، مرشد تان مَٿان ني سر واريا.

شلوڪ ١- سارو جڳ نچي تو، من جي محلات ۾
انٿي ٻهر اندر ۾ بنا ٻاهه ٻچي
ڪوڙان ۾ ڪر هڪڙو، انهيءَ بلا ڪون بچي
جنهنکي درشت اچي، سامي سورج سر تي.

٢- ڏنو سڀ وسار، اڻ ڏٺي کي ياد ڪر
جَنّ ڪنير ماري مٽيءَ ڪي، من پنهنجي کي مار
اهو ڪو ڏٺو ٻار، جنهن سان پسين پرينءَ کي.

٣- چيو وڃي نه من، ڪارو ڳاڙهو ڪرو
جنهن ماءِ پيءُ ڪوڪو، نڪو ديس وطن
ڪن ۾ ڪري خيال سان، نيٺي لوڪ گمن
ڪڏهن پڙي ٿي ٻرسن، ڪڏهن سامي روئي اڄ ۾.

انهيءَ ٻاري ۾ شاهه جي-ڪا تمثيل ڏني آهي، سا پڻ هنئين سان هنڊائڻ لائق آهي:

پسي ڳاڙها گل، مٿان ڪا: چانگي کي چاري
وليون واس ورتيون، سونا سنڌن قل
چانگو اڳيئي چلڻو، ٻي جا مٿس ٿل
ليئين ڏريندي ڏوڙ ۾، ڪالڌي ڙهندڙ ڪل
اديون عبداللطيف چوي، مالڪ لاهج پل.

ڪبير صاحب پڻ من جي چنچلتا جو ورڻ ڪندي چيو آهي:

مانت نهين من مورا ساڌو،
مانت نهين من مورا ري
بار بار مين اسي سمجهائون،
جڳ ۾ جيون ٿورا ري
يا ڪايا ڪو گرب نه ڪيجئي،
ڪيا ساورا ڪيا گورا ري
ٻنا ڀڪتي تن ڪام نه آوي،
ڪوٽ سڳنڌ چپورا ري
يا مايا جن ديکه ري ڀُولو،
ڪيا هاٿي ڪيا گهوڙا ري
جوڙ جوڙ ڌن بهت ٻگيچي،
لاکن ڪوٽ ڪروڙا ري
دبدا درمت اور چترائي، جنم گينور ٻوڙا ري
اجهون آن ملو سنت سنگت،
ستگور مان ٿهوڙا ري
ليت اُٿا ۽ پڙت ڀؤ گر گر،
جيون بالڪ ٻن ڪورا ري
ڪهي ڪبير چرن چت راکو،
جيوُن سُئي ۾ ڌورا ري.
دلپت پڙ من جي سڀاو ۽ ورتيءَ جو ورنن نهايت عمدي ۽ اثرائتي نموني ڪيو آهي:
من آهه ملڪ مليره، ڪاڏي وڃان -
سڀ وطن ٿيوئي

مون آهه پنهوار، مارو به مون آهه.
مون آهي عمر حمير
مون آهه عرش، اُرش پي مون آهه.
مون آهي شاهه فقير
مون آهه مارو، مشتاق پي به مون آهه.
مون آهي والجهان هير
جدا جانب ري جاء نه كائي،
جڏهن جو عالم سڀ سر ير
دلپت دل مون، ديدار كيوسي،
سچڻ ساڻ اُكير.

شلوك - رچي من خلل، قاهيءَ قاتو پاڻهي
سامي سمجهي كينكي، مورك مايا چل
سانت نه پائي مرگهه جيان، ڏسي مرگهي جل
تڏهن ٿئي اچل، جڏهن پرچي ڏسي پاڻ ۾.
هاڻي پڙهو هي كلام جنهن ۾ هن جهان فانيءَ مان آخر اُسهڻ ڏي اشارو آهي. پاڻ جهڙڻ لاءِ فقط "هاڻي هلبو" اندر ۾ اُچارڻ ئي كافي آهي.

(سورٺ)

كيڪين سان پوندو كم ڙي اديون
هاڻي هلبو، هاڻي هلبو - چپر چڏ بو
١- سُنگ پريندي سيڪا پنهنجو،
ليكو پڇندء جم ڙي اديون. هاڻي هلبو

٢- هيڏي شهر ڀنڀور ۾،
منهنجو سرتيون سان آهي سنگ ڙي اديون - هاڻي هلبو
٣- اديون عبداللطيف چئي،
مرشد لاهيندو غم ڙي اديون - هاڻي هلبو

دوهرو ١- مربو جي مراد چوي، حتون ٽيندو لاڏاڻو
نا گهر پيڪو ساهرو، نا گهر ڏاڏاڻو
جم جرمانو، ڏيندو سَتَ سيڻ کي.

٢- سچڻ هي سنسار، اتئي سير سمنڊ جي
تاروءَ کي نڪ تار.مان، ڀڄائي تو ٻي پار
اڻ تاروءَ کي اڻ ٻچو، پسائي پاتار
تڏهن ٽوڪي تنبوروڏار، متان عاجز کريئي ڪن ۾.

٣- دلبر هن دنيا ۾، ونئو آهي واس
پيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪ هوندو هيڪڙو.

٤- فاني ٿي فاني، دنيا دم نه هڪڙو
لٽي لوڙهه هتن سان، جوڙيندءِ جاني
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سر سڀ ڪنهين.

٥- تون حبيب تون طبيب، تونهين دٽن دب
تون ڏٺين تون لاهئين، تونهين هادي رب
آهم ايءَ عجب، جنءَ وار ٻو ويچ وهاريين.

٦- تن طبيب نه تون، جو سڌ نه لهين سوُر جي
سانڍ پنهنجا ڏيڙا، ڪڏ ڪٽي ۾ پوُن
ڪاڻ گهرجي موُن، حياتي هوٽن ري.

صمر ڪافيون نہ گهڻيئي ڳائيندو هو ۽ مٿانئن بيٺن جي ورڪا بہ جهجهي هوندي هئي. البت ڪافيون اهڙيون چوندي ڪيندو هو، جي ٿورا ڪريون ساءِ پريون سرل هونديون هيون. هاڻ ڪنور کي ياد ڪري، سندس موچاري صورت اکين اڳيان آئي، پريان رڪارڊ تان هيءَ ڪافي ٻڌو تہ سوايو سواد ايندوَ:

ٿلهگ: ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان
ڏس کو ڏاهہ. ڏسِ کو ڏاهہ
يا ٿيان مومن پاڪ نمازي،
جنهن پر جانب تون ٿئين راضي
جامع جوڙايان، ڪين سرڙو نمايان.
يا ٿيان هندو، پوڄان بت خاني
ڪاشي دئاري، گنگا اِشناني
جٽيو پايان، ڪين ٽلڪ لڳايان.
يا ٿيان ناچو، پايان پيش وازي
ڏکڙ ڏمڙر، ساز آوازي
ڦيرڙي پايان، ڪين چير چمڪايان
اڄ پيارل ڪريون پرچائو،
ساڻ سليمان ڪريو سرچائو
لايق ناهيان، تنهنجي گولڙي آهيان.

دوهو ا- پتنگ چائين پاڻ کي تہ اڇي آگ اُجهاءِ
پڇڻ گهڻا پڇايا، تون پڇڻ کي پڇاءِ.

٢- جان جئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري
تڏيءَ ڪوسيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي
٣- جي تون سگهڻ سکئين، ته ڪاليءَ پڙهي م ڪنجهه
سنپيريان جي سور جو، ماڻهن ڏجي نه منجهه
اندر ٿي اهنج، سالڪ سڪائون ڪري.

هيٺئين ڪلام ۾ پڻ ساڳيوئي ورن آهي. بلاشاه کي پالت پانت جا ويس ورن، مارگ پدمت اختيار ڪرڻ کان عار ناهي، بشرطيڪ انهين ڪندي سندس مراد حاصل ٿئي: سر ڪنڀايت

ٿئيا ٿئيا ڪري يار نسانڏي مٺن عشق اڇايا
١- سر ڳجراتي گلي پٿوازي،
ڪنگڻ ڪڙيان مٺن لٺري پاتي
مس پيارل پائين جهاتي،
انيڏي سانگي هڻ مٺن سانگ اڇايا
٢- عشق دي بانگي بانگ سڻائي
مل محبوبان جماعت ڪوڻائي
وحدت دي جا مسيت بڻائي
عشق مليا امام، يار سلام ورايا
٣- ڏولي بڌڪي جٿيا پاسان،
تلڪ لگاڪي مٺن مندر جاسان
بت آگي سيس ڏرسان
عشق هٿا گر پير، جنهن ساڏا ڪفر وڃايا

۴۔ ذي سهاڳڻ سهاڳڻ ٿيوان ،
سرتيان دي وچ تيرا نام سليوان
اڪ ڍڪ جام وصال دا پيوان
ساري جڳ دا يار هڻ مڻن مهٺا چايا
۵۔ ڪول زلف ول بند ڪيتوئي
هٿان دي نال محبوب متوئي
بي تقصير يتيم ڪنوئي
بلا آکي سچ يار، هڻ تيڪون هت ڪيا آيا؟

---

ٻهاول ٻ ساڳي طرز ۾ هي شعر چيو آهي:
دم دم دي وچ سهڻل سائين
ڏيوان تيڪون لوليان، منيان منيان ٻوليان
قربون اسان وت قدم گهماوين
سهڻل تيرا پل پل پاوين، سرچا اپنا گهوليان
يار رجهاوڻ ايوين آوان
ناچو بن ڪر قربان جاوان، ڪر ڪر سهڻا ٽوليان
طعني ٿنڪي لوڪ مريندي
هس هس سهڻا ٽوڪ ڏيندي،
مڻن ٿان جهليان جهوليان
چلو سهيليان سهرا گائو
چيريان پائو ناچ نچائو، گيڙو رنڙيان چوليان
ٻهاول بخت تيا سوايا
دوست ساڏي گهر وچ آيا، يار حجابان کوليان.

ساوڻ جي مند ۾ سنڌي هندو زالون راجا ويڙ جي جوت جڳائينديون آهن ۽ مڙسارا ڀراٽا ڪڍي جهمريون پائي "لال جهولي! اڏيرو لال جهولي! دريا شاهه تنهنجي آس پڄائيندو. اڏيرو لال تنهنجي آس پڄائيندو. لال جهولي" وغيره ڳائيندا آهن. ڪٿي ته اهڙن موقعن تي سوالين کي راضي ڪرڻ لاءِ پلئو پائيندو هو.

لال سڪا کن ۾ ساوا ڪرين ٿو. پٽ پٽر روڙا.

ٻريا کن ۾ خالي ڪرين ٿو، خالي ڀرين ست ٻورا

سوالي تنهنجا ڪڏهن نه خالي، قولين نه ڪنهنجا قورا.

ليلا تنهنجي اگم اگوچر. ڪو نه سمجهي تنهنجا ڪوڙا

واهون وسايو اصل اوهانجو مور نه کائيندو موڙا.

لال پلائي ڪج پال، ڏج مولکي سياڳو پال.

داس آهيان تنهنجي در جو، اهو مڄج سوال

قيريون پايان ڪج گهمايان، لوڪ ڏيکاريان لال.

داس تنهنجي در جو ٿيندو، مهنجو من ڪج نهال

هاڻ ڪج پلارا پال، آءٌ گولو تنهنجي در جو.

دؤله تنهنجي در تي سوين سوالي اچن.

ڏن دارا ۽ پٽر جي منشا من رکن

کي موڪش مڪتي جو ڏاڻ ٿا گهرن.

جي زنده پير جپن، سي جوت وٺي وڃن جوت مون. وغيره

## اڏکي گهڙي نه ويکڻ دي

جي ٿون برڌ سنيالين ته اڏکي گهڙي نه ويکڻ دي

ٻاغ ٻيڏا باغيچا تيڏا - ٻول ڦلاندي ڦول - اڙڪي
ڳڱن گھوڙي ھسواري جا ٽڏي -
ٽڏي ڪلنگيءَ تان قربان - اڙڪي
آڳي اڏيرو، انت اڏيرو - ٿون پرٿوي پرتپال - اڙڪي

---

١- ٻنجري جو قسم -
درياه ٿنهنجي در تي، آءٌ آيس ساڃ اڪير-
جوت جاڳندي مون ڏٺي، دل کي آيم ڌير
جن شون ورتي، تن لاج رکيشَ، ٿون ٿي وسيلو وير
اڙکي ويل اسان جي تو پت رکي آهي ٻير
شاه پاتشاه، سورهيه، وير حمير-
اسين گولا ٿنهنجي گهاٽ جا.
٢- گولا ٿنهنجي گهاٽ جا، ٿي ٻينو توکان ٻڌن-
هٿين خالي نا وري، سب منگيو دان وڃن
اندڙن کي اکيون ڏئين، اولا لنگڙا کڏ لڳن
منگتا محتاج تو وٽ ٻري ٻير اچن
ٻرٻور ٻرجي وڃن، دولهه ٿنهنجي در تان.

---

ايامن کان سنڌي ڏيساور ڏور ٻنڌڙ آهن ۽ سنڌ ورڪ سنڌين جو نهايت قديم پيشو آهي، ٿنهن ڪري سنڌي شعر ۾ سمنڊ ۽ سامونڊي مسافريءَ جو چڱوئي ورنن ڪيل آهي. خاص ڪري اسان جي شاه عبداللطيف ر. ذ. رچو سامونڊي خطرن جو ذڪر ڪيو آهي، پر سنڌ ورڪين

جي ڙالن جي اندر ۾ جي وسوسا ۽ ڇوراڪورا، ڪير ۽
آس گهوٽ جي غيرحاضريءَ ۾ رهي ٿي، تنهنجو پڻ
نهايت عمدو ذڪر ڪيو اٿس ۽ ور ور ڏئي هنن ڪي
دعائون ڪيون اٿس ته سمنڊ مڙس خير سان ڪٽي موٽي
اچي پنهنجي وهين پيڙا ٿين. اڳي ڪاڇ جي لکڻن جا
جهاز هوندا هئا جي ونجهن سان ملاح هلائيندا هئا.
ڏسو ته سمنڊ جو هڪ ٿي سٽ ۾ "لڙ لهريون لس
ليٽ - جتي انت نه آب جو" ڪهڙو نه پورو چٽر چٽيو
اٿس. هاڻي پڙهو:

لڙ لهريون لس ليٽ، جتي انت نه آب جو.
اَلا، اُت ۾ اولڻين، پيڙا مٿي پيٽ
جوکو ٿئي م جهاز کي، ڦرهي اچي م ڦيٽ.
لڳي ڪا م لپيٽ، هن غاريبي غوراب کي.

جڏن ماءُ جي هردي مان پنهنجن ٻچن لاءِ سدائين
آسيس نڪرندي آهي، تڏن شاهه جي دل مان پڻ دعا
ٿي نڪري.

سڙهه سنوان لاڄو نوان، اولا سمدن عاج.
سائي سفر هليا، پري جنگ جهاج
حاصل ڪرين هاج، واحد وڻجارن جي.

اهڙا بيت "سيو يو ڄڻ سبحان، وير نه وڙهي تن سين -
نوبهه جي ناٿير سين، ٿري ويا طوفان."
گهڻيئي ڇپيا اٿس، جن جي هن ڪتاب ۾ گنجائش
ناهي. واقعي اهي بيت ناهن پر ارداسون ۽ پرار ٿنائون

اهن. ڏسو ته سنڌورڪين جي ڙالن جي چت ۾ جهالي
پائيندي ڇانو ڏسي:

سيٽي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا -
رڻان رهن نه سپرين، آيل، ڪريان ڪيئن
مونکي چاڙهي ڇيئن، ويو وڻجارو اوهري.

ڀٽي هنڌ تو چوي: "سمونڊي سڱ، آهي ڪولڊر
گاڏئون." اڳي سامونڊي سفر نهايت خطرناڪ هوندو هو
جنهنڪري گهڻا نه حياتيءَ تان آهو پلي اُسهندا هئا،
۽ سندن ڪٽنب روئي پٽي وهندا هئا.

اڄ پڻ واريون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون -
هلڻ هارا سپرين، رڻان ٽان نه رهن
آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل، سامونڊين -
ڳچ ڇوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾ -

شل خير سان ڪاند موٽي اچي، ان لاءِ سمنڊ ۾ اکا
وجهنديون هيون.

اُڀيون لڙ پوڄين، وهُون وڻجارن جون،
آٽيو اکا ڏين، ڪٺوري سمنڊ کي.

سياري ۾ سمنڊ ماٺو ٿيندو آهي، جنهنڪري انهيءَ
مند ۾ غوراب ڏيساورن تان موٽ ڪائيندا هئا. انهيءَ
وقت سنڌي وڻجارن جون ٻايون ۽ مائون پڻ ٻيون ٽارا
لکينديون هيون:

سر لٿريا پاند، اُتر لڳا آءٌ ٻرهان،
مون تو ڪارڻ ڪاند، سهسين سکائون ڪيون.

ڏسو تہ زال پنهنجي اندر ۾ ڪهڙي آس رکي ويٺي آهي:

جيڪر اچي هاڻ نہ ڪريان روح رچنديون.
آئل، پنولتي ساڻ، هوند ٻر لڳي، ڳالهيون ڪريان.

شاه جي زماني ۾ نادرشاه سنڌ کي ايران سان ملائي ڇڏيو ۽ احمدشاه ابداليءَ وري سنڌ کي افغانستان جو علائقو بڻايو. اهو وڳوڙي زمانو هو، جنهن ڪري واپار ڏکائجي ويو هو ۽ سنڌ جا مشهور بندر ويران ٿيڻ لڳا هئا. اها ڏکدائڪ حالت ڏسي شاهہ کي ڏک ٿيو:

ويا سي وڻجهار، هيرو لعل ولڏين جي.
ڏيئي سندا ٻوياڻ، سيئي لهن نہ سار
ڪلن ڪت لوهار، هاڻي اهيءَ پيٽئين.

جيڪڏهن شاهہ سنڌي هندن جي لڏ پلاڻ ڏسي ها، تہ لاشڪ سنڌس اکين مان رت جا ڳوڙها وهي نڪرن ها. هن جي اندر ۾ دنيا جا ڏک سمايل هئا:

پيئر اهيءَ ڳالهہ جي، جي آءٌ ظاهر ڪريان ذري
لڳي ماٺ مارن کي، ڏونگر پون ڏري
وڻ پن وڃن ٻري، اوڀڙ اڀري ڪا نہ ڪا.

---

ٻارو، هنج ويا لڏي. باقي ڇڇي مڇيءَ جي ڇيڙن ۽ ڇلرن جا هيراڪ ڇاڇر ۾ وينا ڇيڙون ڪن ۽ نفاق جي دوزخ جي آگ ۾ وڃن ٿا ۽ ٻنا تميز پنهنجا پراوا جلائيندا.

صور ڪن مهاتمائن جي آستانن تي ورسي ملهائڻ وقت تہ هر سال ويندو هو، پر جڏهن ۽ شاديءَ جي شيءِ آئسوَ تي ڪوٺ ٿيندي هيس تہ گهڻي آنا ڪاني تہ ڪندو هو. شاديءَ جي موقعي تي جيڪي لاڏا ڳائبا آهن، سي زالن وٽان ملي سگهندا. البت سيڻي لاڏا ڪي ٻڌڻ يا چوڻ لايق ناهن. هيٺئين لاڏي مان گهوٽ ماءُ جي دل ۾ جا ندهن ۽ پٽ کي زيورن سان جهنجهڻ جي اڇهل خواهش هوندي آهي، سا چٽيءَ زيت نروار ٿئي ٿي. هار سينگار لاءِ چاهہ رڳو اڄڪلهہ جي فئشنبل زالن ۾ ناهي، پر اهو زناني سڀاءُ جو اڻنگ انگ آهي:

لاڏو: لاڏل کي ٿي آءٌ پرٺايان، ميندڙي لايان
لاڏل کي ......

١- اسانجي لاڏي ڪيسر سهندي
جگلي جوڙ ٻڌايان - ميندڙي لايان
چولو شهزادي جو، آءٌ چولي رنگ لايان

٢- اسانجي لاڏيءَ دڙا سهندا
قليون جوڙ ٻڌايان - سيج وڇايان
چولو حاڪمزاديءَ جو، آءٌ چولي رنگ لايان.

٣- اسانجي لاڏيءَ چوڙا سهندا
ڪنگڻ جوڙ ٻڌايان - ميندڙي لايان
چولو شهزاديءَ جو، آءٌ چولي رنگ لايان.

٤- اسانجي لاڏيءَ ڇپر جا سهندي
نوُرا جوڙ ٻڌايان - ميندڙي لايان

لاڏي کي تي آءُ پرڻايان، ميندڙي لايان.

٥- سر لاڏي جي سونا سهرا

آءُ موتي جوڙ ٻڌايان- سيج وڇايان

لاڏي کي تي آءُ پرڻايان، ميندڙي لايان.

هٿ لاڏي جا ميندڙيءَ رتڙا

منهن مهتاب اکيان گل لال

ڪجل جوڙ ٻڌايان، سيج وڇايان

لاڏل کي تي آءُ پرڻايان.

سنڌي زالن جا ڳهڻا به ڪي اڪيچار آهن. خاطري اٿم ته ڪيترا زيور توهان نڪي ڏٺا نڪي ٻڌا هوندا، ڪ خود سونارن کي به انهن جي ڄاڻ نه هوندي:

سوني ساهه، طلاهه ٽلڪي، ٽڪهن سر،

موتي مڙهاياس

ٻنديسر، ٻولا، نٿ، نوريون، سينڌ ٽڪي،

سر جهور جڙاياس

جهگ مگ جهومڪ جهالريون،

ڳجهر ڪاڻ گهڙاياس

در، ڪر دمرا ڏوريچا، روپ ڳهين

رنگ لاياس

ڏيڍيون، ڪوڪيون، پلڪن پندڙا

ڪنين تي ڪان جهلاياس

مرڪيان، مهربان، اور منڙا،

سر سونيءَ ڏانوڻ ڏاياس

دُرَ، ٽوڏر، ڇاڳه ڀنڪيون،
ميندا ماڻڪ موتي مڪه ڳنڍاياس
ٽُورا، ڀنورا، لانگلا، ٻيا هار هَسين ڳر پاياس
ڪنڍيان، ٻنڌيان، ٻارتا، سهڄان ساهه سيمبا ياس
پنڊڇان سگيان، واهه ونگڙا، ٻوچ ٻنهڙيون
تي ڇنڪلين سرچاياس
ايڪ داڻي، ديکو دسري ٽونسي
طلسمي طوق ٻڇاياس
ڪٽ مالُون قيمت ڳوريون،
تن تي لالون سر لٽڪاياس
ٻانهين ٻانهو لٽيان سولهن ٻانهيون ٻازوبند ٻناياس
ڪنگڻ ڪڙوال ڪنريا، تنهن وڌ وايو لا آياس
جهرمر جهانجهر ٻيرن ڪڙيون،
پازيبان گهنگهرا گجريون وچ ٽن وچڙاياس
ٽِنهڙا، وڇوٽان، ٻهوت مڻڍيان،
ڏُجر لڳ گهات گهڙاياس
ٻوريندا براهم ڇٽي، جوڙ ڇگي جهٽڪاياس
مانگهه قُليان چالي چلا، ڇوڙا چلڪي چٽڪاياس
بيحد ٻچاياس گلم غلاف ۽ گاديون.
سنڌيءَ ۾ جهوُلڻو به هڪ قسم جي ڪوتا آهي،
جنهن جي مراد آهي ته اُچارڻ سان ازخود ماڻهو جهوُلڻ
لڳي. هتي موهن فقير جو اهڙو هڪ جهوُلڻو ڏجي ٿو:

هڪ ڏهاڙي، يار پياري، محب ڪئي مهماني،
قسم قـرالي.
جاء وهڻ جي ڪانہ لڌائين، مڃهہ عرش زمين آسماني،
قسم قـرالي،
مثل صورت ڪو مت ڪو نهي، لاشڪ آهي لاثاني،
قسم قـرالي.
سار و سير ڪرايائين لنهنڪي، جيڪي جوڙ جوڙيا
جڳ جاني - قسم قـرالي.
ڳجهہ ڳجهي جون ڳالهيون، موهن هيءَ مهمانـي -
قسم قـرالي.
اڳي سنڌي هندو پراڻهہ ڪال جپ صاحب سان گڏ
گرو نانڪ جي مدح بہ پڙهندا هئا. ڪي دريـاپنٿي
ان سان گـڏ اڏيري لال جي مدح پـڻ اُچاريندا هئا.
مسلمان وري مولود پڙهندا هئا ۽ عاشورن جي موقعي
تي ثابت علي شاه جا مرثيا. اهي مرثيا ماتامين جـي
ميڙاڪن ۾ هرڪنهن پڙا هوندا:
ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان -
ڪيئن ڏٺہ نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان.
هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسيءَ جا جڙاء -
هي رسول الله جا، شمس و قمر، اي آسمان.
تون بہ آدم تي ادا، ڪي روءِ تہ راضي ٿئي الله -
هن رئڻ روز جزا، خوش ٿي ڪلندا، خاص و عام.
هي هنجون هڪ هڪ اٿئي، ماڻڪ ۽ موتي منهنجا يار -

ڏن جي قيمت قدر ڄاڻي، ڪوڙ ڪوريءَ
ڪردگار. وغيره

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻهرين مدح جا خاص عام ۾ مقبول پيئي، سا هئي ميان محمد سرفرازخان ڪلهوڙي جي، بند پڇالي ۾ لکيل آزي نيزاري. هي شخص ۱۷۷۲ع ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو، پر ٽالپرن جي ڀرئي مڙس مير بهرام خان کي پنهنجي وزير راڄي ليکي جي چوڻ تي ناحق شهيد ڪرائڻ سبب ۱۷۷۵ع ۾ حيدرآباد جي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو، جتي پاڻ ٻه قتل ٿي ويو. سندس تربت حيدرآباد جي ٽلڪ چاڙهيءَ لڳ مقام ۾ آهي.
انهيءَ مدح جو بند آهي "پلا ڄام هن غلام سنڌو سوال سڻج ٽون" جو هرهڪ بيت (ٻن مصرعن کان پوءِ ورديو ورديو دهرائجي ٿو:

آهيان ڏڏ - غمن گڏ - سچا سڏ - سڻج ٽون
پسي پاڻ - ڪرم ساڻ - ڏکين ڏاڻ - ڏئين ٽون -
پلا ڄام - هن غلام - سنڌو سوال - سڻج ٽون
سرفراز کي اوداس - آهي آس - اوهان ڏون
رهه راس - بند خلاص - خوشي خاص - ڏئين موُن -
پلا ڄام - هن غلام - سنڌو سوال - سڻج ٽون

---

دريا پنٿين ۾ پنجرن پڙهڻ جو به رواج آهي، اهڙي طور کي پنجرا اڳ ڏنا اٿم. هتي اڏيري لال جي مدح ڏجي ٿي، جا پڻ پاڻ مهل پڙهبي آهي:

دريا لال دادلا، درسني داتا .
تون آهين خلق جو پوڄ پتا ماتا
مديون سڀ معاف ڪر، راضي ٿي راڄا
سائين سڀاڄها، اَڄهو آهين عالم جو .
آهين اَڄهو عالم جو دولهه دريا پير
مشهور آهين ملڪن ۾، تنهنجي ثابت آهي سير
ڏکين دردوندن جي، تون پل ۾ لاهين پيڙ
هاڻي حامي ٿي زندہ پير، ڏي آٿت اَڏيڻن کي .
تر تارون چنڊ رات جو، چڙاڪي ٿا ڏين
پنڊت برهمڻ منگتا، ساڌو شيوا ڪن
پلو پائي پريم سان، چنڊ و ڏات وٺن
ڏاتيون ڏئي تون ٿن، جن جو نشچو لال ۾ .
نشچو سچو ڌري ڪري، پلو جن پاتو
سڪ سچي سمت سان، جاڻ جنهين جاتو
ڪيڏي ڪوڙ قلب مان، صاحب سڃاتو
تنهين آهہ پاتو، درسن دولهہ لال جو .
دولهہ درياهہ تون، اولائين عرض
ڪر خير خلق جو، پورا ڪر غرض
اسان ڪان وسري ويا، پلجي سڀ فرض
هاڻي لاهي سڀ مرض، ڏيا مان تون داس ڏي .

---

ڪي هندو صبح جو گيتا پاٺ پڙهہ ڪندا آهن . پر گيتا تتو گيان گرنٿ آهي، نہ ڪ پرارٿنا پستڪ يا جاپ .

جيئن نيپاس ڪرڻ لاءِ عمدو پستڪ آهي، پر جيڪي
پرارٿنا ۽ اُپاسنا ڪندڙ آهن، سي جپ صاحب پڙهندا
آهن. هتي گرو نانڪ جي مدح جا ڪي بند ڏجن ٿا.
توهين ڏسندا ته اِها مدح سپڪ بي انڪ آهي ۽ سنڌي
ساهتيه جي پريمين لاءِ واقعي بي بها مٺيو آهي.

١- آهين ڪلجُڳ ۾ قائم ست ڪرتار
ٽنهي لوڪن جو مالڪ آهين مختيار
ڪهين تنهنجو نه پاتو انت ۽ پار
اُڌارڻ لئه سکن جي لڌو اوتار
نماڻي جو وسيلو شاه نانڪ،
حمايت پشت مهنجي شاه نانڪ.

٤- ثابت مولڪي يقينو آهه توڏاهن
اوکيءَ ويل ٿي همراهه مون ڏاهن
نظر ڪر لطف جي ڏاتار مون ڏاهن
سيئين پاڙين خطائون آهن مون ڏاهن
نماڻيءَ جو وسيلو ......

٦- حضوري حڪم جي ڪا واڳ ڏي مون
عمر اقبال جو امداد ڏي مون
فتح حاصل طالع بيدار ڪر مون
اچي دشمن ڪري زاري اڳي مون.
نماڻيءَ جو وسيلو ......

٧- خزاني غيب مان ڏي رزق وافر
لڳان تنهنجي توهه ۾ والي مڱان ور

آهيان ڪاهل تنهنجي بندگيءَ ۾ قاصر
جنهن ويلي پڪاريم اچين تون حاضر
نماڻيءَ جو وسيلو......

٨- دليون دلگير ڪي ڪو ڏي دلاسو
ڪرين قرض مرض مان تون آجو
سيئي پارين سدوارج ڪارج منهنجو
سڄاڻپ لنگ، ننگي دامن لڳيءَ جو.
نماڻيءَ جو وسيلو......

١٢- سچي سرڪار تنهنجي شاهه شاهان
تنهنجي در تي ڪوڙين داد خواهان
سڻي تون سڀ ڪنهن جون عرض آهان
بدين تون عيب بخشين سڀ گناهان.
نماڻيءَ جو وسيلو... ..

١٦- طالب ديدار جي دائم رهي مون
تمنا تنهنجي چرنن جي رهي مون
طبع روشن عقل دانش ڏي مون
تنهنجي ديدار جي آشا رهي مون.
نماڻيءَ جو وسيلو......

١٧- ظلم ظالم ڪري ٿو زور ڀاري
وڃائج ڪارپت اُن جي تون ساري
سڻج دردمندن جي ڪا زاري
مدد مسڪين سان ڪر شاهه ياري
نماڻيءَ جو وسيلو......

١٨- عجب اسرار جڳ ۾ آهه تنهنجو
آهين همراه موڙهن ۽ ڏڏن جو
جنهن کي ڀروسو ٻيو ناهي ڪنهن جو
توڪل ڪوٺ تنهن سان تنهنجو
نماڻيءَ جو وسيلو ......

٢٦- نوازش جي نظر بيڪس اُتي ڪر
لطف ۽ رحم جي ٻاجهه تون ڪر
توڙي عيبن ڀريو آهيان سراسر
تنهنجي پشتي اٿم نه ناهي ڪو ڊر.
نماڻيءَ جو وسيلو ...... وغيره.

ڀرائڙيءَ ۾ ٻورن ڏيڻ جو به رواج آهي. اهي مورا اڪثر لس ٻيلي ۽ ڪوهستاني علائقي جا سرندائي ڳائيندا آهن. اتفاق سان ٻنهين ۾ زالن جي وائن به پڌيا آهن. اهي مورا مهني جي ٽيهن راتين تي تهيل آهن- مثلاً- گاڏيءَ گاڏا ويهه - منهنجي راڻل لاٽا ڏيهن- آءُ نه مورو ويني ڏيان.

ازانسواءِ اهي دهقاني طبعي شاعر کي ڳجهارتون پڻ بيتن ۾ ڏيندا آهن. ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪندي ڪندي ڪيترا ڳوٺاڻا انهن ڳجهارتن سلٽ ۾ سڄي رات ڪاٽي ڇڙهندا آهن.

ڳوٺن ۾ ڀيراڻي ڀنيري جا بيت به عام پڌا آهن- ڪي داڻا هتي ارٿ سهت ڏجن ٿا:

اُٺ مٿي ٻه چڙها چڙهيا جت وڃن -
پکڙا مڻهنجي پاند ۾، صلاح هو نه ڪن.

انهيءَ بيت جو ٻيو نمونو ٻه ڏٺو آهي:

جهرڪيءَ مٿي ٻه چڙها چڙهيا اُٺ وڃن-
ڦلا مڻهنجي ڦانڊ ۾، صلاح هو نه ڏين

مطلب: اُٺ يا جهرڪيءَ سان انسان جي تشبيهه ڪيل آهي. ٻن جڻن مان مراد ڪراما ڪاتبين يعني ڏومراج جا ٻه دوت آهن. اهي سدائين انسان سان گڏ رهن ٿا ۽ سندس ڏوهه ثواب قلمبند ڪن ٿا. پکڙن يا ڦلن مان اشارو گناهن ڏانهن آهي. مطلب ته اهي فرشتا ننڍا چون ته هيئن ڪر يا هوئن ڪر. هو فقط ڪرم جو چٺو لکندا وڃن ٿا.

گڏهه گتي گپ ۾، ڏٻا ڪن ڪري-
ڏانو ڏيوس هٿ ۾، وڃي لاٻارو ڪري.

مطلب. گڏهه = انسان. گپ = قبر. ڏٻا ڪن ڪري = ڏکي حالت ۾. ڏانو ڪڍي لاٻارو وجهڻ = ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ.

دهل دارون نه ٽٽي، وڃي نه لنگهو-
پيراٽو پنڃرو ڇوي، ڦاٽي پيو ڏواڪو

مطلب. دهل = انسان جو جسم. لنگهو = واس. ڏواڪو = آتما يا روح. جڏهن ماڻهوءَ جو روح پرواز ڪري وڃي ٿو، تڏهن سندس ڪاٺ پيٽڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ٿي وڃي ٿو.

هن ننڍي پستڪ ۾ ڳوٺاڻن جي طبعي شاعريءَ جو وچور سان ورلي ڪري نٿو سگهجي. مون ۾ اهڙي لياقت به ڪانهي. تنهن هوندي به ڳوٺين ۾ جيڪي ڳالهه ڳالهه جا ڪلام، ڪٿائون، ڪوٺائون، ڏوهه ڇرچا وغيره ڪيا ويندا آهن، تن جي هڪ مشت نمونه خروار پيش ڪجي ٿو. بهتر ته ڪو سگهڙ سنڌ جي ٻهراڙين جو گشت ڪري لوڪ گيت لاءِ ڪو مائيدار گرنٿ رچي. هن پستڪ جي مراد لوڪ گيت جو وستار ناهي. گرچ ڳوٺيون، جن ڏٺا ان لوڪ گيت جو ڦهلاءُ ٿئي ٿو، تن جو ذڪر ڪندي، اهي نظر انداز نٿا سگهجن. اڪثر ڳوٺيون رات جو ڳپل وقت وٺن ٿيون. ممڪن ناهي ته ڪو ماڻهو ايترا ڪلاڪ ساندهه ڳائي سگهي. انهيءَ ڪري وچ ۾ ڪا ڪهاڻي ۽ ڪٿا به ڪري ٻڌائيندا آهن. ازانسواءِ ساهي پٽڻ خواهه وندر لاءِ ڏور ڏوارا ڇرچا گهڻا، بي مطلب خواهه با مطلب گفتا اهڙا ٺهڪ. طبعاً تڪڙا ٻڌ خود ڳوٺڻ يا خاص مسخرن جي واتان ٻڌبا آهن. ڪي چيدا گفتا پيش ڪجن ٿا:

١- نانگن جا ناڙا وٺي، ڪين ته هاٿي ٻڌا هر
ڪيهر شير ڪنهين وٺي، ڪنهن ته گهمايو گهر
سپ ته سوجهي سمنڊ ويءِ ٻاٽي ڪنهن ٻر
ڪڏهن سياسين ڪان ڪا چڙهي ٻيڙي چوه چپر
ڇڪي ته اڏي - ڪيءَ لي ڳ ته جالي جر
ڀڙ ٻاٽي ته ٽري، حيلي ڪنهن هنر

سچ نہ اُلھندي اُبري، وچ نہ ڏرت سيئن ڏر
چڙيءَ چيڙايو باز کي، سا ڪيئن ثابت ويندي سر
مور ڪڪڙ نہ ٿئي، هنج نہ ڪونج ڪبر
اهڙي ٻر ڪپر، ڪرم ڪبير شاه چوي.
۲- نصيحت نادان کي ڪري ڪين اثر
ڪلر ٻهه مان ڪونہ ٿئي، توڙي جال پيار پئس جر
اَڪ انب نہ ٿئي، توڙي قند ٽي جهلي قر
شيدي گورو نہ ٿئي، توڙي مهٽي لاهي مر
ڪانهن ڪمند نہ ٿئي، توڙي هجي سڄو سر
لانگ ناڙو نہ ٿئي، اڪي ٻڪر وهي هر
ڪانءُ ڪبوتر نہ ٿئي، توڙي سونو پائي پر
مرون پالياڻون ميهن لي، ٻر تي پيو ساڳيو سوئر
ڪمينو اشراف نہ ٿئي، توڙي دوست هجي دلبر
پراڻو پهنجو نہ ٿئي، توڙي لئي ڪارائينس گهر
حرامي حلالي نہ ٿئي، توڙي هجي سونهن سير
ڪبير شاه چوي اهڙي عادتين،
آدمي ڏوڙ، سدائين ڏر.
۳- ڪٽڪ ڪري نہ ٻٽڪ ڪري،
جوئر ڪري نہ ڪاٽي ڪري
مڙس ڪري نہ پڙوس ڪري،
ڙال ڪري نہ گهر نہ ڪري
ڳڏهہ ڪري نہ گوهي ڪري،

محمد چوي ڪڻ سڻنئي ساڻ ته گڏهه گوهي نه ڪري.

۴- ريءَ ڇا ڄاڻي رباب مان، جنهنجي ٻولي ٻي
سرمنڊل جي ساز مان، ساڻدو ڇا سمجهي
جو ٽانگهي ۾ ٽاڪوڙا هڻي،
تنهن سان تار کهڙو تر جي
جو سنڌي سمجهي ڪينڪي،
تنهن سان هندي ڇا هلجي
اهڙي ٻبرڙيل نادان کان راهه وٺي رهجي.

۵- ڀڳهه کي صورت سهڻي ڏنائين،
ڪوئل ڪيائين ڪاري
نازنين کي واڄهه رکيائين، بدشڪل ٻارن واري
مٺو ٻاڻي رکيائين ٻي ٽيڊ ۾، سمنڊ جي هڙئي کاري
ونشا کي ڏنائين ڀت ڀليهر،
سڀئي ٿهي نه ساڙهي
سهڻا نيڻ ڏنائين مرگهه کي،
جو بن ۾ ڦري آهاري
مورکه راجا عيش اڏائي، پنڊت ڦري ٻڪاري.

۶- مڙدن ۾ ناهه ٻلو، طعامن ۾ پلاءُ ٻلو
زالن ۾ حياءُ ٻلو، شاهن ۾ نياءُ ٻلو
راجا کان آهي ٻلو، مدن مسخرو
شڪل جنهن ملوڪ جي اونده ۾ ٻوجهرو.

۷- ٻهر کان ويساهه ٻلو، چاڙهيءَ کان لاهه ٻلو

گرميءَ کان واءُ پلو، سرديءَ کان ڏاءُ پلو.

٨- سوپيا ۽ راڳ ٿوڙ ۾ ٿوڙ - جواني ۽ مايا پوڙ ۾ پوڙ
باقي پڇڙ ۾ بار - سوڙ ۾ سوڙ.

پڳتين ۾ ڪيتا ڪندي ڪي پڳت هندي گفتا ٻ-
وهائي ڏيندا آهن، جي پڙ رس چس کان خالي نه هوندا
آهن. هتي "ٻڪ" جي باري ۾ سنتن جا ڪي ويچار
ڏجن ٿا، چاڪاڻ ته سنت ئي آهن جن کي انهيءَ ٻلا
جو گهڻي ۾ گهڻو مقابلو ڪرڻو پوندو:

وڏي ايڪ انيتي ڪري جگ ۾
شب سنتن ڪي تن پيت لگائي
مکر چار نہ ڦيرو چار ڪيو (برهما)
ترڻ، پلاو تهن آهار بنائي
اَت ڏين مليں، دکي تر جي
تن ڪي گرهه پيتر بيک منگائي (گهر)
من ڪي انوسار رچي جگ ڪو،
وڏ جانت هون تهين سيک بنائي (گلاب سنگهه نرملا)

فريدا موڙون بک بري،
رات کاوي ڏينهن ڪڙي (شيخ فريد)
پوڪي پڳت نہ ڪيجئي،
ہ مالها اپني ليجئي (ڪبير)
لوپاو بيت ڏيو بڙو پاپ لگايو.
(سندر داس - (دادو پنٿي)

جيڪي شخص ريگو آتم چنتن جا لمبا اُپديش ڏين
ٿا، تن کي سنڌين جي مٿين ڀاڱيءَ تي جوڳو ڌيان ڏئي
انهيءَ لئي اجهي جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
گهرجي. خود ڀرتري هري جو هندن ۾ وئراڳ وير ليکيو
ويندو آهي، سو ڏسو ته ڇا ٿو چوي:

وئراڳ شتڪ:- ڪل ڪو جو مان
سو مهان دک گرنت آهه (گرنت = ڳنڍي)
ٿانهن کي **پرپيدن** ۾ مها سياڻي ڀاري هئي
(پرپيدن = پيڙڻ)

٢- گُڻ گڻ، ڪوي واڙي، ٿانهن ڪو ڪڙان هاري
صبر سوم اُجياري، لاج لتا ڪو کهاڙي هئي

٣- موکش يوگ، سکر آڙي، ديتا، ڪليش، ڪياڙي
ڌيرج کي ديپ کو، سمان بياري هاري هئي

٤- انسي ڀيت کي پٽاري، لائي ڪروڙ مکر چاري
پوُر پوُر سب هاري، ڀر ناڳي وشو ساري هئي.

---

"ڀڪ ڀڄڙي ٻلا، دانهن ديوانا ڪري." ٿمهڪري
عجب ٿاهي جيڪڏهن ڪيترائي ساڌ

"اوُجل ڦرن، آڌ ٻن تن. ايڪ چت، دو ڌيان
ديکت ۾ تو ساڌ هئي. لِپٽُ پاپ کي ڪاڻ."
ٺڳي پيا آهن.

ڳڳتين ۾ عمر مارئي، هير رانجهو، سسئي پنهون

وغيره اڌ بيتن ۾ ۽ باقيست کھاڻيءَ جي نمولي ڪري ٻڌائيندا آهن، ۽ وچ وچ ۾ هرڪو ٻيگت ۽ سندس ٻولڙيا ڪي اوپارا لهوارا گفا ٻه وهائيندا ويندا آهن. هن هنڌ وڌيڪ وستار جي گنجايش ناهي. اميد ته پاڻکن ڪي سنڌي ڀڳت جي ڏاڍي ٻيٽي جي ووچاري ڇاڻ متيِنءَ لکيت مان ئي پڙهي چڪي هوندي. آخر ۾ ڪنور جي آلاپيل لاثاني لولي، جا سنڌي هندي ماڻن کي ڪنٺ ڪرڻ گهرجي، لفظن جي معنوي سميت تي ڏجي. اهو رڪارڊ ٻڌو، ۽ ضرور ٻڌو. بهتر ته گهر گهر ۾ اهو رڪارڊ هئڻ گهرجي.

لولي :- لولي ڏيوان لال لون - ڪي جيڙي ٻال لون
لوليان لو لو- لولي ڏيوان لال لون

١- چندن دا وي پنگوڙا گهڙيا - ڏطيا طلي داري
ها ها ها، ها ها ها، ها ها ها
رنگ رنگيلا کيلڻ لاڳي - ماءُ جاوي ٻلهاري
مڻن واوي ليري- ماءُ جاوي ٻلهاري -
ٻلهاري، ٻلهاري، ٻلهاري
ڪردا آرڙ آرڙ، آرڙ
لولي لال لون ڏيوان -
ڪي جيڙي ٻال لون ڏيوان

٢- مکڻ نال کوپسان روٽي -
ليل قليل، ڳند پسان چوٽي
آئي آئي آئي - آئي آئي آئي

سر ٽيڏي تي ڏيوان ٽوپي -
سر لالن دي ڏيوان ٽوپي
پٽ دا چنور جُهليسان -
جُهلي سان، جهلي سان، جهلي سان
ڪردا اوُڳن اوُٺان اوُٺان - اوُٺان اوُٺان اوُٺان
لولي لال نون ڏيوان -
ڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان
۳- مور مڪٽ سر ٻرهه ٻراجي -
ڪنڊلن ڪي ڇب نياري
سورداس ٻربي ٽمري ملن ڪو-
چرنن تون ٻلهاري
ٻلهاري، ٻلهاري، ٻلهاري - ڪردا أرڙ أرڙ أرڙ
لولي لال نون ڏيوان -
ڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان
ڪردا اوُٺان اوُٺان اوُٺان - اوُٺان اوُٺان اوُٺان
لولي ڏيوان لال نون -
ڪي جيڙي ٻال نون ڏيوان.

پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ ٿورونئي ڪو سنڌو آهي. اپي طرف سرائڪي عام آهي. اڪثر هندو گهرن ۾ به اهائي مٺي ٻولي ورتبي آهي.

لفظن جي معنيٰ:- پنگوڙا = پينگهو. وَٽيئا = واٽيل يا مڙهيل. طلي داري = زريءَ جو ڀرت. رنگرنگيلا = راس رچائڻ وارو. ڪوهسان = ڪارائيندس. ڳنديسان

چوڻي = چوڻي ڪنديس يا ٺاهينديس. پٽ دا چنور
جهليسان = پٽ جو چنور لوڏينديس. برهه براجي = سهڻو
ٿو لڳي. ڇب = سونهن.

مون لوليون گهڻين ٻولين ۾ پڙهيون ۽ ٻڌيون پڻ
آهن، پر سنسار ساهتيه جي اکٽ ڀنڊار ۾ ماتا جي
هردي اندر اهڙي اپر ٻڌي سٺي نه الم. شوُ برٽ جي
جرمن ڀاشا ۾ لولي جڳ پرسڌ آهي، پر اها به هن سان
برميچي نه سگهندي. جن جي وجود ۾ ساهتيڪ گيان
۽ رس آهي، سي مڃيندا ته هن لوليءَ جو ڀاوُ نوڙي
شبد شوڀنيڪ آهن. البت جنهن لولي ڪنور اها لولي
ڳائيندو هو، سو سندس ذاتي ايجاد هئي، جنهن مان
سندس ذڪي طبيعت جي جاچ پوي ٿي. ڪنور جي
راڳ جي وشيشتا هئي سندس عجيب آلاپ. اهو آلاپ
نه فقط سرل ۽ سريلو، روان ۽ شيرين هو، پر نهايت
بلند ۽ پهاڙن ۾ پڙاڏي جيان وڄندڙ، جهرڻي جيان
اڀرندڙ ۽ ڪنجهي جيان وڄندڙ پڻ. بهتر ته رڪارڊ
ٻڌي انجو لطف وٺو، ڇاڪاڻ ته سڪتن لفظن ۾ ان جي
گوناگون خوبين جي اظهار جي لياقت ناهي.

ڪنور جتي ڀڳت وجهندو هو، اتي ماڻهن جا حشام
اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ڪي ريل گاڏيءَ ۾ ايندا هئا ته
ڪي بيل گاڏين، اُٺن، گڏهن ۽ ٽانگن تي. جئن پتنگ
روشن چراغ تي مشتاق ٿي طواف ڪندا آهن، تئن خلق
خدا جي سندس موهيندڙ گهائيندڙ ڪنبائيندڙ آواز تي

پيرن ۾ پازيب ۽ ڪڙيون پيل نووريون خواه پوڙهيون
جهجهي انداز ۾ ڏسبيون هيون، ۽ پرائي پهار ڪري
منهن کي موڙا ڏئي ٻين کي ٻيو ڏارائي يا مٿو ماريو ڇڏي
ميلو مچائيندڙيون هيون. اڪثريت هاري ناريءَ، ڪمي
ڪاسبيءَ، ڪراڙ ٻقال جي هوندي هئي. پر سيٺ
وڏيرو، ڪامورو ڪاردار ۽ ڪٽڪن وچ ڇانئي سرنهن
جي ڇٽ وانگر ٻريان پٽرو ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪنور
پنهنجي سر انڪل ٻين نين ٻجي ايندو هو. ٻـر خلق
گهڻو اڳ ڪٺي ٿيندي هئي ۽ اهو لقاءُ خود ڪو گهٽ
مزيدار نه هوندو هو.

ڪنور پنهنجي گهر ۾ خواه ٻاهر نهايت سادو لباس
پائيندو هو. ڳاڙهيءَ ڪنيءَ سان سوٽي ڌوتي، پهراڻ،
صدري ۽ اڇي نپٽ ٽوپي. اهي سڀ ڪپڙا ٿلهي کهري
کاديءَ جا ٺهيل هوندا هئا. پيلي پلاٽي ۽ اوچو ريشمي
ڪپڙو نه پائيندو هو. اتفاق سان ڪنهن پريميءَ جي
زور ڀرڻ تي ريشمي وستر وٺندو هو ته اهو پاڻ نـــه
پائيندو هو، پر ڪنهن گهرجاؤءَ کي ڏئي ڇڏيندو هو.
البت پڳ ويل پـڳ، گهاگهرو ۽ گهنگهرو پائيندو هو.
هينئر ته سندس فوٽو گهر گهر ۾ موجود آهي. جاچي
ڏسو. مٿي تي زعفراني رنگ جي داغ داغ واري
ڇيرولي پڳڙي، ڪن ۾ ڪنڊل، ٻت تي سفيد بيداغ
ڪڙتو، هيٺين ڌوتي ۽ پيرن ۾ گهنگرو. صورت ڪٽڪ

سنڌيا جي ظاهري ڏيک ويک ۾ ئي مشغول آهن. اهڙن ولن اهو راز ۽ رمز پرائڻ غير ممڪن آهي.

"سنڌيا شراب جون ڪوهه ڀڄارون ڪن
جڏهن ڪانت ڪلالن ڪيا، موڙيو پوء وڃن."

ڪنور جي آلاپ مان لوڪ پنهنجي دل جا ٻول جذبا ۽ سورن جو سوز پرندڙ ڪانٽ مان دونهي وانگر نڪرندو ڏسي، مينهن وانگر رچڻ لڳندا هئا، يا بت جيان چڙ پڙ ٿيا هڪٻئي هنڌ ڪپهي ويندا هئا. ڪي نه روئي به ڏيندا هئا ۽ ٻيا چاڪ ڪلاڪ به آپو وساري چنتا ميساري، سنگيت جي لهرن ۾ لڙهي ويندا هئا.

پڳتين ۾ ساهي پڙهڻ خواهه وندر لاءِ ڪتابن ڪهاڻيون لونڪا ۽ چرچا گهڻا پڙهندا آهن. اهڙيون ڪهاڻيون اڳئين باب ۾ مثال طور پيش ڪيون اٿم. باقي سسئي پنهون، هير رانجهو، مومل راڻو خواهه هرشچندر، نل دمينتي، ساوتري ستياوان، حاتم طائي، ليلا مجنو وغيره جون ڪهاڻيون سڄي سنڌ ۾ ڦهليل آهن، جنهن ڪري انهن جو ورنن ضروري ناهي. انهن ڪتابن ڪنديون پوڙهيون کي ٻڌڻ لاءِ گهڻو به ڏينديون آهن، جو ڪاڻ نه ڪڇونڻ ڪي انهن مان خاص لطف ايندو آهي. ڪنور سان به اهڙا سر ونانو هوندا هئا.

اوائل ۾ ڀائي رامن ماڻهن جي شڪل لباس پڙليءَ جي اهل ڪري، وهڙن مان ڏنگ ۽ وهوءَ مان ونگ ڪندي

آتمڪ آجائي سبب هو. جئن ڪنهن جو ڪٽورو
وڄندو آهي، تئن سندس آواز ۾ جهاڻ هوندي هئي.
ازانسواءِ ڪنور هو انساهه ۽ امنگ جي مورتي، جنهن
جي انگ انگ مان گرم چشمو ڇوهه مان پيو ڇلڪاريندو
هو. هيٺئر ۾ سندس رڪاوٽ پڌو. فولي ڪان ٻرٻرو
ايڪانت ۾ هڪ مدو ٿي سندس منوهر واڻيءَ جو واس
ونو، ته سندس آواز جو راز خواهه سندس اوچي شخصيت
جو پرواز پروڙي سگهندا. هو ٻين ڪي پنهنجي هنر
ڏي پڪارڻ يا واهه واهه ٻڌڻ ۽ تالو ڪيڻ لاءِ ڪين ڳائيندو
هو. پر پنهنجو ٻاڻ سان اورڻو اورڻ، پنهنجي من کي
سمت ڏيڻ، ۽ پنهنجي ڀاءُ ۽ امنگ، سوز ۽ خوض جو
اظهار ڪرڻ لاءِ آلاپ ڪيندو هو. واقعي سندس آلاپ
آهي ورلاپ، جنهن ۾ هرديه ۽ ڪنٺ شبد جي اوٽ
انوسار سر ٿا سورن. سندس آواز ۾ سيتلتا ۽ گنڀيرتا
سان گڏ ڇوهه ۽ چنچو پرواهه پڻ آهي. جڏهين موج ۾
”توُن توُن، توُن توُن“ جي ڌن لڳائيندو هو، ته
ٻالڪپڻو هو سندس چت ڪنهن اڻ ڏٺي پريتم سان اٽڪيل
آهي. ڳائيندي ڳائيندي اکيون ٻوٽجي وينديون هيس
۽ ڳاهي ڳاهي منجهان گرم گرم لڙڪن جي جل ڌارا
وهي ڇلڪندي هئي. اوڏي مهل راڳ ۽ راڳي هڪ ٿي
ويندا هئا ۽ ٻڌندڙ به انهيءَ لئه ۾ لين ڏسبا هئا.
دردمند ٿي درد پيدا ڪري سگهي ٿو. باقي ٻيا آهن

خواهه راڳ ۾ پنهنجي مٺيا آهي، جا ٻين سان لڏهن ولڏي سگهجي، جڏهن ٻاڻ ۾ اهڙي مهارت هوندي. تنهن ڪري هرهڪ سنڌيءَ جو فرض آهي تہ اهو فن سکي ۽ اُن کي سڌاري ۽ وڌائي ۽ اهڙي ريت سنڌي سپيتا ۽ امر شهيد ڪنور جو نالو قايم دائم رکڻ ۾ ڀاڱي ڀائي ٿئي.

---

واڳہ ڏٺيءَ جي وس، آءٌ ڪا ٻاڻ وهيٺي

١- هلايو تان پي هلي وڃان - ٻهاريو تان ٻس

٢- ويندس رهندس ڪيڏڪي -

منهنجي پنيور ڪان بس

٣- وڏڙا ميٺهن ملير لي - گاهن لايا گس

٤- سرليون عبداللطيف چوي - دل جو دشمن ڏس.

---

ٻيت - پڙهڻ پڙهڻ پاڻ ۾، وڏو فـرق قيم
ڪاڏي منهن محبوب جو، ڪاڏي اکر ابر
ساڻ سهائي سج جي، ڇا موافق ٿيندو مير
جن صحيح سڃالو پير، روهل رامت نہ تن کي.

---

قلم تازو

هن پستڪ ڇپجي وڃڻ پڄاڻا هڪ HMV رڪارڊ ٻڌڻ جو موقعو مليم. ڪنور جو مارُوءَ ۾ آلاپ هو، ڄڻ ته اُداس ۽ الوڪڪ هوندو هو، ته

مک سان نام وار، اي ٻنديا

اهڙي ڀاءُ ۽ اُمنگ سان آلاپيو اٿس، جو لوليءَ جيان اهو پڻ سندس شاهڪارن ۾ شمار ڪرڻ گهرجي. مون اهو رڪارڊ لاڳيتو اڌ ڊزن دفعا ٻڌو، ۽ تنهانپوءِ پڻ اها پيڙا دل ۽ هچيل هئين واري لامع، اها مني ۽ ماني تار ڪنهن روچڪ ۾ دکدايڪ ياد جيان قلبَ جي تنبور تي پئي لڏوين. لاشڪ ڪوملتا ۾ ڪشش آهي. ۾ نومل دويه جوت جي جهلڪ ۽ تن اندر تنوار ٻنا اهڙو آلاپ ڪداچت ڪين نڪرندو.

ڪرستانن وانگر هندو سنتن جو پڻ ويچار آهي ته منش آد ڪان ٿي ليپ لڳل آهي ۽ اهو آدي ڪلنڪ (original sin) ڪروڌامي جي ڪرپا ٻنا لهي نه سگهندو. هيءَ منش جامو ٿي اهڙو آهي جنهن ۾ نيڪي ۽ بدي اهڙي ڳنڍي پئي آهي، جو انهن جاڙين کي هڪٻئي کان الڳ ڪرڻ تقريبا غير ممڪن آهي. ماڻهو ڇا به ڪري نه اَجالي ٿي لڳائي چڱائي سان ملي وڃي ٿي ۽ جيون جامو ازخود خاڪستري ٻڻجو پوي. هي سنسار

ٿئي. تنهن هوندي به جيڪي ڪجهه ٿو تنهن جو نتيجو، جالي خواه اُجالي، اڇ يا سياڻي، جهڪو يا ٽڪو ضرور اڪري ٿو.

هر حال انسان آهي حيوان جو ٻچو. ۽ عجب نه ايشور جي اُنس پڻ. الهيءَ ڪارڻ سندس سياھ هڪ طرف تو ڇڪيس نه ٻڌي ۽ وڏڪ ٻي طرف. اها اوچ ۽ نيچ وچهر لتڪ اڪثر اهڙا ڪل ڪونج ٿي ڪيڊي، جي واقعي عبرت خيز آهن. جي ڪو وڳو آهي آڪاشي نه پرٿويءَ تي ٿي داڻيون انس ۽ ٻر جي ٻڌجي ٿو پرٿوي پتر- ٻس منش جو پاھ. نه آتمڪ اوسر ڪان واڃهجي ٿو وڃي. سوال آهي نه دين ۽ دنيا، خودي ۽ خدا ٻنهي سان ٻورو ڪيئن پڄجي؟

پل الله لوڪ ڇا به چون، پر اها حقيقت آهي ته انساني خوديءَ تي جهر جهنگ، بر بيابان کي باغ بستان جي صورت عطا ڪئي آهي، ۽ زندگيءَ ۾ رنگ رونق هنر حرفت، ذوق شوق، تمدن تهذيب آندي آهي. ورنه هرڪو ٿولهي تڪر ڪٽي الف جيان اُگهاڙو الله جو نالو وٺيو ويٺو هجي ها. آپو نه هجي نه بار ٻچو ڄڄڻ، گهر ۽ شهر ڇو ٻڌجن ۽ سپيتا جو ناٽڪ ڇو رچجي؟ البت آپو جيسين آپ جي محدود ۽ تنگ دائري اندر ترقي ٿو ليسين وشال جگت جي وڪرن ۽ سماجڪ اُنتيءَ جي آڏو ٿو اچي. تنهنجي معنيٰ نه آهي جو دائرو

موڪرو هٿڻ ڳهرجي، تان جو اُن جون حدون سڃوري خدائي پاڪر پيڙو ڪن. ورنه آيا اهڙا آهن جيترا جيڪ، جي هڪ ٻئي سان ٽڪرجي تباهيءَ جو باعث ٿا بڻجن.

ڏين ۽ ڏليا ٻنهي سان ٻورو ٻوڙ لاءِ گوتم ٻڌ مڌيم مارڳ (Middle path) ٻتايو آهي، جنهن ڏٺاران ماڻهو انتهائن کان ڪنارو ڪري وچون وهه وٺي جيون سڦلو ڪري. هر حال اهو مڌيم مارڳ آهي خاڪي وستر جو ٻورلي مارگين جي ڦڪي اوڇڻ خواه رنڊن جي ڪاري اوڇڻ (ڪارو وستر جيڪري فنا تي وڃڻ جي علامت آهي) خواه پاڪ بازن جي اڇي اوڇڻ کان نرالو آهي.

ٻر انهيءَ مڌيم مارڳ تي ٻلڻ اهڙو اٽانگو آهي جهڙو صراط پل پار ڪرڻ. اها پل شمشير جي ڌار جهڙي آهي، ٻلڪ خود تيز شمشير آهي، جا لوڪ پرلوڪ وچ ۾ اوڙاه مٿان اٽڪي بيٺي آهي ۽ ٿورو ئي اک ٿڙڪڻ سان ٻير کسڪي وڃو دوزخ ۾ داخل ڪري ۽ حورن جا اشارا اک ڏٺائي هن پار رهجو وڃن. اهڙي حالت ۾ ثابت قدم رهي ساهميءَ جا ٻئي ٻڙ ميزان ۾ جهلي ٻهڻ ۽ ڌرمراج، جو هرڪنهن جي اندر ۾ ويٺو آهي، تنهن جو ڪوڏي ڏمڙيءَ سميت حساب چڪتو ڪري ڏيڻ ويچاري ٻندي لاءِ نهايت ڪٺن آهي.

انهيءَ سبب سنتن ڪرم ۽ اُن سان لاڳيتي اياءَ مان ليٺارو نه ڏسي، ڏيا (Miseri cordia) جي مانگ ڪئي

آهي، ۽ سچائن منش جيون جون مشڪل حالتون مد نظر رکي، قانون (Law) سان گڏ معافي (Amnesstia) لاڳو ڪري ڇڏي آهي. شاھ ڪين چيو آهي:

جيڪي منجهه جهان سو تاريءَ ڏٺي تنهنجي
لطف جي لطيف چئي، تو وت ڪمي ڪانهه
عدل ڇٽان آءٌ نه، ڪو قيرو ڪج فضل جو.

گروءَ جو ٻيو ٻول آهي:

ليکي ڪبهون نه ڇوٽئي ڪن ڪن ٻولڻ هار
بخشڻهارا بخش لئي، ناناڪ پار اُتار.

ڪرم جي سدالت ڪي اڻ پورو سمجهڻ سبب جا نردئتا ۽ قسمت تي ڀاڙڻ جا عيب نا اڪرن، تن تي هن هند مفصل اپنار جي گنجايش ناهي. ستت ڪين تا چون نه انانت ۽ وڏوا جو ساٿ نه ڏجي، ڇاڪاڻ نه هو ڪرم جو ڦل ڀوڳي رهيا آهن، يا پليگ ۽ ڪالرا کي ٻڌجو ڏيڻ لاءِ اپاءَ نه وٺجن ڇاڪاڻ تہ جيڪي اُهن مهامرين جو بک ٿا ٿين، سي اڳئين جنم جو ڪيتو تا لوڙين، يا هريجن ۽ مسڪين ڀل پيا سڙن مرن نه اوچ جاتيءَ وارا ۽ شاهوڪار ساڻن ڀائپيءَ ۽ همدرديءَ جو ورتاءُ نه ڪن. سچاڻ جاڻن ٿا ته ڪرم آهي قانون يا هڪ لاڳيتو رشتو جو اناد ڪان هلندو ٿو اچي، ۽ جنهن جي زنجير ۾ پراڻي نه ڇا پر سڄ چڱب تارا بدل آهن. اهڙي اٽل نيم کي سماجڪ ڪلور جو واهڻ بنائڻ ۽ احمقانہ دليل ڏيڻ نہ

هر ڪو مهاپرش جو دک ٿو ڀوڳي، سو اڳئين جنم جو
ڪيتو ٿو لوڙي، ۽ هر ڪو شاهينڪ ۽ ابليس جو موجون
ٿو ماڻي سو اڳئين جنم ۾ عمدا ڪم ڪري آيو آهي، سو
آهي قدرت جي قانون کي موڙي ۽ سماجڪ ڀراين ٿي
اک پوُر ڪري، پنهنجي غليظ ذهنيت ۽ ملين مت جو
نماءُ ڪرڻ. اسان جي سنتن ۽ عيساين وانگر رحم ۽
ڪرم (Grace & mercy)

ديا ڌرم ڪا مول هي، نرڪ مول ايمان
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ ۾ پراڻ

ٿي خاص ڌيان ڏنو آهي.

واقعي جي روءِ عدل ۽ انصاف جي اوٽ ٿي وٺجي
ته اسين جيڪي عيب ٻين ۾ ڏسون ٿا، سو ٿورو ئي
اندر ۾ جهاتي پائڻ سان پاڻ ۾ پسون ٿا. ڪو به اهڙو
ماڻهو ساماڻو ناهي، جو اُشڌتا کان آجو هجي.

تنهن هوندي به سڀئي هڪ جيترا ڪارڻ ۾ رڳيل
ناهن. فرق آهي رنگن جي گهاٽائيءَ ۽ هلڪائيءَ ۾
گرچ انسان جي حيثيت ۾ سڀ سمان آهن.

البت ياد رکڻ گهرجي ته جيسين ورتيءَ ۾ ڦيرو نه
آيو آهي، تيسين اها ورتي پٺي پوهي ۾ وجهندي ۽
خود بخشڻهار به بخشي نه سگهندو.

عين جي اک سان ڏسبو ته ٻڙڇي به پاڻ نه، گهاٽ به
پاڻ، پاپ به پاڻ ته پڇتاءُ به پاڻ ئي آهي. تڏهن هوندي

۽ تجربي مان سکجي ٿو ته جيسين هڏي ۾ ماس جي ۽ بولي ۾ واسو آهي، تيسين گمراهين کان پاسو ڪرڻ مفيد آهي. باقي جيڪي وحدت الوجود يا اوم برهم اسمي جا قائل آهن، سي خود ڪو وزنائتو دليل پيش ڪري نٿا سگهن، ته آخرڪار هن جهان فانيءَ جو خاڪي جامو ڇهڻ ۾ ڪهڙو مطلب ڪيل آهي. ڏسو ته سچل ڇا ٿو چوي:

اِهو الم ارمان، ڇا منجهان هت ڇا ٿي آيس

١- چاڪر ٿيڙس نه چاڪان چاڪون، صحيح هيس سلطان.
ڇا منجهان هت ... ...

٢- دائه هيڙس ديس الهيءَ ۾، هت ٿيس نادان.
ڇا منجهان هت ... ...

٣- ڪوني جاٽي ڪوني سجاٽي، اِهو مُڙدن جو ميدان
ڇا منجهان هت ... ...

٤- اصلون ساڻ وٺي هت آيس، سورن جو سامان.
ڇا منجهان هت ... ...

٥- هڪ گهران اڪري بي گهر آيس، محض رهيس مهمان
ڇا منجهان هت ... ...

٦- بحر اَلون جا لهر اُيي ٿي، موٽي ٿيو مهران.
ڇا منجهان هت ... ...

٧- سچل کي ڪيو ساعت ساعت، حيرت هن حيران.
ڇا منجهان هت ... ...

هر حال محدود زندگيءَ جا مقصد به محدود ٿي ٿيندا، گرچ انهن جي حد ايڏي وڏائي سگهجي ٿي، جو الهيءَ استول آدرش تي پهچڻ لاءِ ٿي ڪيئين جنم کپن. جي زندگي آهي سفر، ته اهو سفر آبائتو سيبائتو ڪرڻ لاءِ ڪا گهڻي لياقت نه کپي.

ساجن سير ڪرڻ لئه آيو، نانءُ رکي انسان ميان
۱. ڪاٿي ڪافر گبر يهودي، ڪاٿي مسلمان ميان
۲. ڪاٿي پڙهي ٿو پوٿيون راماڻ،
ڪاٿي پڙهي ٿو قران ميان
۳. ڪاٿي مذهب جو موالجهارو، ڪاٿي بي ايمان ميان
۴. ڪاٿي بيڪس طالب ٿئي ٿو،
ڪاٿي بيدل پير مغان.

درويشن جا پوُر ۽ پڙڪيون وڃي چڪاسبا ته پائت پائت جا رايا ۽ ويچار ڏسڻ ۾ ايندا:

سڪڻو عقل جي پيچ پيچ دليل ڏئي فلسفا ٿو ناهي، سي به اهڙا ئي اڻ پورا آهن جهڙا ڌرم ۽ مذهب. پر عقل بنا سڪڻو عشق به اهڙو ئي عاجز آهي. ڏسو سوُر کي سوُر ۽ اندر جي اڌمن کي ڪير ڏکي سگهندو؟

۱. سچل ڪي سو سوُر، ڏيئي ويا ڏاج ۾
ڏردن ڏني دعوت آئي، پنهنجا ٿيم پوُر
آيل جي اسور، پالڊ ا. پوي تن سان.
مٺ مٺ سوُرن سڀ ڪنهن، موُن وٽ وناٺا
پرڀون ڪري پٺان، ويا وهائو لڪري.

آهي، سبب خود عاشقن کي بہ عقل جي ضرورت پوي ٿي. سچ تہ ظاهر خواہ باطن جي تلاش جا اصول ۽ نيم ڪي هڪ ٻئي جي اُبتڙ ناهن، جنهن ڪي تصور ڪن ٿا:

پڇن سي پسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي
ڏوريندين ڏسن، اڳڻ عجيبن جا.

پڇڻ آهي تحقيقات ڪرڻ ۽ ڏورڻ آهي تجربو، جي وگياني کوجنا جا اهم انگ آهن.

دوهو ۱. مندر توڙو، مسجد توڙو،
تو ڪڇ نهين، مذاق هئہ
دل مت توڙ کسي کا پياري،
يہ گهر خاص خدا کا هئہ

۲. جن کو ڪمت ملاپ هئہ، تن مکہ برست اور
گهت سيتل، هردا سُکي، باجي انهد تور

۳. پريم پريت راچي رهو، ڪُمتي ڪنل سي دور
من سرت سي جهوجهہ ڪر، رهو شبد ۾ سوُر.

جي ڪو ڪبير وانگر سڀ جو خير گهري ۽ سچل وانگر ڪکہ پن ۾ سڄڻ جو درشن ڪري ۽ من الدر محبوب ڳولي تہ ٻيڙا ٿي پار اٿس. وڏيڪ فلسفہ جي خرخسي، پاڻ پوڄا جي پاکنڊ خواہ مجذوبين جي مستيءَ جي ضرورت ٿي ڪانہ پوندي اس:

محبوب ڳولي ڏس من ۾

۱. بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾

٢. چوري چوريءَ سير ڪرڻ تي، تنهنجو چال چمن ۾
٣. سرس ڪري سينگار اڄ، دوست آيو درسن ۾
٤. دلبر ڏيرو دائم دل ۾، ڇو ڏيکين درشن ۾
٥. سچل سائين صحيح ڪري ڄاڻ، يار گڏيو ڪڪڻ ۾

بيت: جي تو لڪ لنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزا وار
هم منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

٢. سامي سڀ ديدار، انتي عجيبن جو
ڏسي ٻڌي ٻاڻ تي، ٻولي ٻولڻ هار
نراڪار آڪار، ڏاري آيو جڳ ۾.

٣. خالق منجهه خلق، خالق سڀ خلق ۾
سمجهي ڪو سامي چوي، ورلو ڄڻ هڪ
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي.

دلپسند جو ڪجهه ڪلام ڇاپي هيٺ نه آيو آهي. هتي سندس ٻه ڪلام، جي نهايت دلسوز آهن، ڏجن ٿا:

ڪنهن کي سليندس آهه اندر جي،
نيهن لهوڙي مونکي نسنگ نيو

١. عشق اچانڪ راهه ويندي جو،
سانگ نه ڪيڙو ڏکن ڏڏيءَ جو
جيءَ جانب لئه جوڳي ٿيو

٢. ڪاڻ ڪيچن جي ڏيهه ڏور ويندس،
سور ساٿي ڪري واندر وڙهندس

هؤ جو هٿي هاڃو، هنيون وٺي ويو

٣. جهلي پلي جيڏيون، ڪنهنجي نه رهنديس،
طعنا مهڻا سڀ سر تي سهنديس،
مولڪي جوڻ جانب جو، ڪو ڏس ڏيو

٤. عشق اٽانگو جي تي جام،
پيچ پرت جو هولڊ نه پام،
هولڊ پؤر پرين جي نه پڇڻ پيو

٥. باه برہ جي ٻاري ٻاروچل،
آن الڊر م لائي ڏاڍي جل،
راتِ ڏينهن تنهن م پڇڻ پيو

٦. ورهه ويڙهيچل ڪيس ويراڳڻ،
اکڙيون اٿاريون اڇي اوجاڳڻ،
سمهڻ وهڻ مولڪي وِهه ٿيو

٧. ساڻ سپرين عشق اڙايس،
سورن ڪارڻ ڇاڪي ڇايس،
هاڻي سڪ سڄڻ جي سرڻ ٿيو

٨. دلپت درسن ڪيس ديواني،
لاهي هليس لڄ لوڪاڻي،
ٻاجهون عجيبن ٻجهي نه پيو.

هڪوار دل ڏني، پوءِ منهن ڦيري وڃڻ، خام طبع جي خامي آهي. صادق دل وارا انسان اهڙن کين ڪندا آهن:

جيڏيون جانب آيا، جن جي نهوڙيس ليهن

١. جانب ذوق مون ٽيڙا ظاهر، اکين ڏٺم اندر ٻاهر
چاڪي ساه سڪايان، مون وٽ رانيان ڏينهن
٢. عشق آگم جيءَ جهڙ لايا، من جا محرم ميگهه ملايا
ويهي وصل وسايان، محبت سندا ميهن
٣. جنهن جي ڪارڻ هيس حيراني، آهي آيم جيءَ جا جاني
چاليءَ مدجهه ڇپايان، ڏيهه ڏيکاريان ڪيئن
٤. رمز ذاتي صحيح سڃاتي، ڪيڙي اندر عشق اٿاتي
ويٺي راتول ڀانيان، جوڳي اندر جيءَ
٥. دلپت هيءَ دل آهي ديواني،
دستون دوستن وٽ وڪاڻي
وڪي ڪيئن ورانيان، هونئن ڪان هاڻي هيءَ.

اها سٽڻ جي سڪ جا جان اندر جهوري لوري ٿي آپن ڪري، تنهن کي شاه "سڪڙي سدوري" ٿو سڏي. ڪهڙو نه مٺڙو ٻول آهي!

لاٿي ويا مٿيءَ کي لوري،
هيءَ گهوري منهنجي جندڙي جتن تان
١. اٿي آڏيءَ رات جو،
منهنجو ٻهل وني ويا جت زوري
٢. ماڻهو شهر ڀنڀور جا، آءٌ تنهين ۾ هيس ڀوري
٣. ڪونهي ڏوه ڏيرن جو،
مونکي ننڍڙي اڇي وٺي اندوري
٤. سرتيون شاه لطيف چوي،
مون کي سڪڙي لڳي آهي سدوري

ٻر جن جو مزاج ٻالڪپڻ کان ئي عاشقاڻو آهي، تن کي زندگيءَ ۾ آهن سُور ئي سُور. گويا سندن ماءُ ٿڃ ۾ ئي سورن جي لولي ڏني اٿن:

ڏني ڪا ماءُ سورن جي، پينگهي ۾ لولي (آلا)
١. پٽو پاليان پالڪي، ڏونگر ڀايان ڏولي (آلا)
٢. روئي پرينديس رڃ ۾، چاڪن ڀري چولي (آلا)
٣. اهڙي ڪانهن ڪا هٿي، ٻاروچل ٻولي (آلا)
٤. سرتيون شاهه لطيف چوي، صاحب ڪندو سولي (آلا)

ڪڏهن ته اهي سُور ساڻي پيدي، انسان جي مختصر آيُو اٿين ئي گذري وڃي:

راتڙي تو بن رات، موڪي ويئي ورهه لنگهي ويا
١. آءٌ ته اوهان جي آهيان، کهڙي پڇو ٿا ذات؟
٢. ڪونر چولڻ پنديس ڪاڪ جا، ٻره ڦٽي ٻر پات
٣. ستي هيڙس سيج تي، تارن ڀري هٿي رات
٤. سرتيون شاهه لطيف چوي، ڏاڙر ڏ پندم ڏات

رات جو تارا ڳڻي ڳڻي، نيٺ ٻر ٿيو پٽجي ۽ ماٺهو پڪو ارادو ڪري سندرو ٿو ساهي:

پيچ پنهل ويو پائي، هل ڪاهي، همت چاهي؟
١. ڏينديس ٻاهه پنهور کي، لاڳاپا سڀ لاهي
٢. ٿرن ۽ ٻرن ۾، منهنجو اجهو آرياڻي آهي
٣. کهنديس ڪيچ پنهل ڏي، لنو ٻاروچو ويو لائي
٤. ٻانهي ٻاروچن جي، سنگڙو کهڙو ساهي
٥. سرتيون شاهه لطيف چوي، حجت هوت سان ناهي.

اِهو نازڪ ناتو توڙ تائين خير سان لبهي اچي، هر
شريف طبع انسان جي آرزو آهي. هن عجيب دنيا جا
سنگي ساٿي نه رڳو ڏيکاڏيکيءَ مان جاڻن ۽ چوهندڙ سڀ
جو سلام ڪرڻ ۾ افلاطون آهن. ڪي نه چاهه ني سو دل
تي سمجهي، پٽ ورانڻ سان پٺيون ميساريو ڇڏين. پر
اُها الفت ناهي، محبت ناهي. قرب وارا سڄڻ سدا
سيني اندر سانڍيو وٺن. سنڌي شاعرن جي طبيعت
جي نزاڪت ۽ کهڙي نه نفيس چٽبي، جو هو پاڻ کي
سدائين نار تصور ڪري، پتوڙت ستيه وٺيءَ وانگر پيار
ڀنا ٻي ڪنهن لاءِ هنئين اندر حب نه سانڍيندا آهن.
ڏسو نه سچل فقير انهيءَ حب ۽ وفاداريءَ جو ڪهڙو نه
دل پڄائيندڙ ورنن تو ڪري:

توسان منهنجي يار، رهجي اچي شال

١. آءٌ چا جاڻان عشق منجهارون، ٻڌي والڙا بار
٢. طرف نه ٻئي ڪنهن خيال رنيايان، آهي سدائين نار
٣. هوندين هميشه گڏ اسان سان، ليٽين وهايم نار
٤. ٻانهن سچوءَ جي سهڻا سائين، پرتي آئو سردار.

آخرڪار سنڌي شاعرن جا پُور سُور، لوريون جهوريون
لوندي، مرحوم آغا غلام نبيءَ جو هيٺيون ڪلام ڏني
تو اچي، چاڪاڻ نه نازهاءِ سڪول ۾ هو اسانکي سنڌي
پاڙهيندو هو:

ڪٺي ڇڏ آسرو گل تان، چمن ڇڏ اي اڏر بلبل
هزارين جي پڙهين جادو، نه تنهنجو گل ٿئي بلڪل

ٻر جن جو مزاج ٻالڪپڻ کان ئي عاشقاڻو آهي، تن کي زندگيءَ ۾ آهن سوُر ئي سوُر. گويا سندن ماءُ ننڍپڻ ۾ ئي سورن جي لولي ڏني اٿن:

ڏني ڪا ماءُ سورن جي، ٻيندگهي ۾ لولي (آلا)
١. ٻئر پانيان پالڪي، ڏونگر پايان ڏولي (آلا)
٢. روئي پرينديس رڻ ۾، چاڪن ٻري چولي (آلا)
٣. اهڙي ڪانءِ ڪا هئي، ٻاروچل ٻولي (آلا)
٤. سرتيون شاهه لطيف چوي، صاحب ڪندو سولي (آلا)

ڪڏهن نه اِهي سوُر سالي پيندي، انسان جي مختصر آيُو انين ئي گذري ويو وڃي:

راتڙي تو بن راتڙي، مونکي ويئي ورهه لنگهي ويا
١. آءُ نه اوهان جي آهيان، ڪهڙي ٻچو ٿا ذات؟
٢. ڪوڙ چوليڻ پنديس ڪاڪ جا، ٻره ڦٽي ٻرپات
٣. سڄي هيڙس سيج تي، تارن ٻري هئي رات
٤. سرتيون شاهه لطيف چوي، ڏاڙ ڏيندم ڏات

رات جو تارا تڪي تڪي، نيٺ ٻر تيو پڇي ۽ ماٺهو ڪو ارادو ڪري سندرو ٿو ساهي:

ٻيج ڦل وڃو ٻاڻي، هل ڪاهي، هت چاهي؟
١. ڏينديس ٻاهه ٻنيور کي، لاڳاپا سڀ لاهي
٢. ترن ۽ ٻرن ۾، منهنجو اُجهو آرياڻي آهي
٣. ڪهنديس ڪيچ ٻنهل ڏي، لنو ٻاروچو ويو لاڻي
٤. ٻاڻهي ٻاروچن جي، سنگڙو ڪهڙو ساهي
٥. سرتيون شاهه لطيف چوي، حجت هوت سان ناهي.

۱- چمن مان آشيان پنهنجو ڪٽي بلبل هلي روئي-
چيائين اي صبا ٽوڪي، اٿي پرلو لــ منهنجو گل ٠

۲- فصل گل آهه، اڙي ظالم، رحم ڪر باغبان مون تي-
گهڙي هڪڙي ڇڏ گل سان، هلي هيڪر ڪريان محفل

۳- ڇڏائيندو چمن مونکان، ڇپو سڏڪا ڀري بلبل-
الهيءَ مان ڇا ٿيو آخر، اوهان ڪسي باغبان حاصل٠

۴- نه رهه لون آسري گل جي، نه ٿي بدنام اي بلبل-
اڏر ڇڏ آشيان گل سان، ملڻ جنهنجو آهه مشڪل٠

۵- نه گل کي دل ۾ آهه الفت، لڪي آهه باغبان پنهنجو-
الهيءَ ڪان هاڻ اي آغا، ڇڏڻ آهي چمن افضل٠

سنڌ جي باغبان کي نه اسان لـي ڪو رحم ڪو نه
آيو، پر هند جي باغبان........؟ بهتر نه هن سر دسمي
پنهنجو ني ڪو بسنت بهار سوري، هن ڀريالڳ ۾
ٻهاري لڳايون٠ آپڻي گهوٽ نه نشا ٿيوني!

رت آئي، قل قولي- ڪليا بسنت بهار
۱- اَنهد باجا باجن لاگي- تال مردنگ جهنڪار
۲- سرت لرت مل، ناچن لاگي- ڪيا پدور غفا ۾ قرار
۳- موهن مورت درس دکايا-
جهگ مگ جوت جهلڪار
۴- وات اٽاگي، اَوگهٽ گهاٽي، آتم سوُريه اُجيار
۵- ڪيشو رام اَر اَنتر رميا- گايا منگل چار

بيت: عشق چراغ ٻيا جب روشن- ٻئي رتن الڏيري
گيان اَنڌن وچ، پاهه اکين دي- اُلٽي ڪاڏي ڦيري

جت ديکان، اُت آپ درسي،
سڀ گهٽ صورت تيري

شاه جي تمثيل ۾ ميڻهن آهي ليڪهن، جوڻي انساني زندگيءَ جو ٿو ٻُر سرسبز ٿو ڪري. هن وقت هتي به ٻوند پئي ٻرسي ۽ سرد هوا جا جهٽڪا ۽ ڦٽڪا ٻرپت جهاڳي جبل اوراڪهي، گهوگهات ڪندا داخل ٿين ٿا. پرڪرتيءَ ۾ ايڏي شور گوڙ، جوش جولان ڇو مطلب چاهي؟ ڪٿان ٿا اچن اهي بادل ۽ وڄون، هوائون ۽ سرديون؟ ڇا چئجي! پر هيءَ مت جيڏي دل انهن جي لنڊي ۽ شوخي پر ڊجي لٿي - بلڪ ناڪي ٿي ته اڇانگ ماري وڃي انهن لهرن ۽ لغزشن سان لڏ ڪڏ. هيءَ برسات پگهريل برف آهي. گهڻي مدت پڇاڻا اها چڻڪار ڳل تي محسوس ٿو ڪريان ۽ من ئي من ۾ ڪيڙ جهڙي اچي ۽ پشم جهڙي نرم برف سان ٻه ڪيل اجهاڳ جهاڳيندو ٿو وڃان، تان جو سمڪ ٿي ٻوي ته هتي جو سيارو سرد ملڪن جي بهار جهڙو آهي:

بادل آيو بهار ميان - ڪر ڪا يار وسڻ جي

١- گل گلابي ڪنول ڪوماڻا - توڙي چمن چوڌار ميان -
بادل آيو بهار ميان

٢- ڪري وسڪارو پر تون پار يون-
ڪڙن گل گلزار ميان - بادل آيو بهار ميان

٣- وڻ سُڪا سڀ ساوا ڪر تون -
ٿين انب آنار ميان - بادل آيو بهار ميان

٤- پوڄي کي نت آس اڻائي،

سهڻا لهندين سار ميان - بادل آيو بهار ميان

هن مختصر مضمون ۾ سنڌي ڪلام جو نچوڙ ڏنل آهي عجب، آهي عجب. موجوده زنده شاعرن جا اهڙا ۽ گيت، ۽ هن بيمار بدحواس بيوس لاچار دنيا لاءِ ارمان ۽ اضطراب خواه غيرت ڀريون شرر انگيز برقي چڻگاريون ۽ زمان مڪان لاءِ ڦٽڪارون هن هنڌ ڏئي نه ٿيون سگهجن، ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جو موضوع ئي نرالو آهي. جي ڪنهن وقت روح ريلو ڏنو ۽ نڻ ٻڌجي آيو ته سنڌن صحبت جو لطف به ونبو ۽ ونائبو.

انهي ۾ هي ڀاڱو آرتيءَ سان سمايت ڪرڻ ئي واجب ٿيندو. آرتي آهي آدتي يا روشنيءَ جي پوڄا، ۽ اها روشني آهي سرو جوتيمان جي جوت جو پرڪاش، جنهن جي ئي مهما جڳائي. رشين منين جي به آراڌنا هئي: "اَستو ما ست گميه. تمسو ما جيوتر گميه - مرتيو ما امرتم گميه."

جڏهن انسان باه ٻارڻ نه سکيو هو، تڏهن جهنگلن ۾ رهندي رات جي اونده ۾ ايڪ مصيبتون ڏسي هراسبو هو، ۽ تلاش ۾ هوندو هو ته ڪا راڌو باه ٻارڻ جو فن ڪيئن ايجاد ڪجي. پوءِ جڏهن رشي انگيرس پٿر تي پٿر گهي باه ٻارڻ جو فن ايجاد ڪيو ته اها باه هرڪو ٻاڻ وت سانڍي رکندو هو، ۽ ائين ڪرڻ سان نه رڳو مشڪلات سان باه ٻارڻ جي تڪليف کان ڇٽي پوندو

ڏرمن ۾ داخل ٿيل آهي. مسلمان شام جو نماز پڙهندا آهن ۽ اوليائن جي قبرن تي واس ڌوپ ڪندا آهن، ٻوڌي گهنڊ ٽيون وڄائي ارداسون پڙهندا آهن، ڪرستان سنڌيا جي پوڄا ڪندا آهن ۽ هندو آرتي. اها رسم عالمگير آهي، ڇاڪاڻ ته سوريه شڪتيءَ ڏاتارن ٿي پرتويءَ تي جيون پرڪاش ٿئي ٿو. سج نه هجي ته دنيا مساڻ بڻجي پوي. انهيءَ ڪارڻ سج لهڻ پڇاڙا جا رات جي اونده اچڻي - اونده آهي موت جي علامت - تنهن ۾ جوت جي خاص ضرورت آهي. اهڙي وقت آڪاش ۾ چنڊ تارن جو شاندار جلوس ڏسي ماڻهو سوچي ٿو ته انهيءَ وچتر ماڻداڻ جو منڊ ڀنڊڙ انڌيري جي آپدا ڪال ۾ به سندس سهائي آهي. انهيءَ ڪري سنڌيا ڪال جڏهن ڍڳيون ميهون، رڍون ٻڪريون چارو چري گهڻ گهڻ ڪنديون وڻاڻ ورن ٿيون ۽ ڏينهن جي سخت ڪشالي پڇاڙا هاري ناري ڪمي ڪاسبي گهر موٽي ٿو ۽ ٻاڻيون مايون ڪني چاڙهڻ لڳن ٿيون، تڏهن ڏينهن جا پورهيا ٿاڪ پوڻ خواه رات جو سک سان آرام لاءِ ايشور جا ٿورا مڃڻ آهي سنڌيا جي پوڄا. اهڙي سمي ڪو شاعر آسمان جي ريٽي رنگي نيري ڇت ۾ ڪروڙين ستارن جي جهڳمڳ ڏسي سعديءَ وانگر بي اختيار چئي ڏي:

"نگه ڪن برين گنبد زرنگار -
که سقفش بود بي ستون استوار"

تہ اها ڪوتا ته، ٻر اَستي ليکبي، جنهن ۾ ايشور جي مهما جو ورنن ڪيل آهي.

شيڪسپيئر جي هردي اندر ٻہ جذهن اهو اِنگ جاڳيو تہ چٽي ڏ تائين:

How sweet the moonlight sleeps,
upon this bank!
Here will we sit, and let the sounds of music
Creep n our ears: Soft stillness and the night
Become the touches of sweet harmony.
Sit, Jessica. Look, how the floor of heaven
Is thick inlaid with patines of bright gold:
There is not the smallest orb which thou
beholdest,
But in his motion like an angel sings,
Still quiring to the young-eyed cherubins,-
Such harmony is in immortal souls;
But whilst this muddy Vesture of decay
Doth grossly close it in, we cannot hear it.

گرو نانڪ پڻ هڪ اهڙي آرتي ڪئي آهي، جا سنسار ساهتيہ جو بي بها مٺيو آهي:

١- گگن ميہ ٿال ر وچند ديپڪ بني -
تارڪا منڊل جنڪ موتي
ڌوپ مل آنلو پون چوُرو ڪري -
منگل بنرو ڦولنت جوتي

ار۔ ڪئسي آرتي هوء پتو ڪندنا تيري آرتي۔
انهد شبد واجنت ڀيري

٢۔ سهس تو نئن، نه نه ائن هئه توهه ڪئه۔
سهس مورت ننا ايڪ توهي
سهس پد بمل، نه نه ايڪ پد۔
گند بن، سهس تو گند، او جلت موهي،

٣۔ سڀ مهه جوت، جوت هئي سوء۔
تس ڪي چانڻ، سڀ مهه چانڻ هوء
گر ساکي جوت پرگهٽ هوء۔
جو تس ڀاوئي، س آرتي هوء
هر چرڻ ڪمل مڪرند لوڀت مدو۔
ان دن موهه آهه پياسا
ڪرپا جل ديهه، نانڪ سارنگ ڪئه۔
هوء جائي تيري ناء واسا.

هائي پڙهو ڪبير جي آرتي:
پريائي: سن سنڌيا تيري ديو ديواڪر، اڌ پت آد سهائي
سڌ سماڌ انت نهين پايا، لاگ رهي سرنالي
ليهه آرتي هو پرک نرنجن، ستگر پوجهه پائي
ار۔ ناپا برهم نگم بيچارئي، الک نه لکنا جائي
تت تيل نام ڪيتا باتي، ديپڪ ديهه اجيارا
جوت لاء جگديس جگائيا، بوجهي بوجهن هارا
نيچي شبد اناهد باجي، سنگي سارنگ پاني
ڪبيرداس تيري آرتي ڪيني، نراڪار نرباني

پوڄا نه رڳو ايشور جي ڄڳائي، باقي ٻين جو سنمان ستڪار ڪري سگهجي ٿو. پوڄا ۽ سنمان ۾ فرق آهي. لنهن هوندي به لوڪ استول وستو يا وِيڪتيءَ جو سهارو وٺن ٿا. روڪ هوندي به مسلمان قبرون پوڄن ٿا ۽ سک گرنٿ ڪنور جي پريمين به آرتيون ڪرڻ شروع ڪيون آهن. هت ڪرشن موهن (گرگ) جي رچيل آرتي ڏجي ٿي جا ٻين جي ڀيٽ ۾ بهتر آهي:

اوم ڀڳت ڪنور سوامي - جئه ڀڳت ڪنور سوامي
دکيون ڪي سک داتا - جئه انترڀامي ... اوم ڀڳت

١. ستيه اهنسا کي پرتي پالڪ - هي شيواڌاري
هي ڪرم ويرهي ڌرم وير - جئه مانش اوتاري ... اوم

٢. ڪام ڪروڌ کو جيتا - تمني ڀڳوت ڀڳتي ڪري
ڀڳتي ڪا مارگ دکايا - سب پر ڪرپا ڪري ... اوم

٣. دان ديا تپ تياگ کو جانا - مهما اَتي ڀاري
شرڻاگت کو اَڀيه دان - ديا - ڌن ڌن بلهاري ... اوم

٤. ڀڳت ڪنور ڪي آرتي - جو ڪوئي نر گاوي
کهي داس ڪر جوڙي - ڀؤ سي تر جاوي ... اوم

---

ورتمان سمي هردوار هندن جي تيرٿن ۾ برک آهي، جتي پڻ سنڌ يا ڪال آرتي ڪندا آهن. هردوار آهي هر = شو يا هري = وشنوءَ جو دوار ۽ گنگا مئيا جو مک. گنگا جي لفظي معنيٰ آهي وهندڙ نهر. اڳ ۾ الهيءَ

هر ٻوٽيءَ تي سوريه اَستِ ٿيا ٿا، جڏهن گنگا مئيا جي ڪومل اُجل ڀوڏلي اُره تي ڪيوڙي جي سبز پٽن جون ٿهيل ٻيڙيون رنگ برنگي گلن ۽ ڪافوري ديپڪن سان سجايل، لڏنديون لمنديون اٿهنديون دور دور تائين ٽمڪي ٽمڪي جهڳ مڳ لڳائينديون، تيز تيز وهڪري ۾ وهنديون وينديون آهن، ۽ شوالڪ پربت جو لنبو لنبو ڀاڇو نرمل جل جي شفاف آرسيءَ تي ڇايا وجهي لرزان لرزان اوڀر طرف وڌندو ويندو آهي؛ ۽ ٽپوبن جا جهاڙ خواه نيل پربت جي رمڻيڪ نيلگون رنگت ۽ چوٽين جي ڦيڻ جهڙي گهري هردي ۾ شانتي ۽ آنند جي سرهي سيتلتا اُتپن ڪندي آهي؛ ۽ برف جهڙي سرد ۽ شيشي جهڙي اوجل ڌارا مٿان هلڪي هير جو دل آويز پرواه شريرن ۾ سيات آڻيندو آهي، تڏهن پريان سنک ۽ ناد جي ڌن ۽ گهنٽن جي گهڻ گهڻ، ويد منترن ۽ اُستتين جي مڌر واڻي ۽ ديپڪن جي ٽم ٽم وقت برهم ڪنڊ تي اڪيچار شرڌالن جي موجيلي ڌلي، جا تن مشعلن کي ڪنني تي لوڏيندي "جئہ جگديش هري" جي سريلي آواز سان ڀڏبي آهي، سا ڪداچت وسرڻ جي ناهي:

جئہ جگديش هري

پڪت جنون ڪي سنڪت، ڇن ۾ دور ڪري

۱. جو ڌياوي ڦل پاوي، دک ونشي من ڪا

سک سمپتي گهر آوي ، ڪشٽ مٽي تن ڪا

۲. مات پتا تم ميري ، شرڻ گهڻون ڪس ڪي
تم بن اؤر نه دوجا ، آس ڪرون ڪس ڪي

۳. تم پورڻ پرماتم ، تم انترجامي ،
پار برهم پرميشور ، تم سڀ ڪي سوامي - اوم جئه ...

۴. تم ڪرڻا ڪي ساگر ، تم پالن ڪرتا
مين مورک ڦل ڪامي ، ڪرپا ڪرو ڀرتا

۵. تم هو اگم اگوچر ، سب ڪي پران پتي
ڪس ٻڌ ملون گسائين ، تم ڪو مين ڪمتي

٦. دين بندو دک هرتا ، تم ٺاڪر ميري
اپني هاٿ اٺائو ، دوار پڙا تيري

۷. وشيه وڪار مٽائو ، پاپ هرو ديوا ،
شرڌا ڀڪتي بڙهائو ، سنتن ڪي شيوا .

اوم جئه جگديش هري .

اڳ ٻوءِ مران، مر مران مارڳ ۾.
متي ٻوءِ ٻريان، خون مهنجو جيڏيون.

---

سختي شهادت جي نسوروئي ناز
ڪي رند ٻروڙين راز، هن قضئي ڪنور جو!

بمبئي پرڳڻي کان سنڌ جدا ٿيڻ پڄاڻا، سنڌي وايو منڊل ۾ هيجان پيدا ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته سنڌ اندر سياسي خواه آرٿڪ حالتون لوڪشاهيءَ لاءِ موزون نه هيون. درحقيقت سنڌي فضا ۾ ولوڙ اسهيوگ آندولن جي آرنڀ سان ئي جريان ۾ آيو، جو رفته رفته ويو زور ٻڌندو. اسهيوگ آندولن سنڌ اندر هندي اثر ۾ اضافو آندو. ان کان اڳ ٻه ڪن تحريڪن جو هلڪوائڻ لڪائتو رنگ ڪن جزوي ماڻهن کي لڳي ويو هو ۽ انهن پنهنجي وسعت آهر سنڌين کي ٻه ساڳئي رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. مثلاً بنگال ۾ برهمو سماج ۽ آديار ۾ ٿياسافي، پنجاب ۾ آريه سماج ۽ آگري ۾ راڌا سوامي پنٿ وارن جي پرچار سبب ڪي سنڌي انهن سنستائن

پيو. البت جيسين ڪمشنري راڄ هو، تيسين شورانگيز
۽ فتنه خيز عناصر ڪي قدر ضابطي هيٺ هئا، پر
لوڪشاهيءَ جي جريان ۾ اچڻ سان ماڻهن جي قسمت
جون واڳون زميندارن جاگيردارن، سيٺين شاهوڪارن
جي هٿ ۾ آيون، جي گهڻو ڪري عياش ۽ رعب جا
خواهان، جاهل ۽ اڻ پڙهيل، خود غرض ۽ بد اخلاق
هئا. انهيءَ سبب سنڌ جي جدا ٿيڻ شرط ئي بدامني ۽
بداخلاقيءَ زور ورتو، ۽ خاص ڪري هندن کي اهڙا
ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا، جي سندن مختصر احساس ۾
دکدائڪ دؤر ئي ليکبا:

اُڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالو ڀو ڪنگن
ايندي لڄ مرن، ٿهن سر مٿي هنجڙا.

مون اڳيئي اشارو ڏنو آهي ته سنڌ اندر هندن خواه
مسلمانن وٽ ڪو برجستو ليڊر نه هو، جو سنڌ جون
حالتون جاچي، پنهنجي سر پنهنجي پڌي ۽ ٻل سان
ماڻهن جي رهنمائي ڪري. باقي جيڪي ٿلها سنها
ليڊر هئا، سي رڳو هندي وهڪرن وهيڻا هئا. مذهب
کا ذاتي مٽيا ۽ مهانتا نه هئي. البت چند جيان سج
جي روشنيءَ ئي چاڪات ڇڏيندڙ ۽ گهڻ نعمت ناهن
۽ اهڙيون نعمتون شايد ضرورت کان زياده هيون. تنهن
ڪري جڏهن سنڌين کي ليڊرشپ جي سخت ضرورت
هئي، تڏهن هرڪو ٽنگ ڪڍي بيٺو، ۽ اڻ ڄاڻ پنهنجي
وهه وڃي، پاڻ لاءِ خواه ٻين لاءِ مصيبت جو باعث بڻيا.

مثل، ۽ پنهنجي شخصيت جو احساس نہ اٿئون نہ سرشٽيءَ جي دفتر ۾ اسان جي هستي ليکي ڪا سمان ٿي ليکبي. انهيءَ ڪارڻ لازمي آهي تہ ڪنور جي سنيهن کي پنهنجي اڀاڻي ارٿ وسارڻ نہ گهرجي. اهائي تہ اساڻي وشيشتا آهي ۽ انهيءَ ڌاران ٿي ڀارت جا گهڙا پري سگهنداسين. سنڌ سمدرشي، سرو هتڪاري، پراڻي ماڻر سان پيار ڪندڙ، سوتنتر سياءَ ۽ اڀيد سماج وارا آدرچت مهاپرش پيدا ڪيا. جڳائي تہ هن آپڻا ڪال ۾ بہ سنڌن شان اوچو رکون، جڳہ جڳہ ۾ سنڌن ڪيرتيءَ جا گيت ڳايون، ۽ ديس ديسانتر ۾ اهو پيغام پهچايون، جئن انهي اٿر هيت جگت ۾ پراڻي ڀاؤ ڦهلجي، انتر ديسڪ ۽ ڌرمي ويڇا دور ٿين، ۽ منش جاتي نئين سماجڪ جيون جو ورق ورائي.

"ستيم ايوا جنتي"

سچ جي سدائين سوڀ آهي.

ڪنور زنده باد!

**تيرٿ بسنت**